# سُوۡرَةُ الۡاَنۡبِيَآءِ

سورة الانبياءِ جو نالو ڪنهن خاص آيت مان ورتل نہ آهي، پر هن ۾ لڳاتار ستن نبين جو ذڪر ٿيو آهي، ان ڪري هن کي سورة الانبياءِ سڏيو وڃي ٿو. هيءَ سورت مڪي جي درمياني دؤر ۾ نازل ٿي آهي. مڪي جي آخري دؤر ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مخالفتون ٿي رهيون هيون، اهي پهرئين دؤر کان ڪجهه گهٽ هيون، پر مشڪلاتون ۽ مصيبتون موجود هيون. قرآن مجيد جي ترتيب مطابق هن سورت جو 21هون نمبر آهي، پر نزول جي حساب سان 65 لکيو وڃي ٿو. يعني 64 سورتون مڪہ معظم ۾ هن کان اڳ نازل ٿي چڪيون آهن، باقي 25 سورتون هن کان بعد هجرت کان اڳ مڪہ ۾ نازل ٿيون ۽ 24 سورتون هجرت کان پوءِ مدينہ منوره ۾ نازل ٿيون. هن ۾ ست رڪوع ۽ 112 آيتون آهن. هن سورت ۾ خاص مضمون هن طرح آهن: (1) حضور ﷺ طرفان مڪي جي ڪافرن، مشرڪن ۽ عرب جي ماڻهن ۾ پکڙيل غلط فهمين جو وڏي تفصيل سان رد ڪيو ويو آهي. (2) ڪافر ماڻهو قرآن ڪريم تي جيڪي اعتراض ڪندا هيا، انهن جو جواب ڏنو ويو آهي. (3) دينِ اسلام جي مخالفت ڪندڙ ڪوڙو چوندڙ ۽ منڪر ماڻهن کي سندن تباهي ۽ بربادي جي عبرتناڪ واقعن سان ڪين خبردار ڪيو ويو آهي. (4) شرڪ جي ترديد ۾ الله تعالىٰ لاءِ اولاد هجڻ جو عقيدو پرزور لفظن ۾ رد ڪيو ويو آهي. (5) ڪافر هميشہ عذاب جي جلد اچڻ جي خواهش ڪندا هيا، انهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ جلد بازي نہ ڪيو، ذرا ان وقت جو انتظار ڪيو تہ جو ڪجهه اچڻ وارو آهي، اهو ٿيو آهي. (6) جيڪي ڪافر نبين جو انڪار ڪندا هيا ۽ انهن تي چٿرون ڪندا هيا، انهن جو الله تعالىٰ جي عذاب کان بچڻ ممڪن نہ آهي. (7) پوين نبين جو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سڀ انسان هيا ۽ سمورن نبين جو دين هڪ آهي، جنهن جي تبليغ هاڻي هي آخري نبي حضرت محمّد مصطفىٰ ﷺ ڪري رهيو آهي. هاڻي ماڻهن جي هدايت تي هلڻ ۽ عذاب کان بچائڻ لاءِ هي آخري رسول آهي، جنهن جي پيروي ڪرڻ هر انسان تي لازم آهي.

هن سورت جو خلاصو اهو آهي تہ ماڻهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪجي. ڪافرن جو خيال هيو تہ هن نبيءَ کي ڪوڙو سڏڻ ۽ مٿانئس چٿرون ڪرڻ ۾ الله تعالىٰ جي طرفان اسان تي ڪو عذاب نٿو اچي، جنهن مان ثابت ٿيو تہ هيءُ الله جو رسول نہ آهي.

آيتون ١١٢ | سُوْرَةُ الْاَنْبِيَآءِ (مكي سورت) | ركوع ٧

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَ هُمْ فِيْ غَفْلَةٍ مُّعْرِضُوْنَ ۚ ١ مَا يَاْتِيْهِمْ ١٧ منزل ٤
مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَ هُمْ يَلْعَبُوْنَ ۙ ٢ لَاهِيَةً
قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اَسَرُّوا النَّجْوَى ۖ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ هَلْ هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۚ
اَفَتَاْتُوْنَ السِّحْرَ وَ اَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ٣ قٰلَ رَبِّيْ يَعْلَمُ الْقَوْلَ فِي السَّمَآءِ وَ
الْاَرْضِ ۫ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ٤ بَلْ قَالُوْٓا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ بَلِ افْتَرٰىهُ
بَلْ هُوَ شَاعِرٌ ۚۖ فَلْيَاْتِنَا بِاٰيَةٍ كَمَآ اُرْسِلَ الْاَوَّلُوْنَ ٥ مَآ اٰمَنَتْ قَبْلَهُمْ
مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا ۚ اَفَهُمْ يُؤْمِنُوْنَ ٦ وَ مَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ اِلَّا رِجَالًا
نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ٧ وَ مَا
جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَ مَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ ٨ ثُمَّ
صَدَقْنٰهُمُ الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَ مَنْ نَّشَآءُ وَ اَهْلَكْنَا الْمُسْرِفِيْنَ ٩ لَقَدْ
اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۧ ١٠ ع ١

ماڻهن جي حساب جو وقت قريب اچي ويو آهي ۽ هو غفلت سبب منهن موڙي رهيا آهن. (1) سندن رب پاران هنن ڏانهن جيڪا تازه تازه (نئين نئين) ياددهاني (نصيحت) اچي ٿي، اهي ان کي لهو و لعب (چرچو يا يوڳ) وانگر سمجهن ٿا. (2) هنن جون دليون غفلت (گمراهي) ۾ آهن ۽ اهي ظالم ماڻهو سرگوشي (ڪن ڦوسي) ۾ ڳالهيون ڪن ٿا ته هي شخص (محمد ڪريم خاتم النبيين ﷺ) ته اوهان جهڙو بشر هجڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. اوهان حقيقت کان آگاهه ٿيندي به هن جي جادوءَ ۾ اچي وڃو ٿا.(3) جنهن تي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ فرمايو ته الله زمين ۽ آسمان ۾ ٿيندڙ هر گفتگوءَ کان خوب واقف آهي ۽ هو السميع (خوب ٻڌندڙ) ۽ العليم (خوب علم رکندڙ) آهي. (4) وڌيڪ هو چون ٿا ته هي (قرآن) پريشان خيالات آهن. هي پاڻ ان کهاڻين (قرآن) کي جوڙي پيش ڪري ٿو، يا ته هو هڪ شاعر آهي، پر جيڪڏهن هو واقعي خدا جو رسول آهي ته پوءِ هو ڪو معجزو ڏيکاري، جهڙي طرح هن کان اڳ نبين کي معجزن سان مبعوث ڪيو ويو هو.(5) تون ڪين چئو ته هن کان اڳ اسان جن آبادين (بستين) کي هلاڪ ڪيو هو، انهن ايمان نه آندو هو.(6) اسان تو کان اڳ به مردن کي ئي رسول ڪري موڪليو آهي، جن ڏانهن اسان وحي ڪئي هئي، جيڪڏهن اوهان کي معلوم ناهي توهان اهل ذڪر (اهل علم اهل ڪتاب) کان معلوم ڪري وٺو. (7) اسان انهن (رسولن نبين) کي اهڙو جسو جسم نه ڏنو هيو، جو کاڌو نه کائن ۽ نه وري هو هميشه حياتي پائڻ وارا هئا. (8) پوءِ اسان هنن سان سمورا ڪيل وعدا سچا (پورا) ڪيا. پنهنجي قانون مشيت مطابق ڪين نجات عطا ڪئي سون ۽ ظالمن کي هلاڪ ڪيوسون. (9) هاڻي اسان اوهان طرف اهڙو ڪتاب نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ اوهان لاءِ پندو نصيحت (درس هدايت) آهي، ڇا اوهان ايتري سمجهه به نٿا رکو. (10)

سوره طٰهٰ جي آخري آيتن ۾ ڪافرن کي تنبيه ڪئي وئي آهي تہ اوهان حق ۽ هدايت کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي اعمال جي نتيجن جو انتظار ڪريو، اتمام حجت ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي اهو وقت قريب اچي ويو آهي، جو ماڻهن کان (سندن ڪارڪردگيءَ جو) حساب ورتو وڃي. هڪ طرف هي هڪ حقيقت آهي، جيڪا هر حال ۾ وقوع پذير ٿيڻ واري آهي، جنهن کي ڪو بہ ٽاري نٿو سگهي. هنن جيڪي ڪجهہ چڱو يا برو ڪيو آهي، ان جي جانچ پڙتال ضرور ٿيڻ واري آهي ۽ ان جي روشني ۾ سزا ۽ جزا جو فيصلو ٿيندو. هنن کي ان جو تصور ڪري، پوري تياري ڪرڻ گهرجي ها، مگر هنن بدبخت ماڻهن جو اهو حال آهي جو هو گمراهي ۽ غفلت ۾ ايترو تہ سرگردان آهن، جو حق ۽ سچ جي راهہ کي صدق دل سان قبول ڪرڻ بدران ان کان منهن موڙي وينا آهن ۽ ان طرف ذرا بہ توجهہ نٿا ڪن. (الشعراء: 5/26) هت بہ لفظ ”غفلت“ ۽ ”اعراض“ استعمال ٿيا آهن. غفلت معنیٰ زندگيءَ جي اصل حقيقت جاڻڻ کان بي پرواهہ ڪرڻ ۽ توجهہ لائق نہ سمجهڻ بہ انسان لاءِ سندس شامت ۽ آزار جو دليل آهي ۽ هڪ وڏو ڏوهہ آهي، پر اهو جرم ان وقت اجان وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿو، جڏهن ڪو همدرد شخص ان جي هولناڪ نتيجن کان آگاهہ ڪري ۽ پوءِ بہ انسان ان ڏانهن توجه نہ ڏئي ۽ هرحال ۾ ان کان منهن موڙي، نظرانداز ڪري ڇڏي. هت بہ خطاب جي ان سنگينيءَ طرف اشارو يا اعلان آهي تہ اي اهل قريش! اوهان انسانيت جون سڀ حدون پار ڪيون آهيون. اوهان کي سڌرڻ لاءِ ڪافي مهلت بہ ملي، پر اوهان پنهنجي ضد ۽ گمراهي ۾ ويران وير وڌ آهيو، ان ڪري هاڻي عنقريب محاسبو ٿيڻ وارو آهي ۽ هجرت مدينه بعد اها وارننگ سچ ثابت ٿي جو اسلام کي فتح و نصرت جون واڌايون ملڻ لڳيون تہ ڪافرن لاءِ شڪست ۽ حسرت جو دور شروع ٿي ويو. هن آيت مان مراد قيامت آهي، جنهن لاءِ نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي: ”بُعِثْتُ اَنَا وَالسَّاعَةُ كَهَاتَيْنِ“ يعني قيامت ۽ مون ۾ 2 آڱرين جيترو فرق آهي.

هنن ماڻهن جو اهو حال آهي جو هنن ڏانهن وقت ۽ حالتن مطابق جڏهن جڏهن بہ تازو حڪم اچي ٿو تہ هو ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي اصلاح ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ سنجيدگي سان غور نٿا ڪن. هي ان کي تماشو ڇئي مذاق وانگر سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏين ٿا. هي انتهائي غافل انسان پنهنجي هن ڪارگذاريءَ کان بلڪل لاپرواهہ آهن ۽ ان ڪري ان

جي مذاق ڪرڻ ۾ مشغول آهن. ”مُّحۡدَثٍ“ مان هت مراد حالت مطابق تازه تازه وضاحتون ۽ نيون نيون آيتون مراد آهن، باقي قرآن الله جو ڪلام آهي ۽ قديم آهي. يعني نزول وقت نيون نيون ۽ تازه تازه لڳن ٿيون، پر اصل ڪتاب جي حيثيت الله جو ڪلام قديم آهي. ان ڪري معتزلن جو نظريو ته ڪلام الله حادث آهي، اهو غلط آهي.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے، شاہین کا جہاں اور

* * *

گذر اوقات کرلیتا ہے یہ کوہ و بیابان میں
کہ شاہین کے لئے ذلت ہے کارِ آشیاں بندی

(اقبال ﷫)

هي ماڻهو هڪ ته غفلت ۽ گمراهيءَ ۾ غرق آهن، جو حق ۽ سچ ٻڌڻ ۽ چوڻ جي جرئت نٿا رکن، مگر هي بزدل پاڻ ۾ سرگوشون (سس پس) ڪري، نڳيءَ جا ناهه ناهين ٿا ته آواز ڪي ڪهڙي طرح بند ڪجي. هو سمجهن ٿا ته هنن جي انهن سازشن ۽ چالن ڪان ڪو واقف نه آهي. هو هڪ ٻئي کي اهو به چون ٿا ته هي توهان جهڙو بشر آهي. اوهان وانگر کائي ٿو، گهمي ڦري ٿو ۽ ڪاروبار زندگي هلائي ٿو. نبي يا رسول ته آهي عام انسان، پر دعوىٰ ڪري ٿو ته هو خدا پاران موڪليل نبي آهي، جيڪا ڳالهه سراسر غلط ۽ گمراهه ڪن آهي. توهان پاڻ اکين سان ڏسي رهيا آهيو ته هو ڪجهه به نه آهي. هڪ ساحر ۽ جادوگر آهي، جنهن جي پيروي ڪرڻ لاءِ اوهان سندس معتقد ٿي، گمراهه ٿي رهيا آهيو. ڪافر سمجهن ٿا ته خدا جي رسول سان سندس تائيد ۾ فرشتا هوندا آهن، مگر هن يتيم ۽ مسڪين شخص کي الله پاران نبي ڪري موڪلڻ جو ڪهڙو جواز آهي. هت ”اَسَرُّوا النَّجۡوَى“ مان مراد آهي ته نهايت لڪي ڪنهن ڳجهي هنڌ ڪنن ۾ آهسته آهسته ڳالهيون ڪن ٿا، جو ته ”اَلنَّجۡوَى“ چئبو ئي آهي ڪنن ۾ نهايت آهستي سرگوشي ڪرڻ واري کي. ”اَسَرُّوا“ ۾ ان پوشيده سازش کي وڌيڪ ڳجهو ڪري بيان ڪرڻ آهي. هنن ڪافرن کي سندن رسول چوي ٿو ته هي جو ڪجهه مان اوهان جي آڏو پيش ڪري رهيو آهيان، ان الله

طرفان آهي، جنهن کان ڪا بہ شيءِ ڳجهي ناهي، هو زمين ۽ آسمان ۾ جو ڪجھ ٿئي ٿو اهو سڀ ڪجھ ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. اوهان لڪي لڪي ڪنهن ڳجهي هنڌ تي بلڪل آهستي هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ گفتگو ڪريو ٿا تہ الله ان کي حرف بحرف ٻڌي ٿو. نہ رڳو ٻڌي ٿو پر ان جي معنىٰ ۽ مقصد کي بہ پوري طرح ڄاڻي ٿو. "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" (المؤمن: 19/40) هو اکين جي خيانت ڪرڻ ۽ سيني ۾ ڇپيل رازن کان بخوبي واقف آهي. "وَ اَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" (الملڪ: 9/67) اوهان پنهنجي گفتگو راز ۾ رکي ڪيو يا آواز سان ڪيو، خدا هر حال ۾ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. ڪافر بہ پنهنجي سازشن واري گفتگو لڪائي پردن پنيان ڪن يا وڏي واڪي ڪن، ٻنهي صورتن ۾ الله لاءِ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ هڪجهڙو آهي. ان ڪري اوهان پنهنجون سازشون ڪنهن کان لڪائڻ گهرو ٿا. جيڪا شيءِ اوهان الله جي نبي خلاف سوچيو يا ڪيو ٿا ان کي الله بخوبي ڄاڻي ٿو ۽ پوءِ هو پنهنجي نبيءَ کي وحي ذريعي پوري حقيقت کان آگاھ رکي ٿو. هي ڪافر قرآن لاءِ چون ٿا تہ هي نہ رڳو جادو آهي، جنهن سان هو ماڻهن کي سحر زده ڪري پنهنجي حلقي ۾ آڻڻ گهري ٿو، پر هو اهو بہ چون ٿا تہ پريشان خواب وارا خيال آهن، جن جو ڪو مقصد ۽ مدعا نہ آهي. بس ماڻهن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين ۽ طريقي کان ٿيڙي مونجهارن ۾ خام خيالن ۾ مبتلا ڪرڻ آهي. هي (قرآن) الله طرفان نازل نہ ڪيو ويو آهي، پر هن پاڻ گهڙي پيش ڪيو آهي. اهو ( نعوذ بالله) سندس دماغي خلل جي اختراع آهي. هي هڪ شاعر آهي، جيڪو پنهنجي فصاحت، بلاغت ۽ صلاحيت سان اسان کي پنهنجن مداحن ۾ آڻڻ گهري ٿو. پر جيڪڏهن واقعي سچو پيغمبر آهي تہ پوءِ اسان لاءِ ڪا اهڙي نشاني (معجزو) پيش ڪري، جهڙيءَ طرح هن کان اڳ پيغمبرن کي نشانين سان نوازيو ويو هو. ڪافرن جي هن ذهني زوال مان چٽيءَ طرح محسوس ٿئي ٿو تہ هو قرآن جي هيبت، جلال ۽ تاثير کان ايترو تہ سخت متاثر هئا، جو قرآن کي خدا جو ڪلام مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري طرح طرح جا الزام لڳائي رهيا هئا، جو پيغمبر کي ڪڏهن جادوگر، ڪڏهن شاعر ڪڏهن جڙتو ڪلام جوڙيندڙ، ڪڏهن خود ساختہ بيان ڪندڙ، تہ ڪڏهن پريشان خواب ۽ خيال جو مجموعو سڏيندا هئا. حالانڪ ڪين بار بار چئلينج ڪيو ويو تہ جيڪڏهن هن قرآن ۾ شڪ آهي تہ هن جي هڪ آيت جهڙي هڪ آيت

يا سورت مقابلي ۾ ناهي ڏيکاريو، پر ڪڏهن بہ ڪين جرئت نہ ٿي، جو هو هن چئلينج جو ٽوڙ پيش ڪري سگهن.

هي معجزو ان ڪري بہ گهري رهيا هئا جو هو قرآن جون آيتون ۽ دعوت پوري جي پوري عقل ۽ فطرت آفاق ۽ انفس جي غور و فڪر تي مبني هيون، جنهن ڪي دانش ۽ شعور سان سمجهي سگهجي ٿو. معجزو يا نشاني تہ ڏنڊي جي زور تي ڪنهن ڪي تابع ڪرڻ آهي. ڪلام الله تہ انساني عقل و شعور ڪي جاڳائڻ گهري ٿو، جنهن ڪان ڪافر مرعوب ۽ دٻل هئا. هو قرآن جي سچائيءَ جا منظر ڏسي رهيا هئا ۽ سچائي جو مقابلو ڪرڻ ۽ ان ڪي شڪست ڏيڻ جي صلاحيت ۽ استعداد ڪان وانجها هئا، ان ڪري ڪين ڪلي عام سچائيءَ ڪي مڃڻ ۽ ان آڏو تهمتن، بهتانن ۽ غلط الزامن جا هٿيار ڦٽو ڪرڻ بہ ڪين ڏکيو ٿي لڳو. ضد، هٺ ۽ غرور ڪڏهن بہ سچائي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ان ڪري عقل و دليل سان مقابلو ڪرڻ بدران جاهلانا حيلا بهانا پيش ڪرڻ سندن شيوه هيو. قريش مڪه جو بلڪل اهو رويو ۽ ڪردار قرآن ۾ نبي آخر زمان ﷺ متعلق رهيو. قرآن ۾ ڪيترين ئي قومن جي عروج و زوال جي داستان جي تصوير پيش ڪئي وئي ۽ جڏهن ڪنهن بہ قوم پنهنجي نبي ڪي للڪاريو آهي ۽ حق جي حمايت بدران مخالفت ڪئي آهي تہ انهن قومن تي عذاب الاهي آيو آهي. يعني خدا جو اهڙو معجزو، جنهن سان هو هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا، جڏهن ائين آهي تہ پوءِ هي نبي بہ اهڙو معجزو پيش ڇو نٿو ڪري، جنهن سان مخالفن جي تباهي اچي وڃي. اي نبي محترم ﷺ تون هنن ڪان معلوم ڪر تہ هنن ڪان اڳ وارين نامراد قومن ان نشاني (معجزي ۽ عذاب) مان ڪهڙو سبق حاصل ڪيو ۽ ڪير ايمان ۾ داخل ٿيا، ڇا هي ايمان آڻيندا، بلڪل نہ آڻيندا. ان ڪري سندن هي سوال براءِ سوال ئي آهي، جنهن جو ڪو سود مند نتيجو ناهي. هي رڳو پنهنجي انا ۽ آڪڙ ڪي قائم رکڻ لاءِ اهڙا بي معنىٰ، لغو ۽ بيڪار سوال ڪري رهيا آهن. قرآن جو طريقہ بيان تہ سهل، آسان ۽ عام فهم آهي، جيڪو عقل و شعور ڪي دعوت ڏئي ٿو ۽ انڌن وانگر بنا ڏسڻ، فڪر ڪرڻ ۽ سمجهڻ ڪانسواءِ قبول ڪرڻ ڪي تسليم نٿو ڪري. "لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا○" (الفرقان: 73/25) مؤمن ڪي جڏهن الله جون آيتون پڙهي ٻڌايون ٿيون وڃن تہ هو انهن تي انڌا ۽ ٻوڙا ٿي ڪرن، پر فهم و فراست ۽ سوجهہ سمجهہ

سان اتي غور ڪن ٿا. معجزو يا آخري نشاني تہ بداعماليءَ جو آخري فيصلو آهي، جنهن بعد ان قوم جي بربادي يقيني آهي. عاد، ثمود، قوم لوط ۽ فرعونين جا وقعا شاهد آهن تہ انهن ڪي نشاني اچڻ بعد مهلت نہ ملي ۽ تباهہ ٿي ويا. ان کان علاوه "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ" (الانفال: 33/8)

اي پيارا نبي ﷺ هي ڪافر پلي عذاب لاءِ التجا ڪندا رهن، پر الله تعالىٰ هنن تي عذاب نہ آڻيندو جيستائين تنهنجي ذات گرامي هنن ۾ موجود آهي. هنن جو اهو بہ سوال آهي تہ هي نبي اسان جهڙو انسان آهي، کائڻ پيئڻ هلڻ چلڻ ڏسڻ ٻڌڻ مطلب تہ هر ڪم اسان وارا ڪري ٿو، اهو نبي ٿي ڪيئن سگهندو؟ نبي تہ ڪو فرشتو يا مافوق الفطرت مخلوق هئڻ گهرجي، جو اسان وانگر انسان نہ هجي. هي نبي سڳورو تہ هڪ رجل يعني انسان (بشر) آهي. اي نبي محترم ﷺ تون هنن عقل جي انڌن، جاهل ۽ بي وقوف ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ خدا تعالىٰ فرمائي ٿو تہ هن کان اڳ اسان جيڪي بہ نبي يا رسول قومن جي هدايت لاءِ وحي ڏئي موڪليا آهن، اهي سڀ رجال(مرد انسان) هئا. (يوسف: 9/12، النمل: 10/16) اوهان حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليهم السلام جا پاڻ کي پيروڪار سڏايو ٿا تہ پوءِ اوهان ئي ٻڌايو تہ اهي انسان هئا يا فرشتا ۽ مافوق الفطرت مخلوق هئا. اوهان اهل ڪتاب آهيو، اوهان کي اهو ضرور معلوم هئڻ گهرجي، پر جيڪڏهن لاعلم آهيو تہ پوءِ ڪنهن صاحب علم کان پڇي وٺو تہ اڳيان انبياء ۽ رسول انسان ۽ بشر هئا. مڪه جا ڪافر چوندا هئا تہ "مَالِهٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ" (الفرقان: 7/25) جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جي شان ۾ حقارت جو اظهار ڪندا هئا تہ هي ڪهڙو رسول آهي، جيڪو کاڌو کائي ٿو ۽ بازارن ۾ گهمي ڦري ٿو. ڇا رسول اهڙا ڪم ڪندا آهن. نبين کي عام ماڻهن وانگر نہ هجڻ گهرجي پر ڪجهہ الڳ مخلوق هئڻ گهرجي. ان ڪري يهودين ۽ عيسائين کان پڇو تہ بني اسرائيل ۾ جيڪي انبياءَ ٿي گذريا آهن، جن جو تورات ۽ انجيل ۾ ذڪر آهي، اهي انسان هئا يا هوا ۾ اڏامندڙ مخلوق هئا؟ اسان تہ ڪنهن کي بہ اهڙو جسم ۽ بدن نہ ڏنو آهي، جو ان کي کاڌي جي ضرورت نہ هجي ۽ ڪيس موت بہ نہ اچي ۽ هميشہ زندهہ رهي. قانون فطرت تہ اهو آهي، جو هنن کي جسم ۽ بدن هوندو جنهن لاءِ کين غذا جي بہ

ضرورت هوندي ۽ هلڻ چلڻ بہ هوندو. اهي ڪجهہ وقت لاءِ آيا، چو تہ هر نفس ۽ هر جاندار کي مرڻو آهي. "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ○ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ" (الرحمٰن: 26-27/55)

مخالفن جي سمورن اعتراضن جي تسلي بخش جواب ڏيڻ ۽ سندن دعوائن کي رد ڪرڻ بعد حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ ۽ مؤمنن کي اطمينان ڏيڻ ۽ مستقبل جي ڪاميابين ۽ ڪامرانين جي نويد ڏيڻ لاءِ چيو آهي تہ اي حبيب مڪرم خاتم النبيين ﷺ! اسان تو وانگر ٻين نبين سڳورن کي انسانن جي هدايت لاءِ بشريت جي روپ ۾ موڪليو آهي. انهن کي بہ پنهنجي نبوت ۽ رسالت واري فرض جي ادائگي ۾ ڪيترين آزمائشون ۽ تڪليفون آيون آهن. ڪن کي قتل ڪيو ويو تہ ڪن لاءِ زندگي عذاب بڻائي وئي، پر اسان (الله) انهن سان ڪاميابي ۽ ڪامراني جا ڪيل سڀ واعدا سچا ڪيا ۽ سؤ فيصد پورا ڪيا. الله نوح عليه السلام ۽ ان جي ۽ پيروڪارن کي طوفان کان بچايو. هود عليه السلام ۽ ان جي پيروڪارن کي امان ڏنو. صالح عليه السلام وارن کي نجات ڏني. شعيب ۽ ان جي ساٿين جو ساٿ ڏنو. لوط عليه السلام کي ان منحوس ماحول ۽ مڪروه معاشري کان ٻاهر ڪڍيو. موسىٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل کي سمنڊ مان اڪاري ڪڍيو. اهڙي طرح اسان هر نبيءَ جي حمايت ڪئي ۽ سندس مخالفن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. هنن کي ۽ انهن جي ساٿين کي پنهنجي قانوني حيثيت مطابق ظالمن جي ظلم کان نجات ڏياري ۽ سندن حدون پار ڪري ويندڙ مخالفن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. هنن ڪافرن کي انهن مثبت دليلن سان قائم ڪريو تہ الله جي ان پروگرام جي تسلسل ۾ هاڻي اسان توهان ڏانهن بہ اهو صحيفو نازل ڪيو آهي، جو سراپا رحمت، هدايت، شفا ۽ نجات آهي، جيڪو اوهان جي نصيحت لاءِ موڪليو ويو آهي تہ اوهان ابن ڏاڏن جي روش ۽ طريقي کي ڇڏي، دينِ حق جي راهہ اختيار ڪرڻي آهي. ان ڪري اڳين قومن جون حالتون ۽ حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن. انهن جي روشني ۾ قرآن جي ڀلائي ۽ اصلاح واري پيغام مان فائدو حاصل ڪري، پاڻ کي دوزخ جي باهہ کان بچائي، جنت جي باغن جي خوشگوار ۽ سدابهار نهرن ۾ هميشہ رهڻ واري نعمتن جو مستحق بڻايو. ڇا اوهان ايتري چٽي ڳالهہ بہ سمجهي نٿا سگهو. حالانڪ قرآن ۾ ئي اوهان جي بزرگن ۽ فضيلت جو ذڪر آهي، يعني اوهان لاءِ هيءُ ڪتاب هدايت ۽ رهبريءَ جو نسخو آهي. توهان کي گمراهيءَ کان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻيندو. توهان جي وحشي ۽

لاقانونيت واري طرز حيات کي انساني روحاني ۽ باضابطا زندگي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو ۽ توهان کي ٻين قومن تي سرفرازي ۽ فضيلت عطا ڪندو. (الانبياءِ: 23/21، المؤمنون: 70/23، الزخرف: 43/43-44) پلا هن کان وڌيڪ ٻي پند و نصيحت ڇا ٿي ٿي سگهي ته ”فِيۡهِ ذِكۡرُكُمۡ“ آيو آهي، جنهن مان ٻه مطلب واضح ٿين ٿا. هڪ اهو ته هن قرآن ۾ ئي توهان جي لاءِ نصيحت، اصلاح ۽ تعليم جو ذڪر آهي، يعني ”فِيۡهِ ذِكۡرٌ لَّكُمۡ“ يا ٻيو مطلب آهي ته هن ۾ اوهان جو پنهنجو ذڪر به آهي، يعني توهان جي مسئلن جو حل ۽ دردن جي دوا ۽ علاج موجود آهي. حضرت علي ڪرم الله وجهه کان پاڻ ڪريمن جي حديث مبارڪ آهي ته ”اَلَا اِنَّهَا سَتَكُوۡنُ فِتۡنَةٌ فَقُلۡتُ مَا الۡمَخۡرَجُ مِنۡهَا يَا رَسُولَ اللهِ قَالَ كِتَابُ اللهِ فِيۡهِ نَبَأُ مَّا كَانَ قَبۡلَكُمۡ وَخَبَرُ مَّا بَعۡدَكُمۡ وَحُكۡمُ مَّا بَيۡنَكُمۡ“ (سنن ترمذي) خبردار ٿي وڃو اڳيان هڪ فتنو رونما ٿيڻ وارو آهي. مون پڇيو ته الله جا رسول ﷺ! ان فتني کان نڪرڻ ۽ بچڻ جو ڪهڙو رستو هوندو؟ پاڻ سڳورن ﷺ الله جي هن ڪتاب ۾ اوهان کان اڳ وارين قومن جون خبرون به آهن. توهان کان بعد ۾ اچڻ وارا جا احوال به آهن ۽ اوهان جي (سمورن) باهمي مسئلن ۽ اختلافن جو حل به موجود آهي. ”تِبۡيَانًا لِّكُلِّ شَيۡءٍ“ هن ڪتاب ۾ هر شيءِ جو بيان موجود آهي.

وَ كَمۡ قَصَمۡنَا مِنۡ قَرۡيَةٍ كَانَتۡ ظَالِمَةً وَّ اَنۡشَاۡنَا بَعۡدَهَا قَوۡمًا اٰخَرِيۡنَ ﴿۱۱﴾ فَلَمَّاۤ اَحَسُّوۡا بَاۡسَنَاۤ اِذَا هُمۡ مِّنۡهَا يَرۡكُضُوۡنَ ﴿۱۲﴾ لَا تَرۡكُضُوۡا وَ ارۡجِعُوۡۤا اِلٰى مَاۤ اُتۡرِفۡتُمۡ فِيۡهِ وَ مَسٰكِنِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿۱۳﴾ قَالُوۡا يٰوَيۡلَنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿۱۴﴾ فَمَا زَالَتۡ تِّلۡكَ دَعۡوٰىهُمۡ حَتّٰى جَعَلۡنٰهُمۡ حَصِيۡدًا خٰمِدِيۡنَ ﴿۱۵﴾

۽ ڪيترين ئي آبادين (بستين) کي جيڪي ظالم هيون، اسان پيهي ڇڏيون ۽ پوءِ انهن جي جاءِ تي ٻين قومن کي آندو. (11) پوءِ جڏهن هنن کي اسان جو

**عذاب محسوس ٿيو تہ پوءِ هو ان کان ڀڄڻ لڳا. (12) انهن کي چيو ويو تہ هاڻي نہ ڀڄو واپس پنهنجي محلات ۾ عيش و عشرت جي سامان (ماحول) ڏانهن موٽي اچو، جتي اوهان کان پڇاڻو (تفتيش) ڪجي. (13) هنن چيو هاءِ اسان جي بدبختي جو اسان ظالم ٿي رهيا سون. (104) پوءِ بار بار اهي افسوس ڪندا رهيا ۽ چوندا رهيا. تان جو اسان انهن کي لابارو ٿيل پوک ۽ (راک مثال بڻائي) ڇڏيو.(15)**

---

هي ڪتاب جنهن ۾ اوهان جي هدايت ۽ رهبريءَ جو روشن طريقو اوهان جي پند و نصيحت لاءِ موجود آهي، جنهن ۾ ماضيءَ جي قومن جي زوال و ڪمال جا اسباب بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ توهان جي حال جي اصلاح، ڪاميابي ۽ ڪامراني جو واضح ۽ غير مبهم بيان موجود آهي، جيڪو توهان جي مستقبل اميدن، آرزوئن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ چٽا نشان سنگ ميل وانگر ظاهر ڪري رهيو آهي. هاڻي جيڪڏهن اوهان پنهنجي زندگيءَ جو نقشو ۽ راهہ عمل ان مطابق مرتب ڪيو تہ توهان کي رفعت ۽ عظمت حاصل ٿي ويندي. اوهان جي راهہ جون سڀ رڪاوٽون دور ٿي وينديون. اوهان جي هي دنياوي زندگي بہ خوشگوار ۽ سدابهار ٿي ويندي تہ حيات اخروي لاءِ بہ جنت جي باغن ۽ الله جي رضوان جي حصول جا حالات پيدا ٿي ويندا، پر جيڪڏهن اوهان پنهنجن من مستين ۽ گمراهين ۾ ان خير و برڪت واري راهہ کي ڇڏي، گمراهہ ڪندڙ واٽن جو انتخاب ڪيو تہ توهان بہ انهن قومن وانگر تباهہ و برباد ٿي ويندا، جن قومن جو ذڪر ٿي چڪو آهي. انهن ظلم جو بازار گرم رکيو ۽ ڪمزور ماڻهن لاءِ عذاب ۽ ايذاءَ جو مرڪز ٿي ويا تہ الله تبارڪ و تعالىٰ انهن کي هٽائي ٻين قومن کي انهن جاين تي آباد ڪيو. اهو سنت الله جي مشيت وارو قانون ازل کان ابد تائين جاري وساري آهي. هن ياد دهاني تي بہ جيڪڏهن اوهان غور نہ ڪيو ۽ ان مطابق عمل پيرا نہ ٿيا، اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. افسوس تہ اوهان جي عقل تي آهي جو اوهان پنهنجي شامت کي پاڻ لاءِ خود دعوت ڏئي رهيا آهيو ۽ پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪري رهيا

آهيو. هت ”ظَالِمٌ“ مان مراد ظالم النفس آهي.

توهان جي ايمان نہ آڻڻ ۽ تباهہ ٿيڻ بعد خدا جي ڪائنات ختم ڪا نہ ٿي ويندي، پر توهان جي جڳهہ تي ٻي قوم کي آباد ڪيو ويندو ۽ اهو سلسلو تاقيامت جاري رهندو. هنن نصيحتن ۽ آگاهي ڏيندڙ آيتن تي هنن ڪن نہ ڌريو ۽ پنهنجن ڪارن ڪرتوتن ۾ تندو تيز رهيا تہ سندن بداعمالين ۽ ظلمن جا نتيجا جيڪي غير محسوس طريقي تي مرتب ٿي رهيا آهن، اهي هاڻي نڪرڻ شروع ٿي ويا. هن ڪان اڳ هو جنهن طاقت واري انڌي گهوڙي تي سوار هئا، جو ڪين ڪو ڏپ ڏاءُ نظر نٿي آيو، پر هاڻي جڏهن انهن جا نتيجا محسوس ڪرڻ لڳا تہ اچانڪ پنهنجن بستين ۽ آبادين کان راهہ فرار اختيار ڪرڻ لڳا. (الاعراف: 182/7، النحل: 26/16) جڏهن ماضيءَ جي اعمال جو فصل پچي چڪو هيو ۽ ان جا نتيجا هرحال ۾ نڪرڻا هئا ۽ نڪرڻ شروع ٿي ويا، جن جون علامتون آشڪار ٿي ويون ۽ مڪافات عمل جو دور شروع ٿي ويو تہ پوءِ ان کان پڇي ڪيڏانهن وڃبو، ڇا ڪا اهڙي جڳهہ موجود آهي، جتي هو پهچي عذاب کان پناهہ پائي سگهن. ايئن ڪونہ هيو، گناهن جي پڪڙ کان بچڻ لاءِ مهلت جو وقت مليو هيو، پر ان جو ڪو بہ فائدو ورتو نہ ويو. خدائي عذاب کان هاڻي لِڪڻ ۽ بچڻ ممڪن ناهي ۽ هاڻي نہ بچو پر انهن جاين ۾ واپس رهو، جن جون عياشيون ۽ پرڪشش تمنائون اوهان کي مدهوش رکنديون هيون ۽ انهن محلاتن ۽ بنگلن ۾ رهو، جتي پاڻ کي محفوظ سمجهندا هئا. هاڻي ڏسو تہ اهي اوهان کي حفاظت ڏئي سگهن ٿا ۽ توهان لاءِ اهو عيش عشرت ۽ راحت جو سامان مهيا ڪري سگهن ٿا، جيڪو هاڻي ممڪن نہ رهيو آهي. عذاب کان بچي ڪو نہ سگهندا، ان ڪري بهتر آهي تہ اتي واپس اچو ۽ اوهان کان پڇيو وڃي تہ ڇا هنن محلاتن ۽ راحت جي اسبابن اوهان جي ڪا حمايت ڪئي يا نہ ڪئي ۽ انهن نعمتن جو اوهان حق ادا ڪيو يا نہ ڪيو. ”ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ○“ (التڪاثر: 8/102) ان ڏينهن اوهان کان عطا ٿيل نعمتن جو پڇاڻو ٿيندو تہ ان جي ناشڪري ڇو ڪئي؟ ان وقت جڏهن هنن کي سندن اعمال جي جهلڪ ۽ ان جا نتيجا سامهون ايندا ۽ قدرت الاهي جو پروجيڪٽر جڏهن انهن جي تفصيلي تصوير پيش ڪندو تہ هنن لاءِ انڪار جو ڪو بهانو نہ رهندو ۽ ان وقت هنن کي اقرار ڪرڻو پوندو تہ واقعي هي ظالم هئا ۽ ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ ۾ پيش پيش هئا ۽ پنهنجن ڪارنامن تي

افسوس جا هٿ ملیندا رهندا، پر هاڻي جڏهن فیصلي تي عمل در آمد ٿيڻ شروع ٿي ويو، هاڻي ان پڇڻ لڪڻ ۽ لنوائڻ مان ڪجھ هٿ حاصل نہ ٿيندو، چو تہ جڏهن نتيجا قدرت جي ڪمپيوٽر تي يا پراجيڪٽ تي اعمال جي فلم ڏيکاري ويندي ۽ پوري طرح نتيجا ظاهر ٿي ويندا ۽ نمايان نظر ايندا تہ انهن نتيجن جي ظاهر ٿي وڃڻ بعد ڪين واپس ڪري نٿو سگھجي. هو ان وقت چيخ و پڪار ڪري ۽ روئي پٽي رهيا هوندا ۽ ٻاڏائي رهيا هوندا تہ هو پنهنجن غلطين تي شرمنده آهن ۽ افسوس جو اظهار ڪن ٿا تہ ان جو ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو ۽ عذاب الاهي ۾ ڪو فرق نہ ايندو، ان وقت انهن جي حالت هڪ لاٻارو ٽيل ٻاڄ پٽيل ڳاهيل ڪيت جهڙو، جنهن ۾ هاڻي نشو نما ۽ وڌيڪ وڌڻ جو ڪو امڪان نہ رهيو يا سڙيل خاڪ وانگر هوندا، جن ۾ ڪنهن حرارت جي اميد نہ رهي. (يٰس: 28/36) يعني انهن جون آباديون اهڙي طرح ويران ۽ برباد ٿي ويون جو اتي زندگي جي رمق يا نالو نشان بہ نظر نہ اچي رهيو هوندو.

متو آهين، مڇ، تلها ٿو تو ناهين،
تو جا پائين اڄ تنهن پاڻي پچندا ڏينهڙا

(شاهہ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

وائے ناکامیٔ متاعِ کارواں لٹتا رہا
کارواں کے دل سے احساس زیاں جاتا رہا

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿۱۶﴾ لَوْ اَرَدْنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ
لَهْوًا لَّاتَّخَذْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّآ ۖ اِنْ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿۱۷﴾ بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى
الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ؕ وَ لَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَ لَهٗ مَنْ
فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَ لَا

يَسْتَحْسِرُوْنَ ۞ يُسَبِّحُوْنَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ لَا يَفْتُرُوْنَ ۞ اَمِ اتَّخَذُوْٓا
اٰلِهَةً مِّنَ الْاَرْضِ هُمْ يُنْشِرُوْنَ ۞ لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ
لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۞ لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا
يَفْعَلُ وَ هُمْ يُسْـَٔلُوْنَ ۞

۽ اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جو ڪجهه انهن جي درميان آهي، رانديڪو ناهي بنايو. (16) جيڪڏهن اسان جي مشيت ۾ ان ڪي رانديڪو ٺاهڻ هجي ها ته پوءِ ضرور پنهنجي طرفان ٺاهي ڇڏيون ها. (17) پر اسان حق سان باطل کي ضرب لڳائيندا آهيون، جنهن سان هو هن (باطل) جو مغز (ڀيجو) ڪڍي ڇڏيندو آهي، جنهن سبب هو (باطل) نيست و نابود ٿي ويندو آهي، پر جيڪي ڪهاڻيون اوهان جوڙيو ٿا ان ۾ اوهان جي تباهي آهي.(18) ۽ جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو سڀ ڪجهه ان (الله) جو ئي آهي ۽ جيڪي (فرشتا) ان بارگاهه اقدس ۾ آهن (جن کي الله جي اولاد بڻائي پوڄيو ٿا) اهي سڀ هن جي بندگي کان سرتابي (رودگرداني) نٿا ڪن ۽ نه وري ٿڪجي پون ٿا. (19) رات ڏينهن هن جي تسبيح ۾ مشغول آهن ۽ ان ۾ ڪا سستي ڪو نه ٿا ڪن. (20) ڇا هنن زمين ۾ ڪجهه اهڙا معبود بڻايا آهن، جيڪي ڪين زندگي ۽ ان جي نشو نما ڏين ٿا. (21) جيڪڏهن هنن ٻنهي (زمين ۽ آسمان) ۾ الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود هجي ها ته اهي ٻئي (زمين ۽ آسمان) درهم برهم ٿي وڃن ها، جيڪي هي افتراءِ (بهتان بازي) ڪن ٿا ته عرش جو مالڪ الله تبارڪ و تعاليٰ ان کان صاف پاڪ آهي. (22) هو (الله) جو ڪجهه ڪري ٿو، ان بابت ڪائنس ڪجهه پڇا ڳاڇا نه ٿيندي، پر جو ڪجهه هو ڪن ٿا، انهن کان ان جو پڇاڻو ٿيندو.(23)

هي ڪائنات هي ڪارگه حيات ڪيل تماشي لاءِ نہ پيدا ڪئي آهي، جو جنهن ڪي جو ڪجهہ وڻي اهو ڪري، پر هن جي تخليق سان عظيم مقصد مراد آهي. هن وسيع عالم جو انسان عالمِ صغير آهي. انسان الله جو خليفو آهي ۽ الله جي نظام ڪي قائم رکڻ لاءِ ڪيس ذميداري ڏني وئي آهي. "اِنَّا عَرَضۡنَا الۡاَمَانَةَ عَلَی السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ الۡجِبَالِ فَاَبَیۡنَ اَنۡ یَّحۡمِلۡنَہَا وَ اَشۡفَقۡنَ مِنۡہَا وَ حَمَلَہَا الۡاِنۡسَانُ ؕ اِنَّہٗ کَانَ ظَلُوۡمًا جَہُوۡلًا ○" (الاحزاب: 72/33) يعني هن ڪائنات جي خدائي نظام ڪي رائج ڪرڻ ۽ ان جي وحي ڪيل قانون ۽ ضابطن ڪي بروئي ڪار آڻڻ، عملي جامو پهرائڻ لاءِ انسان ڪي ذميداري ڏني وئي. "وَ مَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَ الۡاِنۡسَ اِلَّا لِیَعۡبُدُوۡنِ ○" (الذاريات: 56/51) انسان ۽ جنن ڪي الله جي اطاعت ۽ ان جي فرمان جي بجاآوري آڻڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ سندس نظام ڪي الله جي منشا ۽ مرضي مطابق هلڻ لاءِ رهنمائي ۽ رهبري ڪئي آهي. پوءِ خدا جي حڪمن تي هلندڙ ۽ ٻين ڪي ان راهہ جو ڏس ڏيندڙ لاءِ انعام و اڪرام رکيل آهن، پر خدائي حڪمن جي انڪار ڪندڙ ظالمن ۽ گمراهہ ماڻهن لاءِ جهنم جي باهہ ۽ عذاب مقرر ڪيا آهن. ان ڪري انسان هن ڪائنات ڪي ڪيل تماشو نہ سمجهي، پر هڪ عظيم مقصد ۽ منصوبو تصور ڪري، جنهن لاءِ هن جي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکي ٿي وڃي تہ جيئن ڪو بہ عمل بلا نتيجہ نہ رهي. افراد هجن يا اقوام، سندن انفرادي ۽ اجتماعي نتيجا هر حال ۾ وقوع پذير ٿيندا. (هود: 7/11، الجاثيه: 22/45، النجم: 31/53) جيڪڏهن هن دنيا ڪي ڪيل تماشو ناهڻو هجي ها تہ پوءِ اسان ڪي ان ڪان ڪير روڪي سگهي ها. اسان پاڻ اهڙي دنيا بنايون ها، پر اهو اسان جو منصوبو نہ آهي. اسان هن ڪائنات ڪي هڪ عظيم مقصد جي حصول لاءِ وجود ۾ آندو آهي. هنن حق جي منڪرن جو اهو چوڻ تہ بس دنيا ۾ آياسون، ڪاڏو پيتوسون ۽ مري وياسون، نہ ڪو پڇاڻو آهي نہ ڪوئي عذاب ثواب آهي. پر هتي حقيقت حال ئي الڳ آهي، هت حق ۽ باطل جو معرڪو رهي ٿو. جڏهن جڏهن باطل سر ڪڻي ٿو تہ حق ان ڪي مٽائڻ لاءِ مٿس حملا آور ٿئي ٿو ۽ ان جو مغز ڦاڙي ڀيڄو ٻاهر ڪري ٿو. يعني باطل ڪي نيست و نابود ڪري ڇڏي ٿو. هي آيت 16 ڪان آيت 18 تائين قرآن جي اهم ۽ نادر دليلن سان آهي. هن ڪان اڳ پوين قومن جي هلاڪت ۽ انهن جي جڳه تي نين قومن جي اڀري اچڻ جو ذڪر آهي ۽ فرمايو آهي تہ هي انقلاب ڇو ۽ ڪيئن آيو، جو خوشحال بستيون (آباديون) اجڙي

ويون ۽ سندس زندگيءَ جا شعلا ڇو ختم ٿي ويا، ان ڪري جو هن ڪائنات ۾ اسان جو هڪ عالمگير قانون روان دوان آهي. يعني حق ۽ باطل جو پاڻ ۾ معرڪو ۽ ڪشاڪش جو قانون آهي. ڪائنات جو وجود هڪ فعل عبث يعني بي مقصد ۽ بي مطلب ناهي. حڪمت ۽ مصلحت سان عظيم مقصد جو منصوبو آهي، جنهن ڪي حد ڪمال تائين پهچائڻو آهي، جنهن لاءِ اهڙو ناقابل تسخير انتظام ڪيو ويو آهي ته ڪائنات پستيءَ کان بلنديءَ جو سفر جاري رکي ته جيئن ان اعلىٰ مقام تي پهچي وڃي، جيڪو قدرت جي منشا ۽ منصوبي مطابق آهي، ان لاءِ حق ۽ باطل جو معرڪو ۽ ڪشمڪش جاري آهي ۽ اصل مقصود اهو آهي ته حق باقي رهي ۽ باطل نابود ۽ ناس ٿي وڃي. حق آهي ئي باقي رهڻ لاءِ، باطل آهي ئي نابود ٿيڻ لاءِ.

ڪائنات جي پستين ۽ بلندين يعني زمين ۽ آسمان ۾ جو ڪجهه به آهي، اهو سڀ ڪجهه خدا جي پروگرام جي تڪميل ۽ حد ڪمال تي پهچڻ لاءِ سرگرم عمل آهي. ڪا به قوت ننڍي يا وڏي هن قانون جي اطاعت کان سرِ موءِ يعني وار برابر به سرتابي يا انحرافي اختيار ڪري نٿي سگهي ۽ نه وري پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ لاءِ ان راهه ۾ ٽڪجي ٿي. ”كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ○“ (الرحمـٰن: 29/55)حديث شريف ۾ آهي جيڪڏهن اوهان جو اڄ ڪالهه جهڙو ئي آهي ته ”فَهُوَ خَسْرَانٌ“ اهو خسارو آهي، ڇو ته هو نئين صبح ڪالهه کان بهتر پيغام کڻي اچي. جمود موت جو ٻيو نالو آهي.

تو اسے پیمانۂ امروز و فردا سے نہ ناپ
جاوداں، پیہم دواں، ہر دم رواں ہے زندگی

(اقبال رحمة الله عليه)

حق ۽ باطل جي لڙائي ازل کان جاري آهي ۽ ابد تائين جاري رهندي.

ستیزہ کار رہا ہے ازل سے تا امروز
چراغِ مصطفوی سے شرارِ بُولہبی

(اقبال رحمة الله عليه)

هي عمل جي دنيا آهي. ”جو وهي سو لهي“ سست ۽ ڪاهل زنده لاش آهي،

جيڪو نہ رڳو پاڻ تي، پر نوع انسان تي بار آهي.

صورت شمیر ہے دست قضا میں وہ قوم
کرتی ہے جو ہر زمان اپنے عمل کا حساب

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪائنات جون سموريون شيون (اشياءِ عالم) رات ڏينهن پنهنجي مقرر ٿيل پروگرام جي تڪميل لاءِ سرگردان عمل آهي.، جنهن ۾ ڪڏهن بہ سستي، ڪاهلي يا ڪمي نٿي ٿئي. سج چنڊ پنهنجي مدار ۾ ڦري رهيا آهن. زمين پنهنجي مقرر حدن ۾ گردش ڪري ٿي. ڪائنات جي بيشمار موجودات ۾ اهو هڪ فطري قانون هلي رهيو آهي. موسمون هجن يا رات ڏينهن جو سلسلو، سڀ هڪ نظام جي لڙهي ۾ پوتل آهي. اهي سڀ شيون رات ڏينهن يعني هميشہ اهڙي طرح الله جي تسبيح ۾ لڳل آهن، جو ان ۾ ڪڏهن ٿڪجن بہ نٿيون.

ہر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لاشریک لہ گوید

(شيخ سعدي رحمة الله عليه: گلستان)

زمين مان جيڪو سلو بہ نڪري ٿو، اهو وحده لا شريڪ جي گواهي ڏئي ٿو.

منڪر بہ ان حد تائين مڃين ٿا تہ هن ڪائنات جو خالق خدا آهي ۽ هي پورو نظام ان جي قانون مطابق سرگرم عمل آهي. (المؤمنون: 23/85-84، العنڪبوت: 29/61، لقمان: 31/25، الزمر: 39/38، الزخرف: 43/9) هن ڪائناتي دنيا تي تہ الله جي حڪمراني تسليم ڪن ٿا، پر پنهنجي دنياوي حيات لاءِ چون ٿا تہ اها اسان جي مرضي ۽ منشا مطابق آهي، جنهن ۾ قدرتي قوتن جو عمل دخل نہ آهي، جنهن لاءِ آسماني قانونن بجاءِ انساني قانون هئڻ گهرجن، يعني آسمانن تي تہ الله برتر بالا جو حڪم هلي، پر دنياوي معاملات اسان جي مرضي ۽ منشا مطابق هجن، اها ئي تہ هنن جي وڏي غلطي ۽ پاڻ کي ڏکو ڏيڻ آهي. هنن جي غلط ۽ گمراهہ سوچن ۽ عقيدن موجب هنن زمين جي نظام لاءِ الڳ معبود بڻايا

آهن ۽ الله کي رڳو آسمانن تائين جو اختيار ۽ اقتدار ڏين ٿا. ان ڪري هو ديو ۽ ديوين، بتن ۽ سج جا پوڄاري ٿي ويا آهن، سندن خيال آهي تہ هي ڪائنات پيدا ڪري الله آرام سان وڃي آسمانن جو انتظام سنڀاليو آهي، باقي هن زمين جا معاملا ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ انسان ۽ سندن جعلي معبود آهن. ڇا هنن جي خيال ۾ آهي تہ هو انهن نقلي ۽ باطل معبودن جي نظر ڪرم سان هو هن دنيا ۾ خوب ترقي ڪندا، وڌندا ويندا ۽ اعلیٰ ڪان اعلیٰ منزل ۽ مقام انهن جي شفقت ۽ مهرباني سان حاصل ڪندا. هنن جو اهو عقيدو هڪ خام خيال آهي، جنهن ڪي ڪنهن سَنَدَ يا دليل سان ثابت ڪري نٿو سگهجي. ڇو تہ جيڪڏهن آسمان جو الله الڳ هجي ۽ زمين تي جدا معبود موجود هجن تہ پوءِ يقينًا زمين آسمان ۾ فساد ۽ جهيڙو ٿي وڃي ها. (بني اسرائيل: 42/17) هن پوري ڪائنات يعني زمين ۽ آسمان جو نظام جنهن مربوط ۽ مضبوط طريقي سان ازل کان جاري آهي، جنهن ۾ ڪو نقص عيب يا خامي نظر نٿي اچي. (الملڪ: 67/4-3) اهو صرف هڪ الله جي گواهي ڏئي ٿو، جنهن جي طرفان قانون فطرت ۽ قدرت هن ڪائنات جو نظام هلائي ۽ قائم رکي رهي آهي. معلوم هجي تہ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ قانون فطرت مطابق توازن ۽ توافق (هم آهنگي) موجود آهي، جنهن ۾ ذرا پر بہ هير ڦير نہ آهي.

هن ڪائنات جي بقا لاءِ ضروري آهي تہ هن جا سمورا جزا ۽ عناصر ۽ تمام اضداد هڪ مربوط نظام يعني توازن ۽ توافق جي طفيل آهي. جيڪڏهن هڪ لمحي لاءِ بہ اهو نظام رڪجي وڃي تہ هن ڪائنات جو ذرو ذرو درهم برهم ٿي وڃي. صدين ۽ سالن کان زمين، آسمان، سج، چنڊ، رات، ڏينهن، سردي، گرمي مطلب تہ تمام اضداد هڪ ٻئي جي ضد هجڻ باوجود قانون جي هڪ لڙهي ۾ پوتل آهن، جو ڪڏهن بہ ان ۾ خلل ناهي آيو. الله هنن جي بهتانن ۽ غلط اعتقادن کان صاف پاڪ آهي ۽ ڪا بہ اهڙي شيءِ الله ۾ موجود ناهي، جيڪا سندس ڪمزوريءَ جو ڪارڻ بڻجي. هو حَيّ ۽ قَيُّوم آهي، يعني پاڻ پاڻيرو تنها، طاقتور، هميشہ حيات وارو ۽ ٻين کي حيات عطا ڪندڙ، پنهنجو پاڻ دائم قائم ۽ پوري ڪائنات جي قيام جو واحد ڪارفرما ۽ ڪارساز آهي، هو رب العرش، هر عيب ۽ نقص کان پاڪ ذات آهي. هو جو ڪجهہ ڪري ٿو يعني امر ۽ خلق تدبير ۽ تنظيم بقا ۽ فنا حيات ۽ موت زوال ۽ ڪمال سڀ هن جي حڪمراني هيٺ ٿي رهيو آهي، جنهن لاءِ هو

ڪنهن جي اڳيان بہ جوابده ناهي، جو ڪيس پڇاڻو ڪري يا مٿس نظر رکي. هو يڳانو بي پرواهہ بادشاهہ آهي. هن اڳيان هر شيءِ جوابده آهي. هو انهن سمورن خام خيالن ۾ دعوائن کان پاڪ صاف ۽ مُنزّه آهي، جيڪي باطل ماڻهو بهتان طور هٽي رهيا آهن. (الانعام: 3/6، النحل: 51/16، الزمر: 67/39، الزخرف: 83/44)

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ ۚ هٰذَا ذِكْرُ مَنْ مَّعِیَ وَ
ذِكْرُ مَنْ قَبْلِیْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَ مَاۤ
اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِیْۤ اِلَیْهِ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا
فَاعْبُدُوْنِ ﴿۲۵﴾ وَ قَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ عِبَادٌ
مُّكْرَمُوْنَ ﴿۲۶﴾ لَا یَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَ هُمْ بِاَمْرِهٖ یَعْمَلُوْنَ ﴿۲۷﴾ یَعْلَمُ مَا بَیْنَ
اَیْدِیْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ وَ لَا یَشْفَعُوْنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰی وَ هُمْ مِّنْ
خَشْیَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿۲۸﴾ وَ مَنْ یَّقُلْ مِنْهُمْ اِنِّیْۤ اِلٰهٌ مِّنْ دُوْنِهٖ فَذٰلِكَ
نَجْزِیْهِ جَهَنَّمَ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِی الظّٰلِمِیْنَ ﴿۲۹﴾ ع ۲ ۱۹ ۲

ڇا هنن هڪ الله کي ڇڏي ٻيا معبود ڪيا آهن. هنن کي چؤ تہ پنهنجو دليل ڏيو. قرآن ۾ اڳين ڪتابن ۾ صرف هڪ معبود جي الوهيت (الله هجڻ) جو ذڪر آهي، مگر انهن مان اڪثر ماڻهو حق جي پروڙ نٿا رکن، ان ڪري ئي منهن موڙيو اٿن.(24) ۽ اسان تو کان اڳ ڪو رسول نہ موڪليو آهي، جنهن کي اها وحي نہ ڪئي آهي تہ مون کان سواءِ ڪو معبود ناهي، پر منهنجي ئي بندگي ڪريو. (25) هنن چيو تہ رحمٰن ڪنهن کي پنهنجو پٽ بنايو آهي. هو انهن شين يا

**نسبتن کان پاڪ آهي، بلڪ اهي هن (الله) جا صاحب، توقير ۽ انها آهن. يقينًا انهن لاءِ رب وٽ سچائيءَ جو مقام آهي. (26) هو ڪنهن بہ ڳالهہ تي پنهنجي ڳالهہ ڪي سبقت ۽ ترجيح نٿا ڏين پر هن (الله) جي حڪم جي تعميل ڪن ٿا. (27) هو ان شيءِ جو بہ علم رکي ٿو، جيڪو ڪجهہ هنن کان پنتي يا اڳتي آهي. هو ڪنهن جي سفارش ڪو نہ ٿا ڪن، سواءِ ان جي جنهن ڪي الله پسند ڪرڻ فرمائي، هو خود خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي ۾ ڪنبندا رهن ٿا. (28) (انهن مان ڪو بہ پاڻ ڪي هن ڪانسواءِ عبد هجڻ جي دعوىٰ نٿو ڪري سگهي،) پر جيڪڏهن ڪو دعوىٰ ڪري تہ مان معبود آهيان تہ ان ڪي بدلي ۾ جهنم ڏينداسون، ظالمن ڪي اسان اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. (29)**

هنن واضح دليلن ۽ نشانين جي باوجود بي سمجهہ ماڻهن حقيقي الله ڪي ڇڏي، جعلي معبودن جي پوڄا شروع ڪري ڏني آهي ۽ اصل اقتدار ڏٺيءَ کان منهن موڙي غيرالله ڪي پنهنجو ارباب اختيار تسليم ڪيو آهي، هنن ڪي چؤ تہ پنهنجي هن دعوىٰ جي حق ۾ ڪا سَندَ، ڪو دليل پيش ڪيو تہ هو ڪڏهن بہ ڪو اهڙو دليل پيش نہ ڪري سگهندا، جيڪو هنن جي دعوىٰ جي تصديق ڪري. (المؤمنون: 117/23) ان جي مقابلي ۾ مان جنهن الله جي اطاعت ۽ بندگي جو چئي رهيو آهيان ۽ جنهن ڪتاب (قرآن) جي دعوت ڏئي رهيو آهيان، ان تي منهنجي جماعت جا افراد منهنجا همنوا ۽ ساٿي آهن ۽ اسان جي هن عقيدي تي اهي سڀ انبياء، رسول ۽ سندن پوئلڳ هئا، جيڪي هن کان اڳ گذري چڪا آهن ۽ آسماني ڪتاب جا حامل هئا. اسان جو هي مسلڪ نئون ناهي. يوم اول کان وحيءَ جي روشنيءَ ۾ مسلسل هلندو اچي، پر اڪثر ماڻهو ان کان بي خبر آهن. رڳو انڌي تقليد يا پنهنجي انا خاطر هن حق ۽ صداقت واري صدا کان ڦري رهيا آهن. هي قرآن بہ ان ڳالهہ جي شهادت ڏئي رهيو آهي، جيڪي اسان جماعت جي ياد دهاني واسطي نازل ڪيو آهي ۽ توريت، انجيل، زبور ۽ ٻيا صحيفا بہ اهو ساڳيو درس ڏئي رهيا آهن. يعني وحي ٿيل سمورن ڪتابن، صحيفن ۽ هدايتن ۾ صرف هڪ الله جي عبوديت ۽ ربوبيت

جو ذڪر آهي. باقي هنن جو خيال ۽ عقيدا تہ الله کانسواءِ بہ معبود آهن، سراسر باطل آهي. هي وحدت اديان جو ثبوت آهي، جنهن تي قرآن پنهنجي دعوت جو بنياد قائم ڪيو آهي. جيڪو اڳين سمورن ڪتابن، صحيفن ۽ رسولن جي تعليم جو جوهر يا نچوڙ آهي، جنهن جو بنيادي پيغام توحيدِ خداوندي ۽ وحدت الوهيت آهي. جيڪڏهن هر دور جي هر لمحي ۽ ديني تعليم بنا ڪنهن اختلاف جي هڪ رهي آهي ۽ سڀ ۾ توحيد ۽ حق پرستي جو ساڳيو هڪ جهڙو پيغام موجود آهي تہ ڇا هي عالمگير وحدت جو قطعي ثبوت ناهي. اي پيغمبر خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ﷺ! توحيد جو هي مسلڪ شروع کان ئي ساڳيو هلندو اچي. توکان اڳ اسان ڪو اهڙو پيغمبر نہ موڪليو آهي، جنهن کي اها وحي نہ ڪئي هجي تہ ڪائنات ۾ اختيار ۽ اقتدار صرف خدا جو آهي. ڪنهن ٻئي جو نہ آهي. ”لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ“ ان ڪري توهان بہ ان هڪ الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداري اختيار ڪيو. قرآن جي نزول ٿيڻ کان اڳ هن قرآن سميت جيتريون بہ دعوائون موجود آهن، انهن سمورن جي صدا ۽ پڪار آهي: ”لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ“ سورة الاحقاف: 4/46 ۾ بہ اها حقيقت پيش ڪيل آهي: ”اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ○“ هن کان اڳ آيل ڪتابن يا تاريخي آثار (حوالن) مان اها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاريو، جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڳالهہ ۾ سچا آهيو.

فقط ناه قرآن توريت، انجيل
صداقت صحيفن ڪتابن کان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

هنن جي اها مضحڪ خيز دعوىٰ ٻڌو، جنهن ۾ هو چون ٿا الله رحمان پنهنجي (مدد) لاءِ اولاد بنائي آهي، حالانڪ هن جي ذات گرامي اهڙين سمورين نسبتن کان منزه ۽ پاڪ آهي، ڪا بہ اهڙي شيءِ الله ۾ موجود ناهي، جن کي هو الله جي اولاد چون ٿا، اهي الله جي اولاد نہ آهن، مگر هن جا معزز ۽ محترم ٻانها آهن، اهي شرڪ کان پاڪ آهن، خدا جي سچي معرفت رکن ٿا. ۽ ڪامل وفاداريءَ سان هن جي عبادت ۽ بندگي جو حق ادا ڪن ٿا، جنهن سان ڪين قربِ خداوندي حصول ٿئي ٿو. هو خدا جي حڪمن تي پنهنجي ڳالهہ کي ترجيح نہ ڏيندا آهن، هو تہ خدا جي حڪم جا بندا آهن، جڏهن خدا وٽ هنن جي حيثيت

عبوديت واري آهي، انهن جي باري ۾ اهو خيال ڪرڻ ته هو الله جي حضور ۾ اهڙو زوردار اثر رسوخ رکن ٿا ته هو پنهنجن پوڄارين کي الله جي پڪڙ کان بچائي ڇڏيندا، محض حماقت ۽ خام خيالي آهي، جو هو مخلوق کي خالق ۽ ٻانهن کي معبود جو درجو ڏئي رهيا آهن. سندن اها دعویٰ ته الله کي اولاد آهي، قرآن مجيد بار بار انڪار ڪري رهيو آهي. ”قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ○ اَللّٰهُ الصَّمَدُ○ لَمْ يَلِدْ○ وَلَمْ يُوْلَدْ○ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ○“ الله احد آهي، جنهن کان بعد ڪجهه ناهي، واحد بعد ثاني آهي، پر احد مان مراد يگانا يڪتا وحده لا شريڪ له آهي. ان کي اولاد جي ڪا ضرورت ناهي. هو تن تنها اقتدار ۽ اختيار جو مالڪ آهي. هو هر شيءِ جي خبر رکي ٿو، جيڪو ڪجهه هنن جي سامهون آهي يا جو ڪجهه هن کان اڳ هيو يعني ماضي، حال ۽ مستقبل جو پورو پورو علم رکي ٿو. (البقره: 255/2) هن وٽ ڪنهن جي سفارش نه هلندي سواءِ انهن جي جن کي هن جي اجازت هجي ۽ خدا جو رضامندو هجي. (طٰهٰ: 109/20) الله وٽ ڪنهن جي حجت هلڻ واري ناهي. هو ته الله جي هيبت کان ڊڄندا ڪنبندا رهن ٿا. (الانعام: 15/6) هن حقيقت جي باوجود ته الله هڪ آهي. ”سُبْحَانَ ذِي الْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ سُبْحَانَ ذِي الْعِزَّةِ وَالْعَظَمَةِ وَالْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَآءِ“ پاڪ ذات آهي اها، جنهن جي دست قدرت ۾ هي ملڪ ۽ ان جي بادشاهي آهي، پاڪ ۽ مُنَزَّه آهي ذات پاڪ، جيڪو عزت، عظمت، هيبت، بزرگي ۽ قدرت جو مالڪ آهي. ڪير اها دعویٰ يا جرئت ڪري ٿو ته الله ڪانسواءِ مان به عبادت جي لائق آهيان (الزخرف: 81/43) ته هن جي انهيءَ ڪوڙي ۽ بي معنیٰ جرئت ۽ شرارت جي پاداش ۾ جهنم جي سزا ڏينداسون. مشرڪ چوندا هيا ته هي اسان جي سفارش ڪندا. (يونس: 18/11) اسان انهن جي ان ڪري عبادت ڪريون ٿا، جو هي بت اسان کي الله جي قريب ڪندا. (الزمر: 3/39) اسان جو اهو قانون عدل آهي، جنهن موجب ظالمن ۽ ڏوهارين کي سندن ظلم ۽ زيادتي جي بدلي ۾ اهڙي سزا ڏيندا آهيون. (الزمر: 65/39)

اَوَ لَمْ يَرَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ كَانَتَا رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا ؕ وَ جَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ ؕ اَفَلَا يُؤْمِنُوْنَ ۝۳۰ وَ جَعَلْنَا فِي الْاَرْضِ

رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِهِمْ ۪ وَ جَعَلْنَا فِيْهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمْ
يَهْتَدُوْنَ ﴿٣١﴾ وَجَعَلْنَا السَّمَآءَ سَقْفًا مَّحْفُوْظًا ۚۖ وَّهُمْ عَنْ اٰيٰتِهَا
مُعْرِضُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ كُلٌّ فِيْ
فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا جَعَلْنَا لِبَشَرٍ مِّنْ قَبْلِكَ الْخُلْدَ ؕ اَفَاۡئِنْ مِّتَّ
فَهُمُ الْخٰلِدُوْنَ ﴿٣٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ
وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ؕ وَاِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِذَا رَاٰكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ
يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِيْ يَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَهُمْ بِذِكْرِ
الرَّحْمٰنِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ خُلِقَ الْاِنْسَانُ مِنْ عَجَلٍ ؕ سَاُورِيْكُمْ اٰيٰتِيْ فَلَا
تَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٣٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ لَوْ
يَعْلَمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا حِيْنَ لَا يَكُفُّوْنَ عَنْ وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَلَا عَنْ
ظُهُوْرِهِمْ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٣٩﴾ بَلْ تَاْتِيْهِمْ بَغْتَةً فَتَبْهَتُهُمْ فَلَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ رَدَّهَا وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ
فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٤١﴾ ع
ع ٣ ١٢ ٣

هن منڪر ٽولي ڪڏهن هن ڳالهه تي غور ناهي ڪيو تہ آسمان ۽ زمين
(ابتدائي خلقت ۾) هڪ ٻئي سان مليل هئا، پوءِ اسان انهن کي الڳ الڳ
ڪيو ۽ پاڻيءَ مان سموريون شيون پيدا ڪيون. هي سڀ ڄاڻيندي هي ماڻهو

ايمان نٿا آڻين. (30) ۽ اسان زمين تي مضبوط پهاڙ (ميخون هڻي) جمائي بيهاريا آهن تہ جيئن هو هنن جي ڪري هڪ طرف جهڪي نہ وڃي ۽ اسان انهن (پهاڙن) ۾ ڪشادا رستا بنايا آهن تہ جيئن هي ماڻهو (انهن تي هلي) پنهنجي منزل مقصود تي پهچي سگهن. (31) ۽ اسان آسمان کي هڪ مضبوط ڇت بڻايو، مگر هي ماڻهو انهن نشانين کان منهن موڙيون وينا آهن. (32) هي اهو (الله) آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن، سج ۽ چنڊ پيدا ڪيا. اهي سڀ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ تري رهيا آهن. (33) اي پيغمبر حق ﷺ! اسان توکان اڳ ڪنهن انسان کي بہ حيات جاودان نہ ڏني آهي ۽ جيڪڏهن تون وفات پائيندين تہ ڇا هي سدا حيات هوندا؟ (34) هر ساهدار کي موت جو مزو چکڻو آهي. اسان توهان کي زندگيءَ جي خير و شر يعني سنن ۽ خراب حالتن مان گذاريندا آهيون تہ جيئن اوهان جي آزمائش ٿئي. بالآخر اوهان سمورن کي اسان ڏانهن رجوع ڪرڻو آهي. (35) اي نبي محترم ﷺ! هي ڪافر ماڻهو جڏهن بہ توکي ڏسن ٿا تہ تنهنجو مذاق ڪن ٿا تہ ڇا هي اهو شخص آهي، جيڪو توهان جي معبودن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ پاڻ رحمٰن رب جي يادگيري جا منڪر آهن.(36) انسان جي سرشت ۾ ئي عجلت (جلدبازي) آهي، سو اسان عنقريب توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندا سون، ان ڪري ايتري جلدبازي نہ ڪريو. (37) ۽ هو چون ٿا جيڪڏهن تون سچو آهين تہ هي وعدو ڪڏهن وقوع پذير ٿيندو.(38) جيڪڏهن هي منڪر حق ان گهڙيءَ جي حالات کان واقف هجن تہ جڏهن (دوزخ جي) باهہ ڀڙڪندي تہ هو ان جا شعلا نہ پنهنجي منهن وارا (اڳيان وارا) هٽائي سگهندا ۽ نہ پنهنجي پٺي وارا يعني پويان وارا ۽ نہ وري ڪو هنن جي مدد ڪندو. (39) پر اها (عذاب واري) گهڙي هنن تي اوچتو ڪڙڪندي ۽ هنن کي هڪو ٻڪو ڪري ڇڏيندي. ان گهڙيءَ کي نہ هو

تبديل ڪري سگهندا ۽ نہ وري ڪين مهلت ملندي. (40) اي پيغمبر خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ تو کان اڳ بہ پيغمبرن جو مذاق ڪيو ويو آهي ۽ انهن جو هميشہ اهو نتيجو نڪتو آهي تہ جنهن نتيجي اچڻ کي مذاق بنائيندا هئا، اهو ئي هنن تي ڇانئجي ويو.(41)

---

ڇا ڪافرن هن حقيقت تي غور نہ ڪيو آهي تہ آسمان ۽ زمين بند هئا ۽ پوءِ اسان انهن کي کولي ڇڏيو، يا اهي ٻئي پاڻ ۾ مليل هئا، جن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪيوسون. نہ آسمان طرفان بارش ٿي آئي تہ نہ وري خشڪ زمين مان ڪو سلو سائو ٿي نڪتو، هڪ قسم جي خشڪ سالي هئي ۽ وري جڏهن بند آسمان طرفان برسات وسڻ شروع ٿي تہ زمين بہ سبزه زار سان ڪلي پئي ۽ اسان پاڻي جي ذريعي هر شيءِ کي زندگي بخشي. (النور: 45/24) نباتاتي زندگي هجي يا حيواني حيات، هر شيءِ جو تخليقي ماده مٽي ۽ پاڻي آهي. مٽي يعني " تُرَاب" پاڻيءَ سان ملي "طِيْن" ٿي. پوءِ "طِيْن"، "لَازِبْ" ۾ تبديل ٿي، پوءِ "حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" جي شڪل اختيار ڪئي. ان ڪانپوءِ "صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" جو مرحلو آيو، پوءِ "صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ" تي پهتو. اهڙيءَ طرح زمين ڪيترن مرحلن مان گذري، قابل رهائش ۽ قابل پيداوار ٿي ۽ زندگيءَ وجود ورتو. هن جو ذڪر سورت الحجر: 26/15 ۾ تخليق انسان بابت ۾ آهي ۽ زمين جي تخليق النازعات: 30/79 "وَ الْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا" "خَلَق" معنىٰ پيدا ڪرڻ. اهو الڳ مرحلو آهي. دَحٰىهَا ان کي هموار ۽ برابر ڪرڻ، زندگيءَ جي رهڻ لائق ڪرڻ الڳ مرحلو آهي، زمين جي تخليق آسمان کان الڳ ٿي، ليڪن ان کي هموار ڪري بيضوي شڪل ۾ آڻڻ آسمان جي پيدا ٿيڻ کان بعد ٿي. (هود: 70/11)

هن آيت مان Bigbang جي نظريي طرف بہ اشارو ملي ٿو، يعني جڏهن ڌماڪي سان هڪ وڏو گولو وجود ۾ آيو، جيڪو هڪ مربوط وجود جي شڪل ۾ هيو، پوءِ ماده جي ان گولي جي تقسيم ٿي. اهڙي طرح آسمان زمين جيڪي هڪ ٻئي سان مليل هئا، جدا ٿي ويا (الانبياءِ: 33/21، يٰس: 40/36) ۽ آسمان برسات جي فياضي ڪئي تہ زمين جواب ۾ سبزه زار رونق بخشي ۽ پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ملي حيات کي جنم ڏيڻ ۽ سج چتاءُ ۽ زمين جي پنهنجي مدار ۽ گردش ڪرڻ جهڙو دائرو هيڏو وڏو ڪارنامو ڏسڻ بعد بہ ڪافر ايمان ڇو نٿا

آڏين؟ پوءِ زمين تي جبلن جون ميخون هڻي، زمين کي لڏڻ ۽ هڪ طرف جهڪي وڃڻ کان محفوظ ڪيو، پر پنهنجي مدار ۾ بيضوي شڪل ۾ چڪر ڪاٽيندي به رهي ۽ ان پهاڙي سلسلي ۾ رستا وڇايا ته جيئن ماڻهو منزل مقصود تي رهبري حاصل ڪري سگهن ۽ زمين جي ڪليل ميدانن ۾ وڏا ڪشادا رستا ٺاهيا ته ماڻهو راهه ياب رهن ته جيئن ڪليل ميدانن توڙي پهاڙي علائقن ۾ ماڻهن کي سفر ڪرڻ ممڪن ٿئي. (النحل: 15/16، الانبياء: 31/21، يٰس: 40/36) زمين جي مٿان آسمان جي اهڙي ته جوڙ جوڙي، جو هو بغير ٿنڀن ٽوڙين جي فضا ۾ خود به خود ڪرڻ، ڊهڻ ۽ ڦاٽڻ کان محفوظ رهيو. زمين ۽ زمين تي رهندڙن مٿان ڪرندڙ شهاب ثاقب جي گولن کان محفوظ رکي ٿو. (الحجر: 17/15) هي زميني ۽ آفاقي حيرت انگيز ۽ عبرت نما انتظام عقل سمجهه ۽ سوچ رکڻ وارن لاءِ هدايت ۽ رهبري جون وڏيون نشانيون آهن، جيڪي قانونِ خداوندي جي مربوط، محڪم ۽ مضبوط انتظام جي گواهي ڏئي رهيون آهن ۽ غمازي ڪري رهيون آهن ته هي زمين ۽ آسمان جو گڏيل نظام هڪ خدا جي گواهي ڏئي ٿو. پر جيڪڏهن آسمانن جو الڳ الله هجي ۽ زمين جو نظام ڪنهن ٻي هستيءَ حوالي هجي ته يقينًا ٽڪراءُ ٿيندو ۽ اختلاف پيدا ٿيندو ۽ هميشه واري هم آهنگي برقرار نه رهندي. اهو مضمون سورت الحجر: 16/15 ۾ به آيو آهي. پر پوري نظام جي ڪامياب هم آهنگي ۽ ڪارڪردگي توحيد خداوندي جي گواهي ۽ هڪ اختيار ۽ اقتدار جي تصديق آهي. هي اهو هڪ الله جل شانه ئي آهي، جنهن زمين جي گردش سان رات ڏينهن کي هڪ ٻنيان باضابطه اچڻ جو سلسلو قائم ڪيو. سج ۽ چنڊ اپايا، جن سان تاريخن، مهينن ۽ سالن جو حساب وابسته رکيو. سج پنهنجي مدار ۾ مقرر رفتار ۽ رستي تي گردش ۾ آهي ته چنڊ وري مهيني ۾ هڪ دفعو نڪري، آهستي آهستي ”بدر“ ٿي، وري ڪجور جي ٽاري وانگر ٻٽجي به ڏينهن گم ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ مهيني ۾ هڪ دفعو نڪري ٿو، جنهن سان مهينن جو حساب ڪتاب، حج ۽ رمضان جي روزن جو نظام وقوع پذير آهي. (يٰس: 36/36 کان 40) اهڙي طرح سڀ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ گردش ۾ آهن.

هنن آفاقي نشانين سان اسان (الله) جي قانون جون صداقتون سمجهڻ واري جي سمجهه ۾ اچي سگهن ٿيون، پر هنن ماڻهن جو اصرار آهي ته هن رسول ﷺ کي

اهڙو واقعاتي معجزو پيش ڪرڻ گهرجي، جو هنن فطري شهادتن کان الڳ هجي ته پوءِ چئبو هي نبي آهي. هي بشر نه پر الڳ هستي آهي. توهان هنن کي چئو ته توهان جي اها سوچ درست نه آهي. نبي به بشريت جي صورت ۾ اچن ٿا. اهي به انسانن وانگر کائڻ پيئڻ ۽ بازارن ۾ گهمڻ ڦرڻ ڪن ٿا ۽ وفات به ڪري وڃن ٿا. تو کان اڳ اسان ڪو به اهڙو انسان پيدا نه ڪيو آهي جو هميشه زنده رهي سگهي. هن دنيا ۾ هر ساه واري کي موت جو مزو چکڻو آهي، جنهن قانون فطرت تحت هنن کي به مرڻو آهي. هي مخالف بغض ۽ حسد جي ڪري دراصل پنهنجي ڏکهي زندگيءَ جي دعا گهرڻ کان وڌيڪ (معاذ الله) تنهنجي مرڻ جي خواهش رکن ٿا. اصل سوال مرڻ جو نه آهي، پر "وَنَبۡلُوكُم بِٱلشَّرِّ وَٱلۡخَيۡرِ فِتۡنَةٗ" اسان هنن آزمائشن کي ڪري ڪوٽي، خير و شر جي پرکڻ جي ڪسوٽي ڪيو آهي ته معلوم ٿئي ڪير آتش نمرود کان نڪري، خير جو علمبردار ٿو ٿئي. هو پنهنجي خبر رکڻ بدران تنهنجي وجود جا دشمن آهن. هنن آزمائشن مان گذري، سمورن کي آخرڪار مون ڏانهن موٽڻو آهي. خير ۽ شر، غم ۽ خوشي، حق ۽ باطل کي پرکڻ لاءِ اوهان جا معيار ۽ پيمانا ناڪافي آهن. (الزلزال: 7-8/99) ٿي سگهي ٿو ته جنهن شيءِ کي اوهان پسند ڪندا هجو، اها اوهان لاءِ خراب يا شر هجي ۽ جنهن کي خراب يا شر سمجهو ٿا اها خير هجي. (البقره: 22/2) اصل حقيقت حال ته الله کي معلوم آهي، اوهان کي ان جي خبر ناهي. بهر ڪيف دنيا ۾ پيش اچڻ واريون سنيون بريون حالتون توهان جي آزمائش لاءِ آهن. (الملڪ: 2/67) الله جي طرفان ته خير ئي خير آهي، پر شر انسان جي پنهنجي طرفان آهي. جڏهن هو خير کي ڇڏي ٿو ڏئي، ته شر خود بخود ان جي جاءِ تي اچي وڃي ٿو، جيئن روشنيءَ جو بلب وسائڻ سان اونداهي اچي ٿي وڃي.

میری ساقی نے عطا کی مجھ کو مئے بے درد و صاف
رنگ جو کچھ دیکھتے ہو میرے پیمانے کو ہے

منهنجي ساقيءَ کان ته مون کي صاف شفاف شراب مليو، پر جيڪا مير نظر اچي ٿي، اهي انهن جي پيالي جي آهي.

ہرچہ ہست از قامت، ناساز بی اندام ماست
ورنہ تشریفِ تو بر بالای کس کوتاہ نیست

منهنجي شڪل و صورت قدو قامت ۾ خرابي آهي، ورنہ تنهنجي تشريف آوري ڪنهن لاءِ بہ محدود ناهي.

پريان سندي پار جي مڙيو ئي مڻائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

اي رسول محترم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ! هي ڪافر ماڻهو جيڪي اسان جي آيتن ۾ احڪامن جي صداقتن جو انڪار ڪن ٿا ۽ انهن کي اختراع، جادو يا شاعر جو ڪلام سڏين ٿا ۽ پنهنجن باطل عقيدن کي وحي کان وڌيڪ سنو سمجهن ٿا، اهي جڏهن توکي ڏسن ٿا يا ملن ٿا تہ دليل سان تنهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ جو جواب ڏئي نٿا سگهن تہ پوءِ تنهنجي تحقير ڪرڻ لاءِ نعوذ بالله تو سان چٿرون ۽ مذاق سان پيش اچن ٿا (الفرقان: 41/25) ۽ چون ٿا تہ ڏسو هي آهي اهو شخص، جيڪو توهان جي معبودن جو انڪار ڪري ٿو ۽ انهن جي الوهيت کي نٿو مڃي. هنن جي حالت زار تي ذرا غور ڪيو تہ هو تنهنجي هن باطل معبودن جي انڪار ڪرڻ کي چٿر ۽ مذاق جو نشانو بنائين ٿا، پر تنهنجي سچي الله کي جيڪو حقيقي معبود آهي، ان جو نانءُ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن ۽ انڪار تي انڪار ڪري رهيا آهن. يعني پنهنجن مصنوعي معبودن جي خلاف ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن، پر حقيقي خدا جو نالو ٻڌڻ بہ پسند نٿا ڪن. ڪافر پنهنجن ماڻهن جي جذبات اپارڻ لاءِ "يَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ" چوندا هئا، "يَذْكُرُ اٰلِهَتُنَا" ايتري قدر جو "يَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ بِالسُّوْءِ" يعني "سُوءِ" جهڙو لفظ پنهنجي ديوتائن ڏانهن منسوب ڪرڻ کان بہ ڪيٻائيندا آهن.

تھا جو ناخوب بتدریج وہی خوب ہوا
کہ بدل جاتا ہے قوموں کا غلامی میں ضمیر

(اقبال رحمة الله عليه)

اگھيو ڪائو ڪچ ماڻڪن موٽ تي
پلئي پايو سچ، آچيندي لڄ مران

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

هنن جي ذهني سطح گراوٽ ان حد تائين پهچي وئي آهي، جو الرحمان رب جي ذڪر جا انڪاري آهن. هي ان ڪري آهي، جو انسان دور جي نہ سوچيندو آهي، پر ايترو تہ جلدباز آهي، جو وقتي ۽ عارضي مفادن کي ترجيح ڏيندو آهي. (النساءِ: 28/4، بني اسرائيل: 11/17) هنن جي صريح انڪار ۽ سرڪشيءَ تي عذاب جو جلد اجراءُ نٿو ٿئي ۽ فورًا گرفت نٿي ٿئي، ان ڪري هو پاڻ کي صحيح سمجهندي، تنهنجي مخالفن ۽ پنهنجي شرارت کان باز نٿا اچن ۽ عذاب جي بروقت نہ اچڻ سبب مذاق، چٽرن ۽ "ميں نہ مانوں" ۾ بہ اڳرا آهن. هنن کي چئو تہ هي مهلت جو عرصو آهي، ان ڪري عذاب جهٽ پٽ اچڻ وارو ناهي، پر جڏهن اتمامِ حجت ٿي ويندي تہ عذاب ايندو ۽ ضرور ايندو، جڏهن خدا جون نشانيون حقيقت جو روپ ڌاري توهان جي سامهون اچي وينديون ۽ ان کي اوهان پنهنجن اکين سان ڏسندؤ.

ياد رهي تہ "لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ فِيٓ أَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" جلد بازيءَ کي خراب نٿي سمجهي. نيڪ ۽ڀلائي جي ڪمن ۾ جلدبازي جو ولولو ۽ تڙپ چڱو سوڻ آهي، جنهن سان هن جي سمورين سوچن، ارادن ۽ پروگرامن کي تقويت ۽ جلا ملي ٿي، پر ان جي بي جا، بي محل ۽ بي اعتدالانا استعمال ۾ خرابي ٿئي ٿي ۽ ان وقت سوچڻ، پروڙڻ بجاءِ جلد بازيءَ ۾ فيصلا ڪري ٿو ۽ اها جلد بازي انسان لاءِ نقصانده آهي. هو چون ٿا تہ هي جو اوهان اسان کي روز روز ڌمڪيون ڏيو ٿا ۽ چئو ٿا تہ اسان جي نصيحت قبول نہ ڪئي تہ توهان تي عذاب اچي ويندو. اسان توهان جي دعوت رد ڪريون ٿا. هاڻي ٻڌايو تہ اهو عذاب ڪٿي آهي، جنهن جو بار بار ذڪر ڪري رهيا آهيو. اسان کي اهو عذاب ڏيکاريو، جي واقعي سچا آهيو. هن آيت کان آيت 47 تائين مڪہ جي مشرڪن کي سندن سرڪشي، غفلت ۽ شرارت تي ڪين سرزنش (تنبيہ) ڪئي آهي تہ هو سچائيءَ جون نشانيون ڏسندا هئا ۽ بشارت ۽ انذار (دڀ) جا اعلان بہ ٻڌندا هئا، ان مان نصيحت ۽ مثبت نتيجا اخذ

ڪرڻ بدران چٿون ۽ ٺٺول ڪندا هئا.

وائے ناکامیٔ متاعِ کارواں لٹتا رہا
کاروان کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪاش هي پنهنجي جهالت، هٺ، ضد ۽ حسد جي گمراهه ڪندڙ تصور ۽ سوچ کان ٻاهر ٿي، قانون مڪافات تي غور فڪر ڪن ها ته سندن هن بداعماليءَ جو اهڙو نتيجو نڪرڻ وارو آهي، جنهن ۾ باهه جا شعلا نه پنهنجي چهرن کان هٽائي سگهندا ۽ نه وري پنهنجي پشت يعني پنيان واري باهه کان بچي سگهندا ۽ نه وري ڪو سندن مدد لاءِ اڳتي ايندو، اهو حال هن دنياوي زندگي ۾ به ٿيڻ وارو آهي. مسلمانن جي جهاد جا شعلا کين ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندا ۽ آخرت ۾ به دوزخ جي باهه جو ٻارڻ هوندا. اهو عذاب ۽ مصيبت اهڙو ته اوچتو اوچتو هنن کي پڪڙيندي جو هنن کي (مبهوت) هڪوبڪو ڪري ڇڏيندي. پوءِ هو نه ان جو دفاع ڪري سگهندا ۽ نه وري کين دم گهڙيءَ جي مهلت ملي سگهندي ته جيئن هو هن عذاب جي زد کان بچي وڃن. حقيقت حال اها آهي ته استهزاءِ ۽ استخفاف يعني چٿر ۽ حقارت هنن لاءِ ڪا نئين شيءِ نه هئي. اها سندن وڏڙن جو ورثو ۽ روايت هئي، جيڪا هنن جي سرشت ۾ خون وانگر پيوست ٿي چڪي هئي. هي هنن جي پشت در پشت جو ڪارنامو هيو. هن کان اڳ هنن جا ابا ڏاڏا به اهڙي طرح نبين ۽ رسولن جو مذاق ۽ ٺٺول ڪندا هئا، (الانعام: 34/6) هينئر به اها روش جاري رکي رهيا آهن. هنن کي خبر ناهي ته هنن جي وڏڙن جي هن خسيس حرڪت ۽ ڪريل عادت جي نتيجي ۾ کين ڪيترو عذاب ڀوڳڻو پيو، جنهن کي هو مذاق سمجهندا هئا، اهو سچ ٿي هنن جي تباهيءَ جو سامان بڻيو، تڏهن ته چون ٿا:

شامت اعمال ما صورت، نادر گرفت

قُلْ مَنْ يَّكْلَؤُكُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ مِنَ الرَّحْمٰنِ ؕ بَلْ هُمْ عَنْ ذِكْرِ
رَبِّهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمْ لَهُمْ اٰلِهَةٌ تَمْنَعُهُمْ مِّنْ دُوْنِنَا ؕ لَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَ اَنْفُسِهِمْ وَ لَا هُمْ مِّنَّا يُصْحَبُوْنَ ﴿٤٣﴾ بَلْ مَتَّعْنَا هٰۤؤُلَآءِ
وَ اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى طَالَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ؕ اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِى الْاَرْضَ
نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ اَفَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْىِ ۖ
وَ لَا يَسْمَعُ الصُّمُّ الدُّعَآءَ اِذَا مَا يُنْذَرُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَ لَئِنْ مَّسَّتْهُمْ نَفْحَةٌ
مِّنْ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ يٰوَيْلَنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَ نَضَعُ الْمَوَازِيْنَ
الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا ؕ وَ اِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ
مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَ كَفٰى بِنَا حٰسِبِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَ
هٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَ ضِيَآءً وَّ ذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ
بِالْغَيْبِ وَ هُمْ مِّنَ السَّاعَةِ مُشْفِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَ هٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ؕ
اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هنن کان پڇو رات جو وقت هجي يا ڏينهن جو، هو ڪير آهي، جيڪو رب رحمان کان اوهان جي نگهباني ڪري سگهي پر هي ته پنهنجي پروردگار جي ياد کان منهن موڙيو وينا آهن. (42) پوءِ ڇا اسان کانسواءِ هنن جا ڪي معبود آهن، جيڪي هنن کي اسان جي گرفت کان بچائي

سگهندا؟ پلا اهي اسان کان ڇا بچائيندا، جيڪي پنهنجي مدد به ڪري نٿا سگهن ۽ نه وري اسان جي طرفان ڪين حفاظت (پناهه) ملي سگهندي. (43) پر اسان هنن کي ۽ سندن وڏڙن يعني ابن ڏاڏن کي زندگيءَ جو سازو سامان ايترو ته گهڻو ڏنوسون، جو خوشحاليءَ ۾ هنن جون وڏيون وڏيون عمرون ان ۾ گذري ويون، غفلت هنن جي رڳ رڳ ۾ ويهي وئي. ڇا هي ماڻهو اهو نٿا ڏسن ته اسان زمين کي چئني طرفن کان هنن تي تنگ ڪري رهيا آهيون. ڇا هو هن مقابلي ۾ غالب ٿي رهيا آهن (يا مغلوب). (44) توهان هنن کي چئو ته مان اوهان کي وحي (خدا جي حڪم) مطابق خبردار ڪري رهيو آهيان، پر ٻوڙن کي جڏهن به خبردار ڪجي ته ٻڌڻ نٿا گهرن. (45) جيڪڏهن هنن کي تنهنجي پرردگار جو ٿورڙو عذاب به اچي ته هو سڀ شرارت وساري چوندا هاءِ افسوس جو اسان ظلم ڪندا هئاسون.(46) قيامت جي ڏينهن اسان عدل و انصاف جو ميزان (ترازو) رکنداسون پوءِ ڪنهن جان سان ذرا برابر به ناانصافي نه ٿيندي. جيڪڏهن سرنهن جي داڻي جيترو به ڪنهن جو عمل هوندو ته اسان ان کي آڻينداسون (حاضر ڪنداسون) اسان پاڻ حساب وٺنداسون ته پوءِ ڪا به ڪمي رهجي نه ويندي (پورو پورو حساب ٿيندو). (47) ۽ اسان موسیٰ ۽ هارون عليهما السلام کي فرقان (تورات) عطا ڪيو، جيڪو متقي ماڻهن لاءِ نصيحت ۽ نور (روشني هيو. (48) جيڪي غيب ۾ (جتي ڪو به نه هجي) خوفِ خدا کن ٿا ۽ قيامت جي ڊپ کان ڊڄندا رهن ٿا.(49) ۽ هي بابرڪت ذڪر (قرآن) اسان نازل ڪيو آهي، پوءِ ڇا اوهان ان جو انڪار ڪري رهيا آهيو.(50)

---

هنن کي چئو ته بداعماليءَ جي نتيجي ۾ مڪافات عمل جو عذاب اوهان کي رات جو گهيري وٺي يا ڏينهن جو، ته پوءِ رب رحمان جي گرفت کان الله ڪانسواءِ اوهان کي ڪير بچائي سگهندو. ڪير به بچائي نه سگهندو. (هن حقيقت هوندي به) هي ماڻهو خدا

جي پاران آيل نصيحت (ياددهاني) کان بلڪل منهن موڙي رهيا آهن ۽ پنهنجي عاقبت خراب ڪري رهيا آهن. آخرڪار هي ڪنهن جي پروسي تي اڪيون ٻوٽي جهالت کي چنبڙيا پيا آهن. ڀلا اسان کانسواءِ هنن لاءِ ڪو معبود آهي، جو هنن کي اسان جي عذاب کان بچائي سگهي. اهڙي ڪا به هستي نه آهي، جيڪا سندن حمايت ۽ مدد لاءِ اڳتي اچي يا هو پاڻ کي حيلو هلائي اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي وٺي اچن ۽ هو هنن جي حمايت ڪري. هن آيت ڪريمه جو ڊاڪٽر اسرار احمد تفسير بلڪل مختلف انداز ۾ ڪيو آهي. هنن ڪافرن کان پڇ ته رب رحمان طرفان اوهان جي ڪير حفاظت ڪري ٿو. يعني الله تعالىٰ ئي حفاظت جو انتظام ڪيو آهي. هنن اوهان جي حفاظت لاءِ محافظ Guard مقرر ڪيا آهن. جهڙي ﷺ طرح سورة الانعام: 16/6 ۾ آهي: ”وَيُرۡسِلُ عَلَيۡكُمۡ حَفَظَةًۖ“ هو فرشتن جي صورت ۾ اوهان جي حفاظت ڪري ٿو. سورة الرعد: 11/13 ۾ آهي: ”لَهُۥ مُعَقِّبَٰتٞ مِّنۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَمِنۡ خَلۡفِهِۦ يَحۡفَظُونَهُۥ مِنۡ أَمۡرِ ٱللَّهِۗ“ انسان لاءِ وري وري اچڻ وارا پهريدار آهن، جيڪي هن جي سامهون ۽ پويان الله جي حڪم سان حفاظت ڪندا رهندا آهن. مطلب ته جيستائين مشيت خداوندي چاهيندي آهي ته الله طرفان هن جي حفاظت ٿيندر رهندي آهي، پر هي نادان ماڻهو خدا جي شڪر گذاريءَ بدران الله جي ذڪر (نصيحت) کان منهن موڙيو ويٺا آهن. مطلب آهي ته هنن کي خدا جي عذاب کان خوف ڏياريو، پر هنن کي خبردار ڪرڻ مان ڪو فائدو ناهي، ڇو ته هو الله جو خوف دل ۾ رکن ئي ڪو نه ٿا ته پوءِ ان جي عذاب کان ڪهڙي طرح ڊڄندا. ڇا واقعي هي سمجهن ٿا ته ڪي اهڙيون طاقتون به آهن، جيڪي هنن کي اسان جي عذاب کان بچائي سگهنديون، جن کي هو پنهنجو معبود سمجهي رهيا آهن. انهن جي اها توقع بي سود ۽ بي نتيجا آهي. ڀلا اهي هنن جي ڪهڙي مدد ڪري سگهن ٿا، جن جي پنهنجي اها حالت آهي جو هو پنهنجي مدد به ڪري نٿا سگهن ۽ نه وري ڪنهن حملي کان پاڻ بچائي سگهن ٿا. هي اسان جي حفاظت کان محروم ٿي چڪا آهن. اسان جي حفاظت ته انهن کي ملندي آهي، جيڪي اسان جي حڪمن مطابق زندگي گذارين ٿا.

اصل معاملو دولت جي تواتر آهي ته هنن کي ۽ هنن جي وڏڙن پيءُ ڏاڏن کي هن دنياوي زندگي جو ايترو ته گهڻو مال متاع مليو آهي، جو هو ان جي نشي ۾ مدهوش ٿي

ويا آهن، يا ائين سمجهن ٿا تہ خوشحالي ۽ دولت مال متاع گهڻي وقت کان ملندو اچي، سو هاڻي هنن کان ڪير بہ کسي ڪو نہ سگهندو. هو پاڻ کي وڏي شيءِ سمجهن ٿا. پر ذرا پر بہ اهو غور ڪرڻ لاءِ تيار ناهن تہ اهو سازو سامان جنهن ڪين عطا ڪيو آهي، اهو واپس بہ وٺي سگهي ٿو. ڇا هنن کي نظر نٿو اچي تہ زمين هنن جي پيرن هيٺان کسڪندي وڃي ٿي. سندن اثر رسوخ روز بروز گهٽبو وڃي، اسلام جو آواز هر طرف پکڙبو وڃي، مڪي ۽ اطراف ۾ ان جي روشنيءَ جو دائرو وسيع ٿي رهيو آهي. سورة الرعد: 41/13 ۾ آهي: "اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ۭ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ۭ وَهُوَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ○ " ڇا هي (نادان) اهو نٿا ڏسن تہ اسان زمين کي هر طرف کان گهٽائيندا ٿا اچون. اصل فيصلا الله وٽ ئي آهن. ڪير بہ ان جي حڪم (فيصلي) کي پٺتي ڪري نٿو سگهي. هو حساب وٺڻ ۾ دير نٿو ڪري، پر حساب جلدي اڪلائي ٿو. هن حقيقت کان آگاهہ ٿيڻ ۽ پنهنجو زوال اکين سان ڏسڻ باوجود بہ هو سمجهن ٿا تہ هو اسان تي غلبو حاصل ڪري سگهندا. تون هنن کي آگاهہ ڪر تہ مان اوهان کي وحيءَ جي ذريعي خبردار ڪري رهيو آهيان. مان پنهنجي طرفان اوهان جي روش، هلت چلت جي انجام ۽ ان جي هولناڪ نتيجن کان ڌيان ڇڪرائي نہ رهيو آهيان، ان ڪري منهنجو پيغام يقيني آهي ۽ هن ۾ ڪو بہ شڪ شبهو يا ور وڪڙ ناهي، بلڪل سڌو ۽ اهڙو سڌو، جو منزل مقصود تي پهچائي ڇڏي. پر هن بيوقوفيءَ جو ڪهڙو علاج جو اوهان بلڪل ٻوڙا ٿي وڃو ٿا ۽ هر ڳالهہ کان ڪن ٽار ڪري اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندا آهيو، ان ڪري منهنجي طرفان هولناڪ نتيجن جي ٻڌائڻ ۽ ان کان بچڻ جو اوهان کي ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو.

هڪ طرف هنن جي هي آڪڙ ۽ هٺ ڌرمي آهي جو هو پنهنجي فائدي جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن ۽ هو پندو نصيحت کي قبول نٿا ڪن. جنهن ڪري جڏهن هنن کي عذاب الاهي جو هڪ جهونڪو بہ ڇهي ٿو تہ هو 'هاءِ هاءِ' جو شور مچائي دانهون ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ واقعي هي اسان جي نااهلي ۽ بدبختي هئي، جو اسان سڌي راهہ جو انتخاب نہ ڪيو. هن ۾ ٻئي ڪنهن جو بہ ڏوهہ ناهي، اسان ئي پاڻ سان ظلم ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اسان جي ڌرتي باهہ ڪڍي رهي آهي ۽ هي تباهي اسان جي ناداني جو نتيجو آهي، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو ذرا پر ڏوهہ يا عمل دخل نہ آهي، اسان پنهنجن پيرن تي پاڻ

کھاڙي هنئي آهي ۽ پنهنجي ڪيئي جو ڪو علاج بہ ناهي. قيامت جي ڏينهن وارو عذاب ائين تڙ تڪڙ ۾ انداڌند ۾ قائم نہ ڪيو ويندو، جو تہ اسان وٽان اهڙو عمل هرگز سرزد نہ ٿيندو. اسان نتيجن جي ظاهر ڪرڻ وقت عدل جو ميزان قائم ڪنداسون، جنهن ۾ پورو پورو حساب ٿيندو (الزلزال: 99/8-7) ۾ ڪنهن سان ذرو پر بہ ناانصافي نہ ٿيندي. هن ڪيترو بہ ننڍي مان ننڍو عمل ڪيو هوندو، اهو سرنهن جي داڻي برابر ڇو نہ هجي، يا ان کان بہ گهٽو ننڍو، مگر اهو سڀ ميزان عدل ۾ ظاهر ٿي ويندو ۽ ان جو بہ وزن ڪيو ويندو. ياد رهي تہ قدرت ۾ فطرت جو تارازو تمام حساس نوعيت جو آهي، جنهن کي اگر وار بہ ڇهي وڃي تہ ان جو وزن ظاهر ڪندو. ان ڪري ننڍي کان ننڍو ۾ خيال ۾ نہ اچڻ جهڙو عمل بہ ان ميزان (تارازو/ساهمي) جي رونق ٻٽبو، ايتري قدر جو اکين جي خيانت ۽ سينن جا لڪل راز بہ تور ۾ ايندا ۽ سؤ فيصد صحيح ۽ درست نتيجا ظاهر ڪندا. جڏهن اسان (ذات خداوندي) حساب وٺڻ وارا هونداسون تہ پوءِ ڪهڙي شيءِ حساب کان رهجي ويندي، ڇو تہ اسان سڀ کان وڌيڪ صحيح حساب وٺڻ وارا آهيون.

هي انصاف ۽ عدل جو صاف سٿرو نظام اڄ ڪلهہ جي ڪهاڻي ناهي، پر اهو پوئين وقت کان بلڪل اهڙيءَ طرح هلندو اچي. انهيءَ قسم جا انقلاب پوين نبين جي دؤر ۾ بہ ٿيندا رهيا آهن. مثال طور حضرت موسىٰ، حضرت هارون عليهما السلام کي اهڙا حڪم ڏنا هئا، جيڪي برهانِ قاطع ۽ فرقانِ حق و باطل هئا، جنهن سان سني، خراب، غلط، صحيح جي پرکڻ جي ڪسوٽي موجود هئي ۽ ان ماڻهن لاءِ جيڪي پنهنجي حياتي کي بهتر بنائڻ گهرن ٿا ۽ زندگيءَ جي تباهين کان بچڻ گهرن ٿا، هدايت جي مشعلِ راهہ جو سنگ ميل هئا. هن سلسلي بيان ۾ توجه ڇڪايو ويو آهي تہ اڳين قومن ۽ انهن ڏانهن آيل دعوتن جي نتيجن تي غور ڪيو وڃي ۽ ان مان ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جي راهہ تلاش ڪئي وڃي. موسىٰ عليه السلام ۽ ان وقت جي فرعونن جا قصا تہ عوام جي زبان زد هئا، جن جو مثال ڏئي خبردار ڪيو ويو آهي تہ قرآن حڪيم بہ ان سلسلي جي ڪڙي يا آخري ڪُنڊو آهي، جنهن جو نزول بہ نوع انسان جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ آهي. پوءِ جيڪڏهن هن يادهاني جي تازي ۽ مڪمل پيغام کان انڪار يا محرومي آهي تہ ان جا نتيجا بہ سنت الاهي قانون مڪافات مطابق بلڪل پوين نتيجن جهڙا نڪرندا. هي هدايت نامو ۽

نصيحت نامو انهن ماڻهن کي ئي فائدو ڏيندو، جيڪي پنهنجي بداعمالي ۽ الله جي حڪمن جي خلاف ورزي کان ڊڄندا ۽ ڪنبندا هوندا ۽ پنهنجي ماضيءَ جي ڏوهن جي اعادي کان پاڻ کي بچائي رکندا ۽ ايندڙ حساب ڪتاب ۽ انقلاب جي نتيجن جي تصور سان ئي ڏڪندا رهندا آهن. اهڙا متقي ۽ نيڪوڪار انسان ئي هن مان فائدو حاصل ڪري سگهندا، پر جن جي دل ۾ خوفِ خدا نہ آهي ۽ نہ وري پنهنجي عاقبت جو انديشو آهي، انهن کي ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو. در حقيقت هدايت جو هي آواز انهن ڪنن جي معرفت دل تائين رسائي ڪندو آهي، جيڪي پنهنجي پروردگار جي عظمت، جلال ۽ آخرت جي انجام کي پنهنجي فطرت جي الهام کي سنجيدگي سان ٻڌندا ۽ غور ڪندا آهن.

هاڻي هي قرآن اوهان جي ڀلائي ۽ خوشحاليءَ جي پيغام سان اسان جي طرفان نازل ٿيو آهي، جيڪو نهايت مبارڪ ۽ با برڪت آهي، جيڪو اوهان جي صلاح ۽ خوشگوار زندگيءَ جو ضامن آهي، جنهن سان اوهان جي عاقبت بہ بالخير ۽ عافيت رهندي. ڇا اوهان اهڙي فلاح و بهبود جي پيغام ۽ پروگرام جو انڪار ڪري، پنهنجي تباهيءَ جو پاڻ سامان تيار ڪيو ٿا يا هن تي عمل پيرا ٿي پنهنجي ڀلائيءَ جو سامان جوڙيو ٿا. هي هدايت ۽ رهبري جو ڪتاب يومِ اول کان الله طرفان وحيءَ ذريعي موڪليل انساني ڀلائي ۽ بهبود جو ناياب نسخو ۽ صداقت ڀريو صحيفو آهي. هاڻي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ بہ اوهان تي ڇڏيل آهي ۽ ان کان انڪار ڪري، پنهنجي تباهيءَ جو سامان تيار ڪرڻ بہ اوهان جي هٿ وس آهي.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ رُشۡدَهٗ مِنۡ قَبۡلُ وَ كُنَّا بِهٖ عٰلِمِيۡنَ ۚ﴿۵۱﴾ اِذۡ قَالَ
لِاَبِيۡهِ وَ قَوۡمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيۡلُ الَّتِىۡۤ اَنۡتُمۡ لَهَا عٰكِفُوۡنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوۡا
وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا لَهَا عٰبِدِيۡنَ ﴿۵۳﴾ قَالَ لَقَدۡ كُنۡتُمۡ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمۡ فِىۡ
ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۵۴﴾ قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا بِالۡحَقِّ اَمۡ اَنۡتَ مِنَ اللّٰعِبِيۡنَ ﴿۵۵﴾ قَالَ بَلۡ

رَبُّكُمْ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ الَّذِيْ فَطَرَهُنَّ ۖ وَ اَنَا عَلٰى ذٰلِكُمْ مِّنَ
الشّٰهِدِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَ تَاللّٰهِ لَاَكِيْدَنَّ اَصْنَامَكُمْ بَعْدَ اَنْ تُوَلُّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿۵۷﴾
فَجَعَلَهُمْ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيْرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ اِلَيْهِ يَرْجِعُوْنَ ﴿۵۸﴾ قَالُوْا مَنْ
فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَاۤ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۹﴾ قَالُوْا سَمِعْنَا فَتًى يَّذْكُرُهُمْ
يُقَالُ لَهٗۤ اِبْرٰهِيْمُ ﴿۶۰﴾ قَالُوْا فَاْتُوْا بِهٖ عَلٰۤى اَعْيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمْ
يَشْهَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ قَالُوْۤا ءَاَنْتَ فَعَلْتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ﴿۶۲﴾ قَالَ بَلْ
فَعَلَهٗ ۖ كَبِيْرُهُمْ هٰذَا فَسْـَٔلُوْهُمْ اِنْ كَانُوْا يَنْطِقُوْنَ ﴿۶۳﴾

هن کان اڳ ابراهيم عليه السلام کي بہ ان کي سندس اعلىٰ مرتبي مطابق سعادت جي راهہ بخشي هئي ۽ اسان هن جي صلاحيتن کان واقف هئاسون. (51) جڏهن ابراهيم عليه السلام پنهنجي والد ۽ پنهنجي قوم کي چيو تہ هنن مورتين جي ڪهڙي حيثيت آهي، جو اوهان انهن جو اعتڪاف ڪريو ٿا. (52) تہ انهن جواب ڏنو تہ اسان پنهنجن وڏن ابن ڏاڏن کي انهن جي پوڄا ڪندي ڏٺو آهي. (53) ابراهيم عليه السلام چيو تہ اوهان يقين ڪريو توهان پاڻ ۽ توهان جا ابا ڏاڏا صريحًا گمراهيءَ ۾ هئا. (54) جنهن تي هنن چيو تہ واقعي سنجيدگي سان ائين چئي رهيو آهين، يا مذاق ڪري رهيو آهين. (55) ابراهيم عليه السلام چيو تہ جنهن الله زمين ۽ آسمان پيدا ڪيا آهن، اهو ئي اوهان جو پروردگار آهي ۽ ان جي مان بہ گواهي ڏئي رهيو آهيان. (56) الله جو قسم کڻي چوان ٿو تہ توهان جڏهن هتان هليا ويندا تہ آءٌ توهان جي هنن بتن (معبودن) کي نڪاٽي

لڳائيندس. (57) هن انهن بتن کي ٽوڙي پورا پورا ڪري، رڳو وڏي مان وڏي بت کي باقي ڇڏيو تہ جيئن هو ان ڏانهن اچي هن واقعي بابت معلوم ڪن. (58) جڏهن اهي پنهنجي عبادت خاني ۾ آيا تہ هي حالت ڏسي چوڻ لڳا تہ اسان جي معبودن سان هيءَ حرڪت ڪنهن ڪئي آهي؟ جنهن بہ هي (ڪڌو ڪم) ڪيو آهي، اهو وڏو ظالم شخص آهي. (59) هنن چيو تہ اسان هڪ نوجوان کي هنن (بتن) جي باري ۾ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندي ٻڌو آهي، جنهن کي ابراهيم سڏيو ٿو وڃي.(60) جنهن تي ماڻهن چيو تہ هن کي هنن سمورن ماڻهن جي سامهون گهرايو تہ سڀ گواهي ڏين. (61) هنن ابراهيم ﷺ کان پڇيو تہ ڇا هي واردات تو کان سرزد ٿي آهي. (62) جنهن تي ابراهيم ﷺ چيو تہ اهو سڀ هن وڏي بت ڪيو آهي، جيڪڏهن هنن کي گويائي جي توفيق مليل آهي تہ بس انهيءَ کان ئي معلوم ڪري وٺو. (63)

---

اسان موسىٰ ۽ هارون ﷺ کان اڳ ابراهيم ﷺ کي سندس فرائض منصبي جي ڪماحقه ادائگيءَ لاءِ اها معرفت ۽ هدايت عطا ڪئي، جيڪا سندس مرتبي ۽ ذميداري جي شايان شان هئي. اها نعمت اسان هن ۾ موجود صلاحيتن جي اپرڻ ۽ نشونما جي استطاعت ڏسي، کيس عطا ڪئي هئي. ائين ناهي جو بنا سوچي سمجهي کيس عطا ڪئي هئي. (الانعام: 124/6) اسان کي هن جي صلاحيتن ۽ استطاعت جي پوري خبر هئي ۽ ان مطابق ئي اسان کيس عالم ملڪوت جي خبرن کان بہ آگاهہ ڪيو هو. هي حقيقت انهن لاءِ درس هدايت آهي، جيڪي پنهنجي نسبت تہ ابراهيم ﷺ سان جوڙين ٿا، پر ان جي ڪنهن بہ سنت جي پيروي ڪرڻ کان محروم آهن، ان ڪري انهن جي رهنمائيءَ لاءِ ابراهيم ﷺ ۽ سندس قوم جي درميان ٿيندڙ ڪشمڪش جي تفصيل سان ترجماني ڪئي وئي آهي، جيڪا قرآن مجيد ۾ البقره: 124/2 کان 141 ۽ 258، الانعام: 74/6، التوبه: 114/9، هود: 69/11،76، ابراهيم: 35/14،41، الحجر: 15/15کان 60، النحل: 16/

120، 123 ۾ موجود آهي. جڏهن ابراهيم عليه السلام پنهنجي معاشري تي نظر وڌي ته هن نه رڳو هر طرف بت پرستيءَ جو زور ڏٺو، پر هن پنهنجي گهر اندر به انهيءَ شرڪ جا شعلا ٻرندي ڏسي، پنهنجي پيءُ ۽ ماڻهن کي ڇپائين ته توهان هنن مورتين جي پوڄا پاٺ لاءِ سندن آڏو سرنگون آهيو، هي کهڙو ته قبيح فعل آهي. هن بت پرستي جي زوردار نظام ۾ جنهن ۾ سندس والد (چاچو) بت خاني جو نگران هيو، هن توحيد جو علم بند ڪيو. هي جرئت ۽ همت انهن کي عطا ٿيندي آهي، جنهن کي الله عزوجل پنهنجي توفيق سان نوازي ۽ جنهن جي ايمان ۽ عمل جي سطوت ۽ جلالت هر خوف ۽ هر طمع کان بلڪل بي پرواهه ۽ بي نياز هجي، جيڪو پنهنجي جوانيءَ جي اولين حصي ۾ مدهوش مخالفن کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ سندن عقل ۽ بصيرت کي آواز ڏئي ته ٻڌايو، اوهان وڏا آهيو يا هي مورتيون وڏيون آهن. اوهان ته عقل هوش ۽ حواس وارا انسان آهيو، هي مورتيون ته بي حس، بي بس پٿرن جا پرزا آهن. توهان هنن جي آڏو بندگيءَ ۾ سر جهڪائي وينا آهيو، ان تي کهڙو ماتم ڪجي. جنهن تي هنن جواب ڏنو ته هي اسان جي ايجاد نه آهي، نه رڳو اسان هنن جي پوڄا ڪريون ٿا، پر هي اسان جي ابن ڏاڏن کان هلندي اچي، جيڪا وقت بوقت منتقل ٿيندي اسان تائين پهتي آهي. گويا هي اسان جي وڏڙن جي امانت ٿي آهي، جنهن کي زنده رکڻ اسان جو فرض آهي. ان ڪري اسان تنهنجي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. ابراهيم عليه السلام کين چيو ته اوهان سراپا صاف صاف گمراهي ۾ مبتلا آهيو ۽ توهان جا ابا ڏاڏا به، جن جي اها روش ۽ هلت چلت هئي، اهي به گمراهه هئا. هن کان وڌي جهالت ۽ بي وقوفي کهڙي هوندي جو هٿوڙا هڻي پٿرن کي گهڙي پنهنجي هٿن سان بي جان مورتين کي ناهيو ٿا ۽ وري پاڻ انهن جا پوڄاري بڻجي کين پنهنجي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا سمجهو ٿا، جيڪڏهن ابن ڏاڏن کان ڪا ضلالت ۽ گمراهي هلندي اچي ٿي ۽ اوهان تائين پهتي آهي، اها هدايت، حق ۽ سچ ٿي نٿي سگهي. ان ڪري يقين ڪريو ته اوهان ئي کلي گمراهي ۾ آهيو.

ابراهيم عليه السلام جو اهڙو قول ٻڌي هو هڪا ٻڪا ٿي ويا. کين يقين ئي نٿي آيو ته هي هڪ نوجوان ائين چئي سگهي ٿو ۽ هن کي حقيقت سمجهي ٿو، ان ڪري کيس چيائون ته اها ڳالهه تون پوري سنجيدگي ۽ هوش حواس سان چئي رهيو آهين يا اسان جي

ڇيڙ ڇاڙ ڪري اسان سان مذاق ڪري رهيو آهين. ابراهيم عليه السلام چيو ته هن ۾ مذاق جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڀلا جن مورتين کي توهان ناهيو ٿا، اهي ان حيثيت ۾ مقام جون ٿي سگهن ٿيون، جو انسان انهن جي آڏو گوڏا کوڙي سرنگون ۽ سربسجود رهي، جنهن جا توهان پاڻ خالق آهيو ۽ توهان جي ڪاريگريءَ جون محتاج آهن، اهي اوهان جو خدا بڻجي معبود جو درجو ڪهڙي طرح حاصل ڪرڻ جي لائق آهن. اوهان جو الله ۽ عبادت جي لائق اهو آهي، جنهن اوهان کي نيست مان هست ڪيو، عدم کان وجود ۾ آندو ۽ هن پوري ڪائنات جي تخليق ڪئي ۽ ان کي سنڀالي رهيو آهي. توهان پنهنجي هن شرڪ ۽ ڪفر واري مسلڪ کي ان ڪري سچ سمجهو ٿا ته اهو اوهان جي وڏڙن کان هلندو پيو اچي، جيڪو درست ناهي، ڇو ته هن جو نه ڪو دليل آهي، جنهن کي عقل سليم تسليم ڪري سگهي، پر مان پنهنجي هن دعوىٰ جو پاڻ پڪو گواهه آهيان، جنهن لاءِ جهڙو به ثبوت گهرجي، اهو مان ڏئي سگهان ٿو. پاڻ سوچي ٻڌايو ته ڪنهن جي دعوىٰ ۽ شهادت وڌيڪ قابل قبول آهي. هڪ بي ڍنگ روش ۽ روايت، يا هڪ پُر دليل سچي، سمجهه، برحق ۽ درست دعوىٰ. هي اهائي سَنَدَ ۽ تحقيق شده حقيقت آهي، جيڪا پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي چئي وئي. "قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ" (يوسف: 108/121)اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! هنن کي چٽي طرح ٻڌاءِ ته منهنجو هي رستو آهي. مان الله طرف سڏي رهيو هيان، پاڻ به ۽ جيڪي منهنجي پيروي اتباع ڪن ٿا. هاڻي اوهان پاڻ سوچيو ته ڪنهن جي شاهدي زياده درست ۽ قابل قبول آهي ۽ ان جو اتباع ڪريو. پنهنجن روايتي ابن ڏاڏن جي روش، جنهن لاءِ ڪو ثبوت آهي ۽ نه سَنَدَ يا جنهن جو مان اعلان ڪري رهيو آهيان ۽ دعوت پيش ڪري رهيو آهيان. هت شهادت بمعنىٰ اعلانِ دعوت آهي. توهان جو اهو عقيدو ته اوهان جا اهي مصنوعي معبود بااختيار ۽ طاقتور آهن ۽ جيڪڏهن ڪو به شخص انهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندو، يا سندن شان ۾ گستاخي ڪندو ته هي بت ان کي برباد ۽ تباهه ڪري ڇڏيندا. توهان جي هن باطل عقيدي کي غلط ۽ گمراهه ثابت ڪرڻ ۽ اوهان تي اهو ظاهر ڪرڻ ته هي بت ويچارا ڪيترا ڪمزور ۽ بي بس آهن، توهان جي وڃڻ بعد مان هنن کي نڪاڻي لڳائيندس. منهنجو الله گواهه آهي ۽ منهنجو معاون ۽ مددگار آهي. مان هي ڪم هر حالت ۾ ڪندس. پوءِ فيصلو توهان پاڻ ڪجو ته هي بت ڪيتري قوت ۽

طاقت جا مالڪ آهن. اوهان جي موجودگيءَ ۾ ان فرض جي ادائگي مون لاءِ مشڪل ناهي، پر يقين اٿم تہ اوهان ائين ڪرڻ نہ ڏيندا ۽ انهن جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ سمورا گڏ ٿي ويندا ۽ پوءِ اهو پروپيگنڊا ڪندا تہ هي شخص رڳو ڳالهيون ڪري ٿو، پر اسان جي معبودن ڪي ڪو اهنج پهچائي نٿو سگهي. باقي اوهان جي وڃڻ بعد معاملو منهنجي ۽ هنن بتن جي درميان هوندو ۽ پوءِ اها حقيقت ظاهر ٿي ويندي تہ هي بي بس بت پنهنجي حفاظت بہ ڪري نٿا سگهن، اهي اوهان جي ڪهڙي حفاظت ۽ حمايت ڪندا. هت "لَاَكِيْدَنَّ" ۾ "ڪيد" جو مطلب آهي. مان سوچي سمجهي اسڪيم يا تدبير سان هنن بتن سان نبيري وٺندس.

هنن ماڻهن جي عبادت خاني مان وڃڻ بعد جڏهن ڪو بہ ڏسڻ ٻڌڻ وارو ڪو نہ هيو، ابراهيم ؑ هنن سمورن بتن کي پورا پورا ڪري ڇڏيو، مگر انهن مان هڪ وڏي بت کي سلامت ڇڏي ڏنو تہ جيئن هنن بتن جا پوڄاري اچن ۽ بتن جي هيءَ حالت ڏسي هن وڏي بت کان حال حقيقت معلوم ڪن، يعني جڏهن هن الزام هيٺ ابراهيم ؑ کي مجمعي ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ڪانئس پڇن تہ هي تو ڇا ڪيو آهي تہ ڪين ٻڌائي تہ مون کان ڇو ٿا پڇو، هنن جو هيءُ وڏو موجود آهي، ان کان پوري خبر وٺو، جن کي اوهان پنهنجو معبود بڻايو ويٺا آهيو. هاڻي اهي اوهان کي ڇا ٿا ٻڌائين. پوءِ جڏهن اهي مشرڪ پنهنجي بتن جي عبادت لاءِ آيا تہ اهو حال ڏسي جنهن ۾ بت پورا پورا ٿي چڪا هئا، چوڻ لڳا تہ اسان جي معبودن جي بي حرمتي ڪرڻ ۽ انهن کي ڪاري ضرب لڳائڻ وارو ڪير شخص آهي، جنهن شخص بہ هي ناپسنديده ڪم ڪيو آهي، اهو وڏو ظالم آهي، جو ديوتائن جو ادب ڪرڻ ۽ انهن آڏو عجز و نياز سان پيش ٿيڻ بدران هن شخص اسان جي بتن جي بي توقيري ۽ بي عزتي ڪئي آهي ۽ اهو ضرور وڏي سزا جو مستحق آهي.

عبادت گاهہ جي پوڄارين کي اها خبر هئي تہ اهو ڪم ڪنهن ڪيو آهي، پر جاهل پڇڻ لڳا تہ هيءَ گستاخي ڪنهن ڪئي آهي. جيڪڏهن پڄاري پاڻ چون ها تہ اسان خود ٻڌو هيو تہ ابراهيم ؑ هي ڪم ڪرڻ وارو آهي تہ پوءِ حفظ ماتقدم خاطر بچاءَ جا اڳ ۾ انتظام ڇو نہ ڪيائون، ان ڪري خاموش رهيا، پر ميڙ مان ڪنهن چيو تہ اسان هڪ نوجوان جي واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون آهن، جيڪو هنن بتن جو مخالف آهي ۽ هڪ معبود هڪ

الله جي توحيد جو قائل آهي. هيءَ ان جي حرڪت ٿي سگهي ٿي، جنهن جو نالو ابراهيم آهي، مجلس ۾ ابراهيم ؑ ماڻهن جي موجودگي ۾ هنن بتن سان بہ هٿ ڪرڻ جي ڳالهہ ضرور ڪئي هئي، پر بت پرستن جو خيال هيو تہ اهو هڪ ڏڙڪو دهمان آهي، باقي بتن کي نقصان پهچائڻ ڪنهن جي وس ۽ اختيار ۾ ناهي، جيڪو ڪندو تہ هي بت ان جو تهس نهس ڪري ڇڏيندا. هنن جي نگران پوڄارين چيو تہ ابراهيم ؑ کي هت هن مجمعي ۾ حاضر ڪيو تہ ماڻهو هن جي سامهون هن جي خلاف گواهي بہ ڏين يا ٻيا ماڻهو ڏسن تہ اسان شاهديون وٺي بعد ۾ هڪ صحيح فيصلو ڪيو آهي ۽ اهو فيصلو ۽ سزا ٻين لاءِ بہ عبرت جو سبب بڻجي. ان ڪري ابراهيم ؑ کي معبد جي نگران پوڄارين آڏو پيش ڪيو ويو ۽ عام منادي ڪئي وئي تہ جنهن کي هن واقعي جي خبر آهي ۽ هن شخص جي مٿان جيڪا تهمت آهي، ان جو ڪو ثبوت آهي تہ گواهيءَ طور پيش ڪيو وڃي. ماڻهن گواهي ڏني تہ هي شخص آهي جيڪو هنن جي بتن خلاف ڳالهائيندو آهي، جنهن تي ابراهيم ؑ کان پڇيائون تہ ڇا هي ڏوهہ تو ڪيو آهي ۽ اسان جي معبودن جي بي حرمتي ڪئي آهي، جنهن تي ابراهيم ؑ پنهنجي طرفان ڪجهہ چوڻ ۽ ٻڌائڻ بدران پنهنجي منصوبي ۽ خدائي رشد و هدايت (الانبياء: 51/21) تحت ڪين چيو تہ هي معاملا هن وڏي بت جو ڪارنامو آهن، جنهن هنن ننڍن ننڍن بتن کي پيڄي پورا ڪيو آهي. توهان جو اهو عقيدو آهي تہ هي بت غيب جو علم رکن ٿا ۽ هر هڪ ڳالهہ جي هنن کي خبر آهي، جڏهن ڪو شخص اوهان وٽ سوال کڻي ايندو آهي تہ اوهان ڪيس چوندا آهيو تہ هنن بتن کان پڇي، تنهنجي سوال جو جواب ڏينداسون. هاڻي بہ ڪانئس پڇڻ گهرجي تہ هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي. (الصّٰفّٰت: 88/37 کان 98) ابراهيم ؑ پنهنجي فرد جرم داخل ٿيڻ وقت ائين نہ چيو تہ اهو ڪم مون ڪيو آهي، جنهن جي اوهان کي پوري طرح خبر هئي، پر جواب ۾ چيو تہ هي وڏو ۽ معتبر بت موجود آهي، اهو توهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو ان ڪري مون کان نہ پڇو، پر هن کان پڇو.

فَرَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَنْفُسِهِمْ فَقَالُوْٓا اِنَّكُمْ اَنْتُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾ ثُمَّ نُكِسُوْا عَلٰى
رُءُوْسِهِمْ ۚ لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هٰٓؤُلَآءِ يَنْطِقُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَالَ اَفَتَعْبُدُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكُمْ شَيْـًٔا وَّ لَا يَضُرُّكُمْ ﴿٦٦﴾ اُفٍّ لَّكُمْ وَ لِمَا تَعْبُدُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَ انْصُرُوْٓا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ
كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿٦٩﴾ وَ اَرَادُوْا
بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ ﴿٧٠﴾ وَ نَجَّيْنٰهُ وَ لُوْطًا اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ
بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾ وَ وَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ ؕ وَ يَعْقُوْبَ نَافِلَةً ؕ وَ كُلًّا
جَعَلْنَا صٰلِحِيْنَ ﴿٧٢﴾ وَ جَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَ اَوْحَيْنَآ
اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ وَ اِقَامَ الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَ كَانُوْا لَنَا
عٰبِدِيْنَ ﴿٧٣﴾ وَ لُوْطًا اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّ عِلْمًا وَّ نَجَّيْنٰهُ مِنَ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ
كَانَتْ تَّعْمَلُ الْخَبٰٓئِثَ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ سَوْءٍ فٰسِقِيْنَ ﴿٧٤﴾ وَ اَدْخَلْنٰهُ فِيْ
رَحْمَتِنَا ؕ اِنَّهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾ ع ٥

پوءِ هو پاڻ ۾ سوچڻ لڳا ۽ چيائون ته هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اصل مجرم اسان پاڻ آهيون. (64) (حقيقت جي آگاهيءَ باوجود شرم ۽ پشيماني ۾ ڪنڌ نوائي پنهنجي جهالت ۽ حميت جي پرده پوشي ڪندي چوڻ لڳا ته) توکي چڱي طرح معلوم آهي ته هي بت ڳالهائي نٿا سگهن، پوءِ ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَامُ چيو ته اوهان ڪي

چا ٿي ويو آهي جو توهان الله کي ڇڏي اهڙين شين جي پوڄا ڪريو ٿا، جيڪي اوهان کي ڪنهن به قسم جو نفعو يا نقصان نٿيون ڏئي سگهن.(66) اوهان جي حالت ڪهڙي نه قابل ديد آهي ۽ انهن جي به، جن کي توهان الله جي بدران پوڄا ڪندا آهيو، ڇا اوهان جي مت ماري وئي آهي.(67) جنهن تي هنن هڪ ٻئي کي چيو ته همت ڪريو ۽ هن شخص کي باهه ۾ ساڙي ڇڏيو ۽ پنهنجن معبودن جو مانُ مٿانهون ڪيو.(68) مگر اسان حڪم ڪيو ته اي باهه! ابراهيم ﷇ لاءِ ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وڃ. (69) هنن ابراهيم ﷇ خلاف جيڪا رٿ رٿي هئي، اسان انهن کي ان ۾ ناڪام ڪري ڇڏيوسون ۽ هنن جا سڀ منصوبا ناڪام ٿي ويا. (70) ۽ ان (ابراهيم ﷇ) کي ۽ لوط ﷇ کي بچائي، ان سرزمين ڏانهن وٺي وياسون، جنهن ۾ اسان جهان وارن لاءِ برڪتون رکيون آهن. (71) ۽ اسان هن (ابراهيم ﷇ) کي اسحاق ﷇ (جهڙو پٽ) ۽ يعقوب ﷇ جهڙو (پوٽو) عطا ڪرڻ فرمايو. (72) ۽ اسان انهن کي امام جو رتبو ڏنو، جيڪي اسان جي حڪمن جي تعميل لاءِ حڪم ڏيندا هئا ۽ اسان هنن ڏانهن نيڪ ڪم ڪرڻ، نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ جي وحي ڪئي ۽ اهي سمورا اسان جي قانون جي پوري پابندي سان ادائگي ڪرڻ وارا عبادتگذار هئا. (73) ۽ لوط ﷇ کي به صحيح فيصلي ڪرڻ جي قوت ۽ نبوت جو علم عطا ڪيو هيو ۽ اسان هن کي ان بستيءَ کان نجات ڏياري، جيڪي گندو خبيث ڪم ڪندا هئا، يقينًا اهي نهايت بري ۽ نافرمان ماڻهن جي قوم هئي ۽ لوط ﷇ کي اسان پنهنجي رحمت سان نوازيو ۽ يقينًا اسان جي ڀانهن مان هيو.(75)

ابراهيم ﷇ جي معنیٰ خيز دليل ٻڌڻ بعد هو ڪنڌائتا ٿي پاڻ ۾ سوچڻ لڳا ۽ ڪافي بحث مباحثي بعد ان نتيجي تي پهتا ته ابراهيم ﷇ جي ڳالهه ۾ وزن آهي، جنهن

ڪي رد ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن حقيقت جي نگاهہ سان ڏسجي تہ غلطي اسان جي آهي ۽ هي زيادتي اسان کان ئي ٿي آهي. گويا هنن جي ضمير جو آواز هيو جو هنن ابراهيم ﷺ جي قول جي تصديق ڪئي ۽ اقرار ڪيو تہ دراصل ظالم اسان پاڻ آهيون، جو بي جان مجسمن کي معبود سمجهي، انهن اڳيان عجز و نيزاري سان سجده ريز آهيون. هي مجسما ڪجهہ بہ ٻڌائڻ لائق نہ آهن ۽ پنهنجو دفاع بہ ڪري نٿا سگهن.(64) هو اصل حقيقت کان آگاهہ ٿي چڪا هئا، پر شرمندگي ۽ پشيماني کان ڪنڌ جهڪائي پنهنجي چوڌرائت ۽ خانقاهيت جي ساک رکڻ لاءِ چوڻ لڳا تہ توکي چڱي طرح معلوم آهي تہ هي بت ڳالهائڻ جي صلاحيت نٿا رکن، تون اسان کي مشورو ٿو ڏين تہ هن واقعي جي روئدا هنن بي زبان بتن کان پڇو. هي تنهنجو مشورو صائب ۽ صحيح ناهي، رڳو بحث براءِ بحث يا مناظره ۾ بازي کٽڻ مقصود آهي. ابراهيم ﷺ کي هن جي هن جواب ۾ تہ هو ڳالهائڻ کان محروم آهن، پنهنجي دليل جو جواب ملي ويو ۽ کين چوڻ لڳو تہ هي بت ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم آهن، اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ توهان الله عزوجل جيڪو قدرت ۽ حڪمت جو مالڪ آهي، جنهن جي اختيار ۽ اقتدار ۾ ڪائنات جو ذرو ذرو آهي، ان کي ڇڏي بي بس بتن جي بندگيءَ ۾ مشغول آهيو، جيڪي هن قابل نہ آهن تہ هو توهان کي ڪو نفعو يا نقصان ڏئي سگهن. اوهان جي حالت رحم جوڳي ۽ قابل ديد آهي، توهان جي هن سوچ کي ۽ انهن تي جن کي توهان الله کان سواءِ پوڄيو ٿا ڦٽڪار آهي، ڇا هي صاف سنئين حقيقت بہ اوهان جي سمجهہ ۾ نٿي اچي. شايد اوهان جي مت ماري وئي آهي، جو اهڙيون ڳالهيون ڪريو ٿا.

رب رسي تہ مت ڪسي هٿي ڪو نہ هٿيار
ڏسي اهڙي ڪار جنهن ۾ جوکو جان جو

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

کارسازِ ما بفکر کار ما
فکر ما در کار ما آزار ما

ڪارساز تہ سدائين تنهنجي ڀلائيءَ جي فڪر ۾ آهي، تنهنجو فڪر آهي، جو تنهنجي آواز جو سبب آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم بلا هر غم و هم
تہ قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو

(شاهہ لطيف ﷫)

هنن وٽ ابراهيم ﵇ جي دليلن جو ڪو جواب ڪونہ هيو، جهڙي طرح حرفت باز ڏانئليءَ جو الزام هٽي، موضوع جو رخ موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ انهن مذاڪرات سان معاملا طئي ڪرڻ بدران ماڻهن کي مشتعل ڪرڻ لاءِ چيو تہ جيڪڏهن اوهان کي پنهنجن معبودن جو احترام ۽ اعلىٰ مقام قائم رکڻو آهي ۽ اوهان ۾ ڪجهہ غيرت آهي تہ پوءِ اٿو همت ڪريو. هن شخص کي جنهن توهان جي محترم معبودن جو مذاق بڻايو آهي ان گناهہ جي الزام ۾ زندهہ جلائي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي معبودن جو مانُ مٿانهون ڪيو، جنهن تي هنن باهہ جو مچ مچايو ۽ حضرت ابراهيم ﵇ کي شعلن ۾ پڙڪيون ڏيندڙ باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو پر چوندا آهن:

*دشمن چہ کند چون مهربان باشد دوست* (شيخ سعدي ﷫)

ان وقت اسان پڙڪا ڏيندڙ باهہ کي حڪم ڪيو تہ ابراهيم ﵇ کي ساڙڻ بدران هن تي ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وڃ ۽ ائين ٿي ويو. اهڙي طرح ابراهيم ﵇ هر گذرندڙ تڪليف کان محفوظ رهيو. ياد رکڻ گهرجي تہ الله جا بنايل قانونِ فطرت يا قدرت محڪم، مستقل ۽ مضبوط هوندا آهن، مگر اٽل نہ آهن، الله جي مشيت جڏهن گهري تہ انهن قانونن تي عمل درآمد روڪي ڇڏي. باهہ جو ڪم ساڙڻ آهي، پر ان کي گلزار بنائڻ الله لاءِ مشڪل نہ آهي. هو بي جان کي جاندار بنائي ٿو. بغير پيءُ جي اولاد عطا ڪري ٿو. ساڳي سمنڊ مان موسىٰ ﵇ ۽ ڇهہ لک بني اسرائيل کي صحيح سلامت اڪاري پار ڪري ٿو ۽ فرعون لشڪر سميت ان ۾ غرب آب ٿي وڃي ٿو. الله قدرت ڏٺي آهي. زهر کي ترياق ۾ تبديل ڪري ڇڏي. هنن جو خيال هو تہ باهہ جو مچ مچائي، ابراهيم ﵇ کي ان جي ڪناري تي بيهاري پڇبو تہ يقينًا پنهنجي زندگيءَ بچائڻ لاءِ توبه ڪري ۽ پنهنجي دين کي ڇڏي ڏئي، پر هت اهو معاملو نہ هيو. ابراهيم ﵇ تہ گذريو ئي امتحانن مان هيو،

سو ڪٽي هن شرارت جو شڪار ٿي سگهي. سو دشمنن ابراهيم ﷺ خلاف جيڪا سازش سٽي هئي، تنهن کي الله جل جلاله ناڪام بنائي ڇڏيو. (العنڪبوت: 24/29، الصّٰفّٰت: 37/ 98) هي الله جي ان وعدي جي وفائيءَ جو اظهار آهي ته نبين کي دشمن آڏو ڪڏهن به مغلوب نه ڪنداسون. هن سبب ابراهيم ﷺ جي آتش کي گلزار بنايو ويو.

بے خطر کود پڑا آتش نمرود میں عشق
عقل ہے محو تماشائے لب بام ابھی

(اقبال ﷫)

پتنگ چائين پاڻ کي ته اچي آگ اجهاءِ
پچڻ گهٽا پچائيا تون بچڻ کي به پچاءِ
واقف ٿي وهاءِ آگ نه ڏئي عام کي

(شاهه لطيف ﷫)

اسان ابراهيم ۽ لوط ﷉ کي هن ظلم جي نگري ۽ ظالمن جي جبر ۽ ڏاڍ کان بلڪل بچائي سلامتي سان ان سرزمين ڏانهن وٺي آياسون، جتي اسان جهان وارن لاءِ برڪتون ئي برڪتون رکيون هيون. يعني عراق کان ڪِري فلسطين جي بابرڪت زمين تي سندس قدم جمايا. (الصّٰفّٰت: 99/37، العنڪبوت: 26/29) اهڙي طرح الله پنهنجن رسولن ۽ نبين کي دشمنن جي ظلمن ۽ زيادتين کان بچائي وٺندو آهي. ابراهيم ﷺ شام (فلسطين) جي سرسبز ۽ شاداب زمين تي پنهنجي نئين زندگيءَ جو آغاز ڪيو، جتي هن جي تعليم ۽ تبليغ جي پذيرائي ٿي ۽ شرڪ جي محلات ۾ توحيد جون صدائون گونجڻ لڳيون هيون. هتي ابراهيم ﷺ کي اسان حضرت اسحاق ﷺ جهڙو اولوالعزم نبي ۽ مزيد حضرت يعقوب ﷺ جهڙو صالح پوٽو عطا ڪيو، جن کي به نبوت جي تاج سان نوازيو ويو ۽ اهڙي طرح دين ابراهيم کي تازه توانا رکڻ جو سلسلو جاري رهيو. اسان هن کي ماڻهن جي امامت لاءِ منتخب ڪيو. هو اسان جي قانون ۽ حڪمت جي روشني ۾ ماڻهن کي هدايت ڪندا هئا ۽ کين زندگي جي صحيح رستي تي هلڻ لاءِ رهبري ڪندا ۽

ونئي ايندا هئا ۽ وحيءَ جي ڏنل هدايت موجب (چڱن ڪمن) خيرات، اقامت صلواة ۽ ايتاءِ زڪوات جو انتظام ڪندا هئا ۽ نوع انساني جي بهبود ۽ ڀلائي ۾ سرگرمي سان حصو وٺندا هئا ۽ سڀ جا سڀ پوري صداقت سان اسان جي احڪام ۽ قوانين جي اطاعت ڪندا هئا ۽ پوري پابنديءَ سان فرائض جي ادائگي ڪرڻ وارا عبادت گذار بانها هئا.

حضرت لوط عليه السلام جيڪو ابراهيم عليه السلام سان گڏ هجرت ڪري آيو هيو، ان ڪي صحيح فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت ۽ نبوت عطا ڪئي، جنهن به دين الاهي جي تبليغ جو ڪم جاري رکيو. اسان ڪيس هجرت جو حڪم ڏنو، ان خبيث ۽ غليظ بستيءَ کان نجات ڏياري، جنهن ۾ ماڻهو جنس پرستي واري شهوت جو شڪار هئا. اسان پنهنجا فرشتا موڪلي، ان بستيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ لوط عليه السلام کي سلامتيءَ سان پار پهچايو. اسان هن کي به پنهنجن نعمتن سان نوازيو هيو ۽ ڪيس بستيءَ جي بدڪار ماڻهن کان نجات ڏياري. هي به صالح انبياء جي جماعت جو فرد هيو ۽ خدا جي دين جي مشڪل حالات ۾ به تعليم ۽ تبليغ جاري رکي.

وَ نُوْحًا اِذْ نَادٰى مِنْ قَبْلُ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَنَجَّيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ
الْعَظِيْمِ ﴿۷۶﴾ وَ نَصَرْنٰهُ مِنَ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا
قَوْمَ سَوْءٍ فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۷۷﴾ وَ دَاوٗدَ وَ سُلَيْمٰنَ اِذْ يَحْكُمٰنِ فِى
الْحَرْثِ اِذْ نَفَشَتْ فِيْهِ غَنَمُ الْقَوْمِ ۚ وَ كُنَّا لِحُكْمِهِمْ شٰهِدِيْنَ ﴿۷۸﴾
فَفَهَّمْنٰهَا سُلَيْمٰنَ ۚ وَ كُلًّا اٰتَيْنَا حُكْمًا وَّ عِلْمًا ؗ وَّ سَخَّرْنَا مَعَ دَاوٗدَ
الْجِبَالَ يُسَبِّحْنَ وَ الطَّيْرَ ؕ وَ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿۷۹﴾ وَ عَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوْسٍ
لَّكُمْ لِتُحْصِنَكُمْ مِّنْۢ بَاْسِكُمْ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ شٰكِرُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَ لِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ
عَاصِفَةً تَجْرِىْ بِاَمْرِهٖۤ اِلَى الْاَرْضِ الَّتِىْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ؕ وَ كُنَّا بِكُلِّ شَىْءٍ

عٰلِمِيْنَ ﴿٨١﴾ وَ مِنَ الشَّيٰطِيْنِ مَنْ يَّغُوْصُوْنَ لَهٗ وَ يَعْمَلُوْنَ عَمَلًا دُوْنَ
ذٰلِكَ ۚ وَ كُنَّا لَهُمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٨٢﴾ وَ اَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَ
اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٨٣﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّ اٰتَيْنٰهُ
اَهْلَهٗ وَ مِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ ذِكْرٰى لِلْعٰبِدِيْنَ ﴿٨٤﴾

ياد ڪريونوح عليه السلام جو واقعو جيڪو (هنن نبين کان) اڳ وقوع پذير ٿيو، جڏهن هن اسان کي ٻاڏايو تہ اسان هن جي دعا کي مثبت موٽ ڏني. اسان هن کي هن جي ساٿين (اهل) کي هڪ وڏي سختيءَ کان نجات ڏني. (76) جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪوٺيندا هئا، انهن جي مقابلي ۾ اسان هن جي مدد ڪئي، بيشڪ اهي برا ماڻهو هئا، جن کي بعد ۾ اسان غرق ڪري ڇڏيو. (77) ۽ دائود ۽ سليمان عليهما السلام جو معاملو بہ آهي، جڏهن ٻڪرين جي ڌڻ ڌنار جي بي خبريءَ ۾ پنهنجي مالڪ جي کيت جي پيل ڪري تباهہ ڪري ڇڏي. اها قوم نظم و ضبط ۾ رهڻ کان گريز ڪندي هئي ۽ اسان ڏسي رهيا هئاسون هن سورش جي حل لاءِ هو ڪهڙي تدبير اختيار ڪري رهيا آهن.(78) هن فيصلي ۾ دائود عليه السلام جي راءِ کان سليمان عليه السلام جي معاملہ فهمي ۾ وڌيڪ صائب راهہ هئي. ۽ اسان پهاڙن کي دائود عليه السلام لاءِ مسخر (هم نوا) ڪيو هيو ۽ اهڙي طرح پکي هن سان گڏ الله جي تسبيح نغما ڳائيندا ۽ تسبيح جون صدائون بلند ڪندا هئا. هي سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارا دراصل اسان ئي هئاسون. (79) اسان هن کي لباس (زره ناهڻ) جي صنعت سيکاري تہ جيئن جنگ ۾ اوهان کي محفوظ بنائي، ڇا اوهان شڪر ادا ڪندڙ ٿيندا؟(80) ۽ اسان تيز هوا کي سليمان عليه السلام جي تابع ڪيو هيو، جيڪي هن جي حڪم سان هلنديون

هيون ان زمين طرف، جنهن کي اسان وڏي برڪت ڏني هئي ۽ اسان هنن سڀني امور جي آگاهي رکندا هئاسون. (81) ۽ ڪيترن شيطانن کي تابع بڻايو، جيڪي هن لاءِ (سمنڊ ۾) غوطا لڳائيندا هئا، ان کان علاوه هو ٻيا ڪيترا ڪم بہ ڪندا هئا ۽ هنن جا اسان ئي نگران هئاسون. (82) ۽ ايوب (جي دعا قبول ڪئي) جڏهن هن پنهنجي رب کي ٻاڏايو تہ مون کي گهڻي تڪليف آئي آهي ۽ تون هر رحم ڪندڙ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين.(83) تہ اسان هن جي دعا قبولي ورتي ۽ هن جي تڪليف دور ڪئي ۽ اسان هن جي اهل (گهر وارن) کي ۽ ان سان گڏ ٻين ساٿين کي پنهنجي خاص رحمت عطا ڪئي تہ جيئن اطاعت ڪندڙن لاءِ نصيحت ياد ڏهاني ثابت ٿئي.(84)

هن کان اڳ موسىٰ، هارون، ابراهيم، اسحاق، يعقوب ۽ لوط ﷩ سان منسوب واقعن جو ذڪر ٿي چڪو آهي تہ ڪهڙي طرح توحيد جي تبليغ ۾ هنن کي ڪيتريون مشڪلاتون پيش آيون ۽ سندن مخالف ڪافرن ۽ مشرڪن ڪهڙي تباهي مچائي ۽ پنهنجي ظلم ۽ زيادتي سان ملڪ جو امن و سڪون برباد ڪيو. جڏهن هنن جي سڌرڻ جي اميد نہ رهي تہ پوءِ الله تعالىٰ انهن فسادي قومن ۽ ٽولن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ۽ انبياءَ ﷩ کي ڪاميابي ۽ ڪامراني عطا ڪئي. هاڻي ٻڌايو ٿو وڃي تہ هنن سمورن نبين جي بعثت کان اڳ نوح ﷺ نبي ٿي آيو ۽ ان سان بہ اسان جو ساڳيو ورتاءُ رهيو. ”وَنُوْحًا“ منصوب آهي، اهو نصب انبياء جي سلسلي جي بيان ۾ ٿيندو اچي. نوح ﷺ تقريبًا ساڍا نو سؤ سال زندگي پاتي ۽ نبوت جا فرائض ادا ڪيا. قوم جي بي حسي کان تڪجي، آخرڪار رب کي دانهين ٿي ٻاڏايو ۽ دعا گهري. (نوح: 71/28-27) ”فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ○“ (القمر: 54/10) اي منهنجا پروردگار! مان مغلوب ٿي ويو آهيان، هاڻي منهنجي مدد ۾ اچ ۽ ڪافرن کان انتقام وٺ. حضرت نوح ﷺ جي دعا قبول ٿي. اسان نوح ﷺ جي مدد ڪرڻ لاءِ سندس مخالفن کان انتقام ورتو. هنن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو هيو ۽ انهن کان انحرافي ڪئي هئي. هو نهايت برا انسان هئا. آخرڪار

اسان هنن کي غرق آب ڪيو. يعني طوفان ۽ برسات سبب وڏي ٻوڏ ٿي وئي، پاڻي پهاڙن تائين پهچي ويو، نوح ﷤ پنهنجي ساٿين سميت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي محفوظ رهيو ۽ ڪافر ٻوڏ ۾ ٻڏي ويا.

اهڙي طرح دائود ۽ سليمان ﷦ جو واقعو ياد ڪريو، جڏهن اسان هن کي پنهنجن نعمتن سان سرفراز ڪيو هو ۽ پنهنجي سلطنت جي ترقي ۽ ملڪ جي آسودگي لاءِ تعميري تدبيرون ڪري رهيا هئا ته ساڳي وقت سندن قوم ۽ ان جا افراد هنن جي منصوبن کي ناڪام ۽ تباهه ڪرڻ ۾ لڳل هئا. جهڙيءَ طرح ٻڪرين جو ڌڻ مالڪ جي کيت ۾ ڪاهي پوي ۽ پيلي ناس ڪري. سو ڪوشش جي باوجود هنن جي قوم نظم و ضبط ۾ رهڻ واري نه هئي ۽ اسان ڏسي رهيا هئاسون ته سليمان ﷤ کهڙيون کهڙيون مثبت تدبيرون ڪري رهيو هو ته بگڙيل قوم کي سڌي راهه تي آڻي. تفسيرن ۾ هن آيت جا ٻه مفهوم بيان ڪيا ويا آهن. هڪ ته جڏهن هو هڪ کيت جو فيصلو ڪري رهيا هئا، جڏهن رات جو ڪجهه ماڻهن جو ٻڪريون فصل جي پيل ڪري ويون هيون، ان وقت اسان موجود هئاسون، ٻيو مفهوم آهي ته جڏهن دائود ۽ سليمان ﷦ ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ ۾ رڌل هئا ته سندن قوم انهن اصلاحات کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ رڌل هئي. هن آيت جو اهو تفسير به ڪيو ويو آهي ته ڪنهن جي کيت ۾ ڪنهن شخص جو ٻڪريون رات جي وقت آيون ۽ مالڪ جي کيت تي ڪيل محنتن کي تهس نهس ڪري کيت ڪائي پيلي ڇڏيو، جنهن جو فيصلو دائود ۽ سليمان ﷦ وٽ آيو. مٿي تمام انبياء ڪرام جي قومن جو ذڪر آهي، ان ڪري پهريون تفسير وڌيڪ ترجيح جي لائق آهي. اسان سليمان ﷤ کي ملڪي معاملات جي سڌارڻ ۽ سلطنت کي مضبوط ڪرڻ جي فهم و فراست عطا ڪئي هئي. (النمل: 16/27-15، سبا: 10/34) ۽ اسان سمورن يعني ٻنهي پيءُ پٽ کي صحيح فيصلا ڪرڻ ۽ درست طريقي حڪومت هلائڻ جو فن (صلاحيت) ۽ نبوت عطا ڪئي هئي.

اسان حضرت دائود ﷤ لاءِ پهاڙ ۽ پرندن کي مسخر ڪيو هو. هو (دائود ﷤) جڏهن پنهنجي سريلي آواز ۾ پنهنجي پروردگار جي حمد و ثناء يعني خداوند جي تسبيح ۽ تقديس ڳائيندو هيو ته پهاڙن ۽ پرندن کان به تسبيح جا آواز ايندا هئا. (النمل: 16/27،

سبا: 10/34) قرآن ۾ آهي: ”وَاِنۡ مِّنۡ شَىۡءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ“ (بني اسرائيل: بني اسرائيل: 17/ 44) يعني هر شيءِ الله جي تسبيح ڪري ٿي. هي اها تسبيح آهي يا سندس سريلي ۽ مٺڙي آواز جو اهڙو تہ سماع بڻجي ويندو هو، جو گويا هن سان گڏ پهاڙ پرندا، حجر شجر سڀ تقديس ۽ تسبيح جا گيت ڳائي رهيا آهن. آواز يا حُسنِ صوتِ دائودي اڄ بہ محاوري ۾ مثال طور موجود آهي. دائود ﷷ جنهن موسيقي جي آلات ۽ مزامير کي ترقي ڏياري، توريت ۾ آهي تہ جڏهن هو پهاڙ جي چوٽي تي ويهي حمد الاهي جا گيت ڳائيندو هو ۽ پنهنجو (بربط) ساز وڄائيندو هيو تہ پورو ماحول جهومندو نظر ايندو هيو. ڪتاب زبور بہ دراصل انهن نغمن ۽ گيتن جو مجموعو آهي. اسان هن کي لباس ناهڻ جي ڪاريگري ڏني يعني زرهون ناهڻ يا تيرن کان بچاءَ لاءِ اهڙو لباس ناهڻ جنهن سان جنگ ۾ ماڻهو محفوظ رهن. سوره سبا: 34 ۾ آهي تہ اسان حضرت دائود لاءِ لوهہ کي نرم ڪري ڇڏيو ۽ هن جي رهبري ڪئي تہ هو زرهن جون ڪڙيون نيڪ نيڪ هلائي.

الله طرفان انبياء اڪرام کي اهي نعمتون عطا ڪيون ويون، جيئن سندن قوم ان مان مستفيض ٿي سگهي ۽ جهالت جي انڌيرن مان نڪري، علم و شعور جي روشني سان منور ٿئي. جيئن چوندا آهن:

وہی چال بے ڈھنگی جو پہلے تھی، ابھی بھی ہے

مگر پوين نامراد مغضوب قومن وانگر هي بہ پنهنجي جهالت ۽ ضلالت تي مضبوطيءَ سان ثابت قدر رهيا ۽ سلطنت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا. Evolution يعني ترقيءَ طرف سفر جاري رهيو. سليمان ﷷ لاءِ تند و تيز هوائن کي بہ مسخر (تابع ) ڪيو، جنهن مان هن خوب فائدو ورتو. سمنڊ جي هوائن ۽ ايرنڊڙ لهرن کي استعمال ۾ آڻڻ واسطي بادبانيءَ لاءِ وڏن وڏن جهازن ۽ ٻيڙن جي آمد و رفت سان ملڪ ۾ ترقيءَ جو نئون باب کلي پيو. هن کان اڳ رڳو خشڪيءَ تي بار بردار جانورن کان اهو ڪم ورتو ويندو هو. اها ايجاد ترقي ڪندي، هن دؤر ۾ بحري ٻيڙن جهازن ۽ بحري لشڪر تائين پهتي. هاڻي هوا ذريعي بجلي پيدا ڪرڻ ۽ لهرن ذريعي انرجي ناهڻ کان اڳتي جو سفر جاري آهي. اهي تند و تيز هوائون فلسطين ۽ شام جي بابرڪت سرزمين طرف

هلنديون هيون، سواري، تجارت، واپار، مال برداري، ٻيڙن ۽ جهازن کي هلائڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون هيون، جيستائين ڪوئلي ۽ تيل سان انرجي ناهڻ جو عمل شروع نہ ٿيو هيو، تيستائين اهي هوائون ئي سير و سفر ۽ وڻج واپار جو ذريعو هيون ۽ هن علم ۽ ايجاد جي سمورن مرحلن کان اسان واقف هئاسون ۽ نبين کي ان علم ذريعي آگاهي عطا ڪئي هئي. شيطانن مان ڪجهہ اهڙا شيطان هئا، جيڪي حضرت سليمان ﷤ واسطي سمنڊ ۾ غوطا لڳائيندا هئا ۽ ٻيا ڪيترا امور سرانجام ڏيندا هئا. قرآن ۾ 'شيطان' جو اطلاق 'شياطين الجن' تي بہ ٿيو آهي تہ 'شياطين الانس' لاءِ بہ آيو آهي. مثال طور: "اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ" (آل عمران: 175/3) مان مراد مڪه جي قريش طرفان موڪليل جاسوسن جو احوال آهي. "وَ اِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ" (الانفال: 28/8) ۾ سراقہ بن مالڪ بن جعشم مراد آهي، جيڪو هميشہ قريش کي جنگ لاءِ اڀاريندو رهندو هيو. معلوم ٿئي ٿو تہ هت بہ 'شياطين' جو اطلاق 'شياطين الانس' تي ئي آهي. (سبا: 13، 34/ ص: 37/38) جنهن مان فلسطين ۽ شام جي ان شرير قومن تي اطلاق آهي، جيڪي حضرت سليمان ﷤ جي عهد ۾ بالڪل مطيع ۽ تابعدار ٿي ويون هيون ۽ انهن هيڪل جي تعمير ۾ 13 سال ڪن هر طرح جي سخت محنت ۽ خدمت ڪئي. هيڪل جو بنياد تہ دائود ﷤ ئي رکيو هيو. تعمير سليمان ﷤ ڪئي، جنهن ۾ 30 هزار مزدورن 13 سالن تائين ڪم ڪيو تڏهن وڃي ڪاميابي ٿي.

اهڙي طرح ايوب ﷤ جو معاملو بہ ياد ڪريو جڏهن هن پنهنجي پروردگار کي ٻاڏائيندي چيو تہ مان سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان، منهنجي جسم جو ڪو حصو باقي نہ رهيو آهي، جيڪو ايذاءُ کان بچيل هجي. يا الله تو کان وڌيڪ ڪو ارحم الراحمين نہ آهي. تنهنجي رحمت جو ڪو اندازو نہ آهي. "وَ رَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ" ۽ مون تي نظر ڪرم ٿئي ۽ رب رحمان طرفان سندن دعا قبول ٿي وئي ۽ هو پوري طرح صحتمند ۽ خوشحال ٿي ويو. (ص: 38/44-41) حضرت ايوب ﷤ نهايت خوشحال، مالدار، عزت و جاهہ طاقت و سطوت وارو هيو. ڪنهن شيءِ جي ڪمي نہ هئي. پر آزمائش ۾ آيو تہ سندس سمورو مال ملڪيت، اولاد، طاقت، خوشحالي سڀ ختم ٿي ويا ۽ بيمار ٿي پيو، بيمار بہ اهڙو جو جسم جو ذرو ذرو موذي مرض جو شڪار هيو. ان نهايت ڏکوئيندڙ حال ۾ بہ صبر

جو دامن مضبوط جهلي رکيو. ناشڪريءَ جو لفظ بہ زبان تي نہ آيو، نااميدي ۽ مايوسي
کان بہ بلڪل محفوظ رهيو. پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ عرضگذار ٿيو: ”اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَ
اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ“ منهنجا رب! مان سخت تڪليف ۾ مبتلا آهيان، بس تون ئي ارحم
الراحمين آهين. الله جي رحمت ڪيس نوازي ورتو. وري صحت جي تندرستي ۽ توانائي
حاصل ٿي، اڳي کان وڌيڪ ڌن، دولت، مال متاع، اولاد عزت ۽ اثر رسوخ ملي ويا. 140
سال خوشحال زندگي گذاري. ٽن چئن پيڙهين جو سربراهہ رهيو ۽ الله جو شڪرگذار
ٻانهو رهيو، يعني تہ مصيبت ۾ صبر ۽ خوشحاليءَ ۾ شڪر ڪندڙ خدا جو نيڪ ۽ صالح
ٻانهو ۽ نبي هيو، جنهن جا لکن ۾ پوئلڳ هئا. (حضرت ايوب عليه السلام جو وڌيڪ تفصيلي
روئداد تفسير ترجمان القرآن: مولانا ابوالڪلام جلد 4 ۾ ڏسو).

وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِدْرِيْسَ وَ ذَا الْكِفْلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَ اَدْخَلْنٰهُمْ
فِيْ رَحْمَتِنَا ؕ اِنَّهُمْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَ ذَا النُّوْنِ اِذْ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا
فَظَنَّ اَنْ لَّنْ نَّقْدِرَ عَلَيْهِ فَنَادٰى فِي الظُّلُمٰتِ اَنْ لَّاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنْتَ
سُبْحٰنَكَ ۖۗ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۷﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَ نَجَّيْنٰهُ مِنَ
الْغَمِّ ؕ وَ كَذٰلِكَ نُـْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۸﴾ وَ زَكَرِيَّاۤ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ رَبِّ لَا
تَذَرْنِيْ فَرْدًا وَّ اَنْتَ خَيْرُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿۸۹﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۫ وَ وَهَبْنَا لَهٗ يَحْيٰى وَ
اَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَ يَدْعُوْنَنَا رَغَبًا
وَّ رَهَبًا ؕ وَ كَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ﴿۹۰﴾ وَ الَّتِيْۤ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا
مِنْ رُّوْحِنَا وَ جَعَلْنٰهَا وَ ابْنَهَاۤ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۱﴾ اِنَّ هٰذِهٖۤ اُمَّتُكُمْ

اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّ اَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ﴿۹۲﴾ وَ تَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ؕ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ﴿۹۳﴾ ع

ع ۱۸ ع

۽ اسماعيل، ادريس ۽ ذوالڪفل انبياء بہ (تبليغِ توحيد لاءِ) آيا ۽ سڀ صبر ڪرڻ وارا هئا.(85) اسان انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو، بلاشڪ اهي نيڪوڪار هئا. (86) ۽ ذوالنون (مڇيءَ وارو) جو واقعو ياد ڪريو، جيڪو (قوم کان ناراض ٿي) ڪاوڙ ڪري هليو ويو ۽ اهو خيال نہ رهيس تہ اسان جي گرفت کان بچي نہ سگهندو. آخر انڌيرن ۾ الله کي ٻاڏائڻ لڳو تہ (يا الله) تو کان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي. تنهنجي ذات پاڪ منزه آهي، بيشڪ قصور منهنجو آهي. (87) اسان هن جي دعا قبول ڪري ورتي ۽ هن کي غم کان نجات بخشي ۽ ايمان وارن کي اسان اهڙي طرح نجات ڏيندا آهيون.(88) اهڙي طرح زڪريا عليه السلام جي معاملي کي ياد ڪريو، جڏهن هو پنهنجي رب وٽ درخواست گذار ٿيو تہ خدايا مونکي تن تنها نہ ڪر، تون ئي (اسان سڀ جو) بهترين وارث آهين. (89) تہ اسان هن جي دعا قبول ڪري ورتي ۽ ان کي يحيٰ عليه السلام (نالي) فرزند ڏنو ۽ ان جي زوجه کي (اولاد ڄڻڻ) جي صلاحيت ڏني، هي سمورا ماڻهو نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سرگرم رهيا. هو اسان کي اميد ۽ خوف ۾ پڪاريندا هئا ۽ اسان جي آڏو عاجزي ڪندڙ هئا.(90) ان عورت (حضرت مريم) واري واقعي کي بہ ياد ڪريو، جنهن پنهنجي عصمت جي حفاظت ڪئي هئي، پوءِ اسان هن ۾ پنهنجي پاران روح ڦوڪيو ۽ هن کي ۽ هن جي فرزند کي جهان وارن لاءِ هڪ نشاني (آيت معجزه) بڻايو. (91) ۽ هي توهان جي (جدا جدا) امت اصل ۾ هڪ امت هئي. مان توهان جو پروردگار آهيان. اوهان منهنجي عبادت ئي ڪندا رهو. (92) پر هنن ماڻهن پاڻ ۾ اختلاف پيدا ڪري هڪ دين جا فرقا فرقا بڻائي ڇڏيا. آخرڪار هنن سڀني کي اسان ڏانهن رجوع ڪرڻو آهي(93)

اهڙي طرح اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل عليهم السلام جهڙا انبيا ڪرام آهيا، اهي به حق جي راهه ۾ صبر ۽ استقامت تي ثابت قدم رهيا. حضرت اسماعيل عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جو فرزند ارجمند هيو، جيڪو هاجره عليها السلام جي بطن مان هيو ۽ حضرت اسحاق عليه السلام بيبي ساره عليها السلام کان جنم ورتو، اسماعيل عليه السلام، اسحاق عليه السلام کان 14 سال کن وڏو هيو ۽ پنهنجي والد ابراهيم عليه السلام سان گڏجي ڪعبة الله جي تعمير ۾ هٿ ونڊايو (البقره: 125/2) ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي خواب جي تعبير ۾ جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. (الصّٰفّٰت: 37/111-101) حضرت ادريس عليه السلام حضرت نوح عليه السلام کان اڳ آهي، سندس ذڪر سورت مريم: 56/19 ۾ آيو آهي. ذوالڪفل عليه السلام بابت قرآن يا حديث ۾ سندس حيات ۽ مقام بابت ڪجهه نٿو ملي، پر جديد تحقيق ۾ مولانا مناظر احسن گيلاني جو خيال آهي ته ذوالڪفل مان مراد گوتم ٻڌ آهي. گوتم ٻڌ ڪپل وستو جو شهزادو هيو. مولانا مطابق ڪپل ئي دراصل ڪفل آهي، ڇو ته هندي ’پ‘ عربي ۾ ’ف‘ آهي. هن جو لفظي ترجمو ’نصيب ۽ مراد وارو‘ آهي. مولانا جي تحقيق ۾ وزن آهي. ٿي سگهي ٿو گوتم ٻڌ جون تعليمات به الهامي هجن، پر بعد ۾ انهن ۾ تبديلي ۽ تحريف آئي، جهڙيءَ تورات ۽ انجيل ۾ ٿي آهي. بهرڪيف وڌيڪ علم الله کي آهي. تحقيق جي دنيا جا در به ڪليل آهن. اسان هنن کي ٻين انبياء وانگر پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو ۽ اهي به بنا شڪ الله جا نيڪو ڪار ۽ صالح ٻانها هئا. انهن کي به نبوت عطا ٿي ۽ ماڻهن جي هدايت ۽ رهبري جو مشن مليو. اهي به صبر و رضا جي امتحان مان گذري نڪتا ۽ هر حالت ۾ مستقل مزاج ۽ ثابت قدم رهيا. مڇيءَ واري (يونس) کي به انهن نوازشن ۽ رحمتن سان فيضياب ڪيو، جڏهن هو قوم جي اصلاح ۽ سڌاري کان نااميد ٿي، بستي ڇڏي ٻئي هنڌ هليو ويو، هن جي قوم بت پرستي ۾ مبتلا هئي. هن هر قسم جي تبليغ ۽ تذڪير جو حق ادا ڪيو، مگر هن کي پنهنجي قوم وٽان هاڪاري موٽ ڪانه ملي. ان دوران سندس قوم تي عذاب اچڻ وارو آهي، جو پتو پيو، قوم جي حالت ۽ انهن تي عنقريب اچڻ واري عذاب سبب گويا هن جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو ۽ نااميديءَ جي حالت ۾ هجرت اختيار ڪئي، حالانڪ ڪيس هجرت ڪرڻ جو حڪم اجان الله طرفان ڪو نه مليو هيو، پر هو اجتهادي غلطي ڪري شهر کان نڪري ويو. هن سمجهيو ته هٺ ماڻهو صاف انڪاري آهن، ان ڪري ٻئي هنڌ وڃي دين جي تبليغ جو ڪم ڪريان. اگرچ خيال

پاڪ جذبي سان هيو، پر خدا جي حڪم سان نہ هيو. انبياء ڪرام جي هجرت جو حڪم بہ الله طرفان ايندو آهي. ان ڪري يونس عليه السلام جي هجرت الله جي مشيت کانسواءِ هئي، هن جو هن طرف توجه بہ نہ ويو تہ "فَظَنَّ اَنۡ لَّنۡ نَّقۡدِرَ عَلَيۡهِ" سندس هي عمل خدا جي گرفت جو ڪارڻ نہ بڻجي. ياد رهي تہ الله جي مقرب ۽ خاص ٻانهن جي ننڍڙي لغزش بہ قابل قبول ناهي، خاص طور تي انبياء ڪرام جي پوري زندگيءَ الله جي رضا ۽ مشيت ۾ بسر ٿيندي آهي. "فَنَادٰى فِى الظُّلُمٰتِ" هو هڪ ٻيڙي تي سوار ٿيو. ڪشتي رواني تي تہ اهڙي صورتحال پيدا ٿي، جو هن کي دريا ۾ ٽپو ڏيڻو پيو ۽ هڪ وڏي مڇي هن کي ڳهي ورتو. هن مڇيءَ جي پيٽ جي انڌيري ۾ الله کي پڪاريندي چيو: "اَنۡ لَّاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنۡتَ سُبۡحٰنَكَ اِنِّىۡ كُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ" يا الله! تو کان سواءِ ڪو معبود ناهي. تون پاڪ ۽ منزه آهين. يقينًا مان ئي ظالمن مان آهيان. (الصّافّات: 139/37، القلم: 48/68) يعني مون توهان جي حڪم بغير هجرت ڪري پاڻ پاڻ سان ظلم ڪيو آهي، مون کان غلطي ٿي وئي، مون کي معاف ڪرڻ فرماءِ. هن آيت کي 'آيت ڪريمه' بہ چوندا آهن. "فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ وَ نَجَّيۡنٰهُ مِنَ الۡغَمِّ" اسان سندس دعا قبول ڪئي ۽ کيس غم کان نجات ڏني. "وَ كَذٰلِكَ نُـنۡجِى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ" اسان اهڙي طرح اهل ايمان کي نجات ڏيندا آهيون. حضرت يونس عليه السلام جي هن دعا ۾ ڪنهن شيءِ جي تمنا نہ هئي. رڳو پنهنجي قصور جو اعتراف هو.

قصوروار ہیں سب، اعتراف کون کرے
سزا کا فیصلہ اپنے خلاف کون کرے

اهڙيءَ طرح زڪريا عليه السلام جنهن کي اسان نبي ڪري موڪليو، (آل عمران: 3/34-33، مريم: 2/19 کان 9) ان پنهنجي رب کي پڪاريو تہ منهنجا رب! مان جهور پوڙهو ٿي ويو آهيان، مون کي ڪو بہ نرينا اولاد ناهي، جيڪو منهنجو وارث ٿي، هيڪل سليمانيءَ جو خدمت گذار ٿئي. منهنجي ساري عمر انهن هيڪل ۾ گذري آهي. مون کي انديشو آهي تہ منهنجي بعد تبليغ دين جو ڪم رڪجي نہ وڃي، ان ڪري مون کي نرينہ اولاد عطا ڪيو. (آل عمران: 40/3، مريم: 5/19) اي پروردگار! مون کي اڪيلو نہ ڇڏ، مون کي وارث عطا ڪر. اصل ۾ تنهنجي ذات پاڪ بهترين وارث آهي. اسان سندس دعا کي قبول ڪري ورتو، اها دعا عظيم ديني مقصد لاءِ هئي تہ نبوت جو سلسلو خاندان ۾ ئي جاري

رهي. ۽ هن کي يحيٰ جهڙو جليل القدر فرزند عطا ڪيو، جنهن کي بہ نبوت سان نوازيو ويو، حالانڪ حضرت زڪريا ﷺ جهور پوڙهو (ٻڍڙو) ٿي ويو هيو ۽ سندس زوجہ ٻار پيدا ڪرڻ جي قابل نہ رهي هئي، مگر الله ان ۾ بہ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آندي، صحتمند بنايو ۽ اولاد جي لاءِ ڪيس صلاحيت عطا ڪئي. هي الله جا نيڪو ڪار فرمانبردار ٻانها هئا. هو خيرات جي ڪمن ۾ ڍر نہ ڪندا هئا، پر خيرات ڪرڻ ۾ هميشہ تڪڙ کان ڪم وٺندا هئا ۽ هميشہ اسان جي ذڪر ۾ رهي اسان کي وڏي سڪ ۽ اميد سان ۽ اسان جي خوف کان ڊڄي اسان کي ياد ڪندا رهندا هئا. هنن جو معاملو بہ الخوف والرجاءِ وارو هيو. اسان جي مؤاخذي کان ڊڄندا ۽ ڪنبندا بہ هئا تہ اسان جي رحم ڪرم ۽ فضل جي اميدن سان سرشار بہ رهندا هئا ۽ اسان جي بارگاهہ ۾ هميشہ عاجزي ۽ انڪساري ۾ رهندا هئا. ٻانهي جو شان ئي آهي تہ مالڪ جو فرمانبردار وفادار ۽ اطاعت گذار رهي. هاڻي حضرت مريم ؊ جو ذڪر اچي رهيو آهي، جنهن جو نالو وٺڻ بغير سندس صفات سان ان کي بيان ڪيو آهي. (آل عمران: 44/3، مريم: 16/19، السجده: 9/32) يعني اها نيڪوڪار پرهيزگار ۽ خداترس خاتون، جنهن پنهنجو دامن پاڪ رکيو ۽ پنهنجي شرمگاهہ جي حفاظت ڪئي. ڪڏهن بہ فحش خيال ذهن ۾ نہ آيو، پاڪدامني ۽ پرهيزگاري جي علامت رهي تہ اسان منجهس پنهنجي روح يعني الاهي توانائي ڦوڪي يعني عصمت واري پاڪيزه زندگي ۾ روح ڦوڪڻ جي برڪت سان ڪيس حمل ٿيو ۽ حضرت عيسيٰ مسيح ﷺ جهڙو عظيم الشان اولي العزم نبي جنم ورتو. اهڙيءَ طرح سورة ص: 38/72-71 حضرت آدم ﷺ لاءِ، سورة النساءِ: 4 ۾ حضرت عيسيٰ ﷺ لاءِ، سورة التحريم: 12/66 ۽ آل عمران: 59/3 ۾ آيو آهي تہ هي ماءُ ۽ پٽ الله جي نشانين مان هيا. (سوره مريم ۽ سورة المؤمنون) اسان هن جي هڪ معجزانا حيات ۽ فرزند جي ولادت کي جهان وارن لاءِ هڪ آيت يا نشاني بنايو. تمام انبياء کي اها تعليم ڏني وئي هئي تہ توهان جو امتون دراصل هڪ امت آهي. (البقره: 213/2. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو: سورة الشعراءِ). انهن جو تاجو پيٽو ساڳيو آهي، رڳو رنگ روپ ۾ ڪجهہ تبديلي ڏسجي ٿي. الڳ الڳ دين ۽ جدا جدا گروهہ بنديون ناهي، توهان جو پروردگار هڪ آهي، ان ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو اوهان سمورن کي ان هڪ پروردگار جي عبادت ۽ اطاعت ڪرڻي آهي. اوهان سمورن جو هڪ نظريو ۽ هڪ منزل مقصود آهي. ان ڪري سڀ امتون هڪ امت جي وحدت ۾ پرويل آهن.

(المؤمنون: 52/23) ظاهر آهي تہ جڏهن سمورا انبياء اڪرام هڪ جماعت جا افراد آهن ۽ انهن سمورن نبين جي تعليم بہ هڪ آهي. سمورا نبي توحيد جو پيغام کڻي آيا ۽ ماڻهن کي الله جي دين (اسلام) جي دعوت ڏني تہ پوءِ ماڻهن ۾ اختلاف جي ڪهڙي گنجائش رهجي وئي. ليڪن جنهن انهن اتحاد جي شيرازي کي ٽوڙي ڇڏيو (الحجر: 15/ 90 کان 92، يونس: 62/10) ۽ اختلافن کي جنم ڏنو. حالانڪہ انهن سمورن امتن ۽ ماڻهن کي هڪ الله جي بارگاهہ ۾ هم وقت هڪ ڏينهن حاضر ٿيڻو آهي. اتحاد ۽ توحيد ڪانسواءِ فلاح ۽ سعادت جي ڪابہ راهہ ناهي.

ولر ڪيو وتن پرت نہ چنين پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻها ميٽ گهڻو

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

نہ افغانیم و نے ترک و تتاریم
چمن زادیم و از یک شاخساریم
تمیزِ رنگ و بو بر ما حرام است
کہ ما پروردۂ یک نو بہاریم

فرد قائم ربط ملت سے ہے، تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرون دریا کچھ نہیں

(اقبال رحمة الله عليه)

---

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَ اِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ﴿٩٤﴾ وَ حَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَاۤ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٩٥﴾ حَتّٰۤى اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَ مَاْجُوْجُ وَ هُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَ اقْتَرَبَ

الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ
غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿۹۷﴾ اِنَّكُمْ وَ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ﴿۹۸﴾ لَوْ كَانَ هٰۤؤُلَآءِ اٰلِهَةً مَّا
وَرَدُوْهَا ؕ وَ كُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۹۹﴾ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّ هُمْ فِيْهَا لَا
يَسْمَعُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰۤى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنْهَا
مُبْعَدُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَا ۚ وَ هُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ
خٰلِدُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَ تَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا
يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

جيڪو عمل صالح ڪندو ۽ ايمان وارو هوندو ته هن جي محنت رائگان نه ويندي ۽ اسان هن جو احوال داخل دفتر ڪري رهيا آهيون.(94) جن ماڻهن لاءِ اسان هلاڪت مقرر ڪري ڇڏي آهي، انهن لاءِ حرام آهي ته اهي حق طرف رجوع ڪن.(95) تان جو جيستائين ياجوج ۽ ماجوج جي راهه ڪولي وڃي ۽ زمين جي تمام بلندين ڪان هو ڊوڙندا لهي اچن. (96) ۽ (خدا جي مقرر ڪيل) سچي وعدي جي گهڙي قريب اچي ويندي ته ان وقت اچانڪ ماڻهن جون اکيون (دهشت حيرت سبب) کلي جون کليل رهجي وينديون، انهن ماڻهن جون اکيون جن (حق جو) انڪار ڪيو هوندو. افسوس اسان جي حال تي جو اسان هن (هولناڪ گهڙيءَ) کان غافل رهياسون ۽ پاڻ سان ظلم جا مرتڪب ٿياسون. (97) (اي ڪافرو!) توهان ۽ اهي سموريون شيون، جن جي الله کي ڇڏي پوڄا

**ڪيو ٿا، دوزخ جو ٻارڻ آهن، توهان سڀ ان (جهنم) ۾ پهچڻ وارا آهيو. (98) جيڪڏهن اهي شيون سچ مچ معبود هجن ها ته ڪڏهن به دوزخ ۾ داخل نه ٿين ها. هي سڀ ان (دوزخ) ۾ هميشه رهندا. (99) انهن جون دوزخ ۾ رڙيون هونديون ۽ هو ٻيو ڪجهه ٻڌي نه سگهندا.(100) پر جن ماڻهن لاءِ اسان طرفان سٺي انجام جو اڳ وعدو ٿي چڪو آهي، اهي دوزخ کان پري رکيا ويندا. (101) هو دوزخ کان ايترو پري هوندا، جو دانهن جي پڙڪ به ٻڌي نه سگهندا ۽ پنهنجي پسند ۽ خواهش جي نعمتن ۾ هميشه موجون ماڻيندا.(102) وڏي دهشت به انهن کي هراسان نه ڪندي ۽ فرشتا انهن کي خوش آمديد ڪندي چوندا ته هي آهي اهو ڏينهن، جنهن جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو هو.(103)**

---

هتان سورت جي اختتام طرف وڌڻ واريون آيتون شروع ٿي رهيون آهن. تحرير ۽ تقرير ۾ هي ”عود الي البدا“ جو اسلوب آهي. يعني جتان مضمون جي شروعات، جنهن موضوع هيٺ شروع ٿي هئي ان جي وري ياد ڏهاني ڪرائي وڃي ته جيئن اصل موضوع جو نقش دل تي چٽجي وڃي. بنيادي قانون اهو آهي ته جيڪو ماڻهو الله جل شانه تي پورو پورو ايمان رکي ٿو ۽ ان ايمان جي روشني ۾ عمل صالح ڪري ٿو. حقوق الله ۽ حقوق العباد جو پابند رهي، ”خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ“ تي عمل پيرا ٿيندي، نوع انسان ۽ خلق خدا جي ڀلائي، اصلاح، خيرخواهيءَ جي جاني مالي مدد ڪري ٿو ته هن جي هن نيڪ عمل کي جيڪو هن الله جي رضا خاطر ڪنهن تي احسان جتائڻ کانسواءِ ڪيو آهي، ان جي ناقدري نه ٿيندي. (البقره: 201/2، الاحقاف: 20/46) ”وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى“ نيڪ نيت ۽ نيڪ عمل سان انسان جي ذات (خودي) جي طهارت پاڪيزگي ۽ تعمير ٿئي ٿي ۽ انسان مان ڪثافت، عداوت، انا، خود نمائي ۽ خود ستائي ختم ٿي وڃي ٿي. هن آيت سڳوري جو تمام امتن کي اهو پيغام آهي ته مختلف وقتن ۽ جدا جدا حالتن تي رسول ايندا رهيا. جن سمورن جو هڪ پيغام هيو ته ”اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ“ يعني اوهان سڀ هڪ آهيو ته هڪ ٿي مون کي هڪ الله ۽ معبود سمجهو ۽ منهنجي

بارگاھ ۾ ئي جبين نياز جھڪايو، سر بسجود ٿيو ۽ منھنجي احڪامن جي اطاعت ڪريو، ڪنھن ٻئي ڪي نہ منھنجي شريڪ يا قابل سمجھو، نہ وري ان جي حڪمن تي ھلي، منھنجي حڪمن ۽ ھدايتن جي خلاف ورزي ڪيو، (البقره: 200/2، الاحقاف: 20/46) پر افسوس جو ھن صاف صاف غير مبھم ۽ چٽي فرمان ھوندي بہ "وَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ" ھر گروھ ٻئي گروھ کي باطل ۽ گمراھ سمجھي ٿو، پر ياد رھڻ گھرجي تہ "كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ" سمورن کي ھڪ صف ۾ بيھي منھنجي بارگاھ ۾ مجرم جي صورت ۾ پيش ٿيڻو آھي. غور و فڪر ڪرڻ جي ضرورت آھي تہ ھن وقت امت مسلمہ جو ڪھڙو حال آھي. قومن، زبانن، علائقن ۽ مسلڪن ۾ تقسيم ٿي، ذلت ۽ خواري ڏانھن وڌي رھيون آھن.

افراد جي انفرادي طور ۽ اقوام جي اجتماعي طرح ڪارڪردگي جو رڪارڊ رکيو وڃي ٿو ۽ مقرر وقت تي ان مطابق فيصلو جاري ٿئي ٿو. سو اي پيارا پيغمبر خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ! ھنن منڪرن جو ھاڻي پيڇو ڪرڻ جي ضرورت ناھي. اسان جنھن بہ آباديءَ جو پنھنجي قانون ۽ سنت مطابق ھلاڪت جو فيصلو ڪري ڇڏيو آھي، ھاڻي انھن لاءِ حرام ٿي چڪو يعني ناممڪن آھي جو ھو حق طرف رجوع ڪن. "خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ وَ عَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ○" (البقره: 7/2) ھت "اَهْلَكْنَا" جو مفھوم "اسان جو فيصلو ٿي ويو آھي" ۾ استعمال ٿئي ٿو. اھو ان ڪري آھي، جن قوم جون مثبت (ھاڪاري) صلاحيتون معلوم ٿي وينديون آھن، انھن جو ارتقا يا وري اڀرڻ رڪجي ويندو آھي ۽ اھي زوال پذير ٿي، زندگيءَ جي ڪاميابين ۽ خوشگوار لمحن کان محروم ٿي وينديون آھن ۽ اھي وري پنھنجي پھرين عروج طرف اچي نہ سگھنديون آھن. (بني اسرائيل: 58/17) ھن آيت جو ٻيو مطلب ھي بہ اچي ٿو تہ الله جي عذاب سان جيڪا بستي ھڪ دفعو برباد ٿي وڃي تہ ان بستي جو ٻيھر آباد ٿيڻ ممڪن نہ آھي. جيستائين ياجوج ۽ ماجوج جي راھ کلي وڃي ۽ ھو وڏي دٻدٻي سان ھيبت ۽ شوڪت سان بلند مقام کان ھيٺ اچي پسمانده ۽ ڪمزور قومن تي تيز رفتاري سان اچن ۽ حملا آور ٿين ۽ ڪين تھس نھس ڪري ڇڏين. ھن ڪانسواءِ ياجوج ماجوج جو ذڪر سورة الڪھف: 96/18 ۾ ملي ٿو جتي ياجوج ماجوج جو ذڪر ملي ٿو، جتي ھڪ ڪمزور قوم طرفان ذوالقرنين کي چيو ٿو وڃي تہ پھاڙي سلسلي جي ھن وادي کان ياجوج ماجوج اسان تي حملہ آور ٿين ٿا، جن کان

محفوظ ڪرڻ لاءِ ان گس کي بند ڪيو ويجي. جتان هو اچن ٿا ۽ وري هت ذڪر آهي. زمين جي مٿانهن (بلندين) وارا حصي مان موجوده تحقيق موجب تاتارين جو ظهور منگوليا کان ٿيو، جيڪو زمين جو بلند حصو هو، جيڪي روس ۽ مغربي ايشيا جي ملڪن تي ڇانئجي ويا.

"حَتّٰىٓ اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ" ۾ فتح جي معنيٰ صرف کلي پوڻ ناهي، پر هت "کلي اچانڪ نڪرڻ" آهي. هي تاتارين جا مختلف ويڙهاڪ قبيلا اهڙا تيز تر حملا ڪندا هئا، جو مفتوح قوم کي پتو ئي ڪو نہ پوندو هيو. "كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ" ۾ "حَدَب" معنيٰ مٿانهون حصو. "يَنْسِلُوْنَ" معنيٰ تيز ڊوڙڻ آهي. هنن چند لفظن ۾ ياجوج ماجوج جي ڪٿا ۽ ڪهاڻي معلوم ٿي تہ هو منگوليا کان هيٺ ڪليل ميدانن طرف تيز حملا آور ٿيا. ياجوج ماجوج جو قيامت کان ٿورو اڳ ظهور جو ذڪر حديثن ۾ بہ ملي ٿو، جنهن ۾ ان کي "اَلْمَلْحَمَةُ الْعُظْمٰى" سڏيو ويو آهي. يهود ۽ عيسائي مسلمانن جي مقابل ٿي ويندا. فلسطين، شام ۽ مشرق وسطيٰ ۾ ڪافي تباهي ايندي. ان دؤران مسيح عليه السلام جو نزول ۽ امام مهدي عليه السلام جو ظهور ٿيندو. امام مهدي عليه السلام امان سانئڻ فاطمة الزهرىٰ عليها السلام جي پٽ امام حسن عليه السلام جي پشت مان هوندو. خدائيءَ جي ڪوڙي دعويدار دجال کي حضرت عيسىٰ مسيح عليه السلام قتل ڪندو. دجال بچڻ لاءِ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو، پر ڪيس "لُدّ" جي مقام (جيڪو اڄ ڪلهہ اسرائيل جو وڏو ايئر بيس آهي) وٽ قتل ڪندو. ياجوج ماجوج جو قصو ابوالڪلام آزاد جي جلد 4 ۾ سورة الڪهف ۽ سورت الانبيا ۾ مناسب تفصيل سان آيو آهي. ان کان علاوه بيان القرآن ۾ ڊاڪٽر اسرار احمد ۽ البيان ۾ جاويد احمد غامدي ۽ مودودي صاحب جي تفسير تفهيم القرآن ۾ بيان ٿيل آهي. هي تاريخي تحقيق آهي، جيڪا آخري ناهي.

هنن خوابيده ماڻهن کي بڌاءِ تہ سورت جي شروع ۾ ئي چيو ويو هيو "اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ مُّعْرِضُوْنَ" اهو انقلاب، جيڪو نوس تعميري نتيجن جو حامل هوندو، قريب اچڻ وارو آهي. جن نادان ماڻهن اسان جي حڪمن ۽ بار بار ڏيان ڇڪائڻ ۽ خبردار ڪرڻ جي صداقتن جو انڪار ڪيو آهي ۽ ان جي مخالفت ۾ وڌ مان وڌ ڪوشان رهيا آهن، اهي ان جي دهشت ۽ هيبت کي ڏسي ڪنبي ويندا. انهن جون اکيون کلي جون کليون رهجي ويندي‌ون ۽ هو ان حيراني ۽ پريشاني ۾ بي ساختہ دانهون ڪندي چوندا

افسوس جو اسان دنيا جي عارضي ڏوڪيباز خوشين پنيان اکيون ٻوٽي هلندا رهياسون ۽ هن يقيني انقلاب کان بي خبر ٿياسون ۽ پنهنجي سرڪشي ۽ گمراهي ۾ وڌندا رهياسون. اهڙي طرح هو هٿ مليندا ڳوڙها ڳاڙيندا، چيخ و پڪار ڪندا رهجي ويندا.

در جوانی توبہ کردن شیوہ پیغمبریست
وقت پیری گرگ ظالم میشود پرہیز گار

ان وقت انهن ڪافرن ۽ مشرڪن کي چيو ويندو ته توهان پاڻ ۽ توهان جا اهي معبود، جن جي توهان الله ڪانسواءِ پوڄا ڪيو ٿا، جهنم جو ٻارڻ ٿيندا ۽ انهيءَ باهه ۾ جيڪا پٿرن جي ٻارڻ سان ڀڙڪندڙ هوندي. اهو ساڳيو مضمون حديث شريف ۾ به آيو آهي. اوهان کي داخل ڪيو ويندو. ڪجهه تفسيرن موجب "مَا تَعۡبُدُوۡنَ" مان مراد ارباب اختيار علماء ۽ مشائخ آهن، جن جي چوڻ تي اوهان الله جي حڪمن جي خلاف ورزي انهن جي حڪم تي عمل ڪندا آهيو. "مَا تَعۡبُدُوۡنَ" ۾ "مَا" غير ذوي العقول لاءِ استعمال ٿيندي آهي ۽ "مَنۡ" ذوي العقول لاءِ اچي ٿو، ان ڪري هت پٿر جا ٺهيل معبود مراد ٿي سگهن ٿا. جهڙيءَ طرح البقره: 24/2 ۾ "فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِیۡ وَقُوۡدُهَا النَّاسُ وَ الۡحِجَارَةُ اُعِدَّتۡ لِلۡكٰفِرِيۡنَ" ياد رهي ته جنهن باهه جو ٻارڻ پٿر هوندا، اها وڌيڪ ساڙيندڙ ۽ جلائيندڙ هوندي، پر اهي بااختيار ۽ اقتدرا جيڪي ڪين گناهن تي آماده ڪندا هئا ۽ دين اسلام جي پيغام کان پري رکندا هئا، اهي به "مَا"جي ذڪر ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. پٿرن ۽ ارباب اختيار جي پرستش ڪرڻ وارا اڪين سان ڏسندا ته سندن معبود ۽ رئيس ڪهڙي طرح دوزخ جو ٻارڻ ٿي هنن کي ساڙي ڀسم ڪري رهيا آهن. (المائده: 44 کان47) هنن کي معلوم هئڻ گهرجي ته پاڻ به انهن سان گڏ سڙي رهيا هوندا، هنن جا پنهنجا اعمال باهه جا شعلا ٿي ڀڙڪندا. جيڪڏهن اوهان جي هي معبود سچا پچا معبود هجن ها ته اهي پنهنجي قوت ۽ طاقت جو مظاهرو ڪندي پنهنجو دفاع ڪن ها ۽ هن ذلت جي عذاب ۾ مبتلا نه ٿين ها. مگر اڄ ذلت ۽ خواري جي آڙاهه ۾ جلي سڙي رهيا آهن، جن جو ڪو حامي يا همنوا نه آهي. دوزخ جي هن عذاب ۾ جڏهن باهه جي شعلن ۾ سڙي رهيا هوندا ته زور زور سان دانهون ۽ شور ڪندا. اهي دانهون ڪوڪون ايتريون ته شديد هونديون، جو ٻڌڻ وارن جا ڪن برداشت ڪري نه سگهندا. هو پاڻ به ڪجهه ٻڌي نه سگهندا، بس هولناڪ باهه ۾

هميشہ لاءِ رهندا. ”لَا يَسْمَعُوْنَ“ کي ”تَعْبُدُوْنَ“ تي منسوب ڪجي تہ پوءِ ”لَا يَسْمَعُوْنَ“ مان مراد بہ بت ٿيندا.

هنن بدنصيب ماڻهن جي برعڪس جن ماڻهن پنهنجي نيڪ ڪمن جي بدولت آئنده لاءِ اجورو ڪنو ڪيو هوندو، اهي هن پڙڪندڙ باھ کان گهڻو پري هوندا. اهي خوش نصيب آهن، جن لاءِ اسان اڳ ۾ ئي خير ۽ ڀلائي جو حڪم ڏئي چڪا هونداسون. اهي هن باھ کان ايترو تہ پري رکيا ويندا، جو هنن کي دوزخ جي عذاب جو ڪو پتو نہ هوندو. هو ان باھ جي آهٽ ۽ ڀڻڪ بہ محسوس ڪري نہ سگهندا ۽ هو پنهنجي پسند ۽ خواهش موجب تمام شين کان محفوظ ۽ مسرور هوندا. ”لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ○“ (يٰس: 57/36) ايتري قدر جنتن جي نعمتن کان هو پنهنجون آرزوئون پوريون ٿينديون ڏسي پنهنجي مست مگن ڪيفيت ۾ سرشار هوندا. (مريم: 71/19) هنن نيڪو ڪارن کي وڏي کان وڏي هولناڪي ۽ گهبراهٽ، خوفزده ۽ حراسان ڪري نہ سگهندي. قيامت جو نهايت هولناڪ منظر هوندو. سورة الحج: 22 جي آغاز ۾ آهي: ”يٰاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ“ انسانؤ! پنهنجي رب جي عذاب کان پاڻ بچايو، ڇو تہ قيامت جو زلزلو يقينًا تمام وڏي مصيبت آهي. پر هن آيت ۾ نيڪوڪارن کي اها خوشخبري ڏني وئي آهي تہ انهن کي ڪا تڪليف ۽ پريشاني نہ هوندي. ”فَزَعُ الْاَكْبَرُ“ مان مراد رڳو قيامت جي ڏينهن جون سختيون مراد ناهن، پر هن دنيا ۾ بہ بدڪارن جو پيڇو ڪنديون رهنديون، پر نيڪوڪارن کي فرشتا خوش آمديد چوندا رهندا تہ جنت جون موجون ماڻيو هي اوهان لاءِ اهو مبارڪ ڏينهن آهي، جنهن جو اوهان سان هن کان اڳ وعدو ڪيو ويو هو. (النمل: 89/27) ”اَلْفَزَعُ الْاَكْبَرُ“ ۽ ”زَلْزَلَةُ السَّاعَةِ“ جي سختين جو سمورو زور بار فاسق ۽ فاجر ماڻهن تي لاڳو هوندو، پر خدا جا نيڪ ۽ فرمانبردار بانها سڪون ۽ اطمينان ۾ هوندا ۽ انهن سختين کان محفوظ هوندا.

يَوْمَ نَطْوِي السَّمَآءَ كَطَيِّ السِّجِلِّ لِلْكُتُبِ ۗ كَمَا بَدَاْنَآ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗ ۗ وَعْدًا عَلَيْنَا ۗ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿۱۰۴﴾ وَ لَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْۢ

بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ فِيْ هٰذَا لَبَلٰغًا
لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ قُلْ اِنَّمَا
يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا
فَقُلْ اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ وَ اِنْ اَدْرِيْۤ اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ مَّا
تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ الْقَوْلِ وَ يَعْلَمُ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ وَ اِنْ
اَدْرِيْ لَعَلَّهٗ فِتْنَةٌ لَّكُمْ وَ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۱۱﴾ قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ وَ
رَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ ع النصف ع ١٩٠ ٧ ٧

جنهن ڏينهن اسان آسمان کي اهڙيءَ طرح لپيٽي ڇڏينداسون، جهڙيءَ طرح سرڪاري ڪاغذ دفتري يا فائيل ۾ ويڙهي رکندا آهن، جهڙي طرح اسان هن ڪائنات جي ابتدا ۾ پيدا ڪيو هو، اهڙي طرح ٻيهر پيدا ڪنداسون. هي وعدو وفا ڪرڻ لازم آهي، اسان ان کي ضرور نڀائينداسون. (104) اسان الذڪر تورات کان پوءِ يا پندو نصيحت بعد زبور ۾ صاف صاف لکيو هيو ته منهنجا نيڪ ٻانها ملڪ جا وارث ٿيندا.(105) هن قرآن ۾ انهن ماڻهن لاءِ آگاهي آهي، جيڪي اسان جي قانون جا پابند ٻانها هوندا.(106) اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! اسان توکي تمام جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو، جنهن سان پوري ڪائنات ۾ رحمت جو ظهور ٿيو. (107) اي پيغمبر حق خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! تون هنن ماڻهن کي چؤ ته مون تي جيڪو وحي ڪيو ٿو وڃي بس رڳو هي آهي ته توهان جو معبود هڪ الله آهي. ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو ناهي. پوءِ ٻڌايو ته توهان ان آڏو سر جهڪايو ٿا ۽ ڪيس تسليم ڪيو ٿا.(108) جيڪڏهن پوءِ به هو روگرداني ڪن ته پوءِ کين چؤ

تہ مون اوهان سيني کي ساڳي يڪسان طور تي خبردار ڪيو آهي. مون کي معلوم ناهي تہ جنهن شيءِ جو وعدو ڪيو ويو آهي، اهو قريب آهي يا بعيد، پر ترڻ وارو ناهي.(109) الله جي علم کان ڪا بہ شيءِ ڳجهي ناهي، جو ڪجھ اوهان ظاهر ظهور وڏي واڪ چئو ٿا يا ڳجھ ڳوھ ۾ آهستي چئو ٿا هن کي سڀ معلوم آهي.(110) مون کي ڪهڙي خبر تہ هن دير ۾ اوهان جي آزمائش مطلوب آهي يا هڪ مقرر وقت تائين پلي زندگيءَ جا لطف ماڻي وٺو. پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ دعا گهرندي عرض ڪيو يا الله! هاڻي دير نہ ڪر سچائي وارو فيصلو صادر ڪرڻ فرمايو. (111) اسان جو رب الرحمٰن آهي، جنهن کان مدد طلب ڪئي ويندي آهي، (اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ۝) انهن الزامن خلاف، جيڪي توهان لڳايو ٿا.(112)

---

ان ڏينهن اسان آسمان کي اهڙي طرح لپيٽي ڇڏينداسون، جهڙي طرح ڪاغذ جاچ پڙتال ۽ حساب ڪتاب ڇٽي ٿيڻ بعد طومار (فائيل دفتري Scrolls) ۾ لپيٽي ويڙهي رکندا آهن، ڇو تہ هاڻي انهن جي ضرورت نہ هوندي آهي. هي قيامت واري ڏينهن جو منظر هوندو، هت "اَلسَّمٰوٰاتِ" جي جاءِ تي "اَلسَّمَآءُ" (واحد) استعمال ٿيو آهي، حالانڪ هر هنڌ "اَلسَّمٰوٰاتِ" چئي ستن آسمانن جو ذڪر ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو قيامت جي ڏينهن لاءِ رڳو هن شمسي نظام کي ويڙهيو وڃي، (الزمر: 67/39) جيڪو هن آسمان ۽ زمين تي شامل آهي. ٻيا باقي آسمان ان ڇيڙ ڇاڙ ۾ نہ اچن. قيامت جي هن هولناڪ گهڙي يا ڏينهن جو منظر قرآن ۾ ڪيترين ئي جاين تي آيل آهي. (الحج: 22-1) "وَ جُمِعَ الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ" (القيامة: 9/75) ۾ بہ انهي ڏينهن ڏانهن اشارو آهي. اسان جنهن نموني اوهان جي پهرئين پئدائش شروع ڪئي هئي، اهڙي طرح اوهان جي وفات بعد وري هڪ دفعو ضرور دهرائينداسون ۽ وري زندھ ڪنداسون. هي هڪ حتمي وعدو آهي. اسان اهو هر حال ۾ ڪري ڏيکارينداسون. پر جيڪڏهن هن آيت مان هن زندگيءَ جو مفهوم وٺجي تہ پوءِ هنن وڏن وڏن عهدن ۽ مرتبن تي ويٺل ماڻهن کي اهڙي طرح لپيٽيو ويندو، جهڙيءَ طرح هت قرض ڏيندڙ هندو رڪارڊ رکندو آهي ۽ جاچيندو آهي ۽ حساب ڪتاب ٿي وڃڻ کان پوءِ

ڪاتو بند ڪري، ان ڪاغذن کي هڪ دستي ۾ ويڙهي رکندو آهي. اهڙي طرح قيامت ڏينهن حساب ڪتاب ٿيڻ ۽ ليکو چڪتو ٿيڻ بعد جزا سزا جو فيصلو ٿيندو ۽ رڪارڊ کي رڪارڊ روم ۾ ويڙهي رکيو ويندو. نصيحت ۽ موعظت بابت آيل بيان بعد يا ”الذڪر“ توريت بعد اسان زبور ۾ صاف صاف ٻڌايو هيو ته هن زمين جا وارث نيڪ ٻانها هوندا. هميشه حق ۽ باطل جي جنگ ۾ باطل شڪست کاڌي آهي ۽ نيست و نابود ٿيندو رهيو آهي. پر حق جي هميشه سوڀ رهي آهي. الله تعالىٰ پنهنجن نيڪ ٻانهن جي هميشه مدد ڪندو آهي ۽ بدڪار ٽولي کي شڪست ۽ هزيمت ڏسڻي پوي ٿي. جنهن زمين جو الله تعالىٰ پاڻ وارث ۽ مالڪ آهي، ”اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ“ اها گهڻو عرصو ظالمن، فسادين ۽ بدڪارن جي حوالي نٿي رهي سگهي. الله پنهنجن نيڪ صالح ۽ متقي انسانن پنهنجي زمين جو وارث بنايو آهي، جنهن تي الله جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن جو راڄ هوندو ۽ هن ۾ عدل ۽ انصاف ۽ امورِ مملڪت صحيح نموني هلائڻ جي صلاحيت هوندي. پر جيڪڏهن هن آيت مان قيامت بعد وري جنت جي زمين مراد ونجي ته پوءِ اتي به مؤمنن جي مهمان نوازي هوندي ۽ جيڪو به ۽ جتي به جو ڪجهه گهرندا، انهن لاءِ صله عام هوندو گويا اتي به مؤمن وارث هوندا، ڪافر محروم رهندا. (حٰم السجده: 30/41ڪان 32)

هن آيت ۾ مولانا مودودي ﷫ جي تفسير ”تفهيم القرآن“ ۾ آهي ته مفسر حضرات هن آيت جي مطلب کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي ته زمين جا وارث رڳو خدا جا نيڪ ٻانها ئي ٿيندا، پر حقيقت ۾ آخرت جي ابدي نظام هن دنيا جي عارضي نظام واري ڪيفيت برقرار نه هوندي. هن زمين تي ته هن دنياوي زندگيءَ ۾ فاسق ۽ ظالم ماڻهن جو به تسلط آهي. هي مضمون سورة المؤمنون: 23/11-10 ۾ آيو آهي ۽ سورة جي آخري رڪوع ۾ به هن مضمون کي چٽيءَ طرح بيان ڪيو ويو آهي. سورة الاعراف: 128/7 ۾ آهي ته زمين جي ورهاست ۽ حڪومت مؤمن ۽ ڪافر، صالح ۽ فاسق، فرمانبردار ۽ نافرمان کي الله جي مشيت مطابق ملندي آهي، جهڙيءَ طرح آيت ۾ آيو آهي ته ”الله اوهان کي زمين ۾ خليفو بڻائيندو“ (التوبه: 9/60-53، الفتح: 28/48، الصف: 9/61) هتان واري حڪومت هميشه واري نه آهي، پر هڪ امتحان آهي، ان جي برعڪس آخرت واري حڪومت هميشه واري آهي.

هن ڳالھ ۾ تہ ”زمين جا حقيقي وارث اهي هوندا، جيڪي الله جا صالح ۽ فرمانبردار ٻانها هوندا“ هي هڪ بنيادي ۽ اساسي قانون، ان قوم لاءِ هڪ دور رس حقيقت پنهنجي اندر رکي ٿو تہ جيڪو بہ اسان جي قانون جي پاسداري ڪري ٿو، ان کي زمين جي وراثت لاءِ صلاحيت ۽ خدا جي ٻڌايل قانون جي اطاعت شرط آهي. يعني خدا جي حڪمن جي پاسداي ڪرڻ ۽ امور رياست هلائڻ جي صلاحيت بنيادي لوازمات آهن. اهو خدا جو وعدو آهي، جيڪو پورو ٿي رهندو. (البقره: 213/2، يونس: 19/10) باقي چنگيز، هٽلر ۽ هلاڪو وانگر وقتي ۽ عارضي غلبو تہ ٿي سگهي ٿو، پر الله جي زمين جي وراثت نٿي ملي سگهي. هن جي هن وراثت حاصل ڪرڻ لاءِ پيارو رسول خاتم النبيين ﷺ! توهان جي طرف موڪليو ويو آهي. اقوام عالم کي ٻڌائي ڇڏيو تہ هي نسخه ڪيميا آهي، جيڪو ان اندروني صلاحيتن کي نکيري ٿو، جيڪي خدائي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ معاملا فهم ۽ حڪمراني اجاگر ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. تنهنجي ذات گرامي تمام جهان وارن لاءِ رحمت خداوندي آهي ۽ تنهنجو رحمت وارو وجود مبارڪ اسوه حسن ۽ هي قرآن پوري ڪائنات لاءِ رحمت جو ظهور ٿين. اي پيغمبر حق خاتم النبيين ﷺ! تون هنن کي ذهن نشين ڪراءِ تہ مون ڏانهن جيڪو وحي ٿي رهيو آهي، ان جي تعليم جو لب لباب اهو آهي تہ هن پوري ڪائنات ۽ مخلوقات جو خالق مالڪ صرف هڪ الله وحده لا شريڪ له آهي، جنهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري لازم آهي. هن هڪ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود هجڻ يا عبادت ڪرڻ جي لائق نہ آهي. هو خالق آهي، باقي سڀ مخلوق آهن. هاڻي اوهان ئي فيصلو ڪري ٻڌايو تہ توهان ان يڪتا واحد الله آڏو سر تسليم خم ڪري مسلمان ٿيو ٿا يا نہ؟ هن تعليم ۽ تبليغ کان منهن موڙي، انڪار جي رٽ لڳائن ٿا ۽ پنهنجي ڪفر ۽ ڪارنامن تي مضبوطيءَ سان قائم رهن ٿا تہ ڪين چؤ تہ مون پنهنجي فرض جي ادائگي ۾ اوهان سيني کي يڪسان طور خبردار ڪيو آهي. هاڻي ان کي مڃڻ نہ مڃڻ اوهان تي ڇڏيل آهي، جنهن لاءِ ڪو زور زبردستي ناهي. قبول ڪندا تہ هن زندگي ۽ آخرت جي زندگي ۾ شاد آباد رهندا، پر جيڪڏهن هٺ، حسد ۽ انا جي زور تي پراڻي روش جاري رکي تہ تباهہ ڪن انقلاب واري گهڙي دور ناهي، جنهن جي اوهان کي بار بار خبر ڏني ٿي وڃي. اها جلد اچي يا دير سان اچي، پر اچڻي ضرور آهي، جنهن کي ڪو ٽاري نٿو سگهي. جيڪڏهن

اوهان وقتي ۽ عارضي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ بيائي جي روش اختيار ڪيو، يعني دل اندر ڪجهه هجي ۽ زبان تي ڪجهه، يا اندر ڪجهه ۽ ٻاهر ٻيو ڪجهه ظاهر هجي، ان اسان اوهان پنهنجي ڪارنامن جي نتيجي ۾ ايندڙ تباهي روڪي نٿا سگهو، جو ته الله وٽ اوهان جو ٻرو ڀلو سڀ رڪارڊ تيل آهي، جيڪو سندس قانون مڪافات طور اوهان جي هر ظاهر ۽ پوشيده سوچ ۽ عمل جو پورو حساب ڏيندو. پر جيڪڏهن اهو عذاب اڄ يا سڀاڻي جلد نٿو اچي ۽ اچڻ ۾ ڪجهه دير ڪري ٿو، ان لاءِ مون کي ڪا خبر ناهي ته هي تاخير توهان جي لاءِ وڏيڪ مصيبت جو باعث بڻبي، جو ته هن مهلت جي وقت ۾ به اوهان سڌرڻ بدران وڌيڪ بگڙڻ طرف روانا آهيو، يا هن دير جو مقصد اهو ته پلي ڪجهه وقت لاءِ وڌيڪ مال متاع ۽ عيش عشرت جو مزو ماڻي وٺو. بهرحال اهي ٻئي صورتون اوهان جي مفاد ۾ نه آهن.

رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ قوم جي خير خواهي ۽ ڀلائي لاءِ هدايتِ خداوندي موجب سڀ ڪجهه ڪيو آهي. اهڙو ڪهڙو عذاب ۽ آزار هوندو، جو ڪافرن ۽ مشرڪن پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ کي نه ڏنو هوندو، هن رحمة للعالمين جي هميشه اها آرزو ۽ خواهش رهي ته منهنجي قوم خدائي پيغام تي ڪن ڌري ۽ ان تي عمل ڪري. هنن تمام ڪوششن ۽ ڪاوشن جي باوجود هاڪاري موٽ نه ملڻ تي هن خداوند تعالىٰ کان دعا گهري ته هاڻي منهنجي ۽ منهنجي مخالفن ۾ حق وارو فيصلو صادر ٿئي. ان بعد هن قوم کي مخاطب ٿيندي چيو ته اسان جو پالڻهار ۽ پروردگار رحمٰن رحيم رب اسان جو مددگار ۽ اسان تي ڏاڍو مهربان آهي، جيڪي ڪجهه اوهان چئي يا ڪري رهيا آهيو، ان جي خلاف هن مددگار جي حمايت ۽ اعانت اسان جي درميان فيصلو صادر ڪندي.

---

الحمد لله والشكر له جنهن جي بي حساب ۽ بي پايان توفيق ۽ اعانت سان اڄ رات 11:30 وڳي تاريخ 7 شوال 1444هجري بمطابق 26 اپريل 2023عيسوي بروز اربع سورة الانبياءِ جو شرح بيان ۽ ترجمو لکي پورو ڪيو. سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم - بارک الله لي ولكم في القرآن العظيم ونفعني و اياكم بالآيات والذكر الحكيم

(گلاسڪو، اسڪاٽلينڊ -برطانيه)

# سُوۡرَةُ الۡحَجِّ

هن سورت جو نالو ”اَلحَجّ“ چوٿين رڪوع جي ٻي آيت ۾ ”وَاَذِّنۡ فِي النَّاسِ بِالۡحَجِّ“ مان ورتل آهي. هن سورت ۾ مڪي ۽ مدني سورتن جون خصوصيات ملن جلن ٿيون. هن جو پهريون حصو مڪي آهي ۽ آخر وارو حصو مدني دؤر جو آهي. هن کي مدني سورتن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. قرآن ڪريم جي ترتيب سان هن جو 22 نمبر آهي، پر نزول جي حساب سان 107 آهي. يعني 106 سورتون هن کان اڳ نازل ٿي چڪيون آهن ۽ 7 سورتون هن کان بعد نازل ٿيون آهن. هن ۾ 10 رڪوع ۽ 78 آيتون آهن. هن سورت جي ابتدا قيامت جي ذڪر سان ڪئي وئي آهي، ڇوته قيامت جو انڪار ڪرڻ وارا شيطان جي پيروي ڪن ٿا. هن ۾ ڪافرن کي ٻڌايو ويو آهي ته آخرت جو انڪار ڪرڻ وارو شيطان جو پيروي ڪندڙ جهنم جي باھ جو ٻارڻ هوندو. جيئن ته هن سورة جو ڪجھ حصو مڪ ۾ نازل ٿيو آهي ڪجھ مديني ۾ ٿيو آهي، ان ڪري مفسر حضرات ۾ هن جي نزول بابت اختلاف آهي. مڪ ۽ مدينہ جي ڪافرن کي چيو ويو آهي ته توهان پنهنجي وڏڙن جي پيروي ۾ هٺ ڌرمي ۽ زد جي ڪري جاهلانا خيالن تي اصرار ڪيو ٿا ۽ الله تعالىٰ کي ڇڏي، بتن جي عبادت ڪريو ٿا ته توهان جو انجام بہ اهو ساڳيو ئي ٿيڻو آهي، جيڪو هن کان اڳ ڪافرن جو ٿي گذريو آهي. سورت ۾ تنبيه ۽ انذار سان گڏوگڏ جڳھ جڳھ تي تذڪير ۽ نصيحت جو بيان بہ شامل آهي. اهڙن اڏگيدن مسلمانن کي چيو ويو آهي توهان ظاهري طرح ته خدا تي ايمان آڻي چڪا آهيو ۽ ان جي بندگي ڪيو ٿا، پر ڪابہ تڪليف يا آزمائش قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو. اهڙن مسلمانن کي تنبيه ڪئي وئي آهي ته راحت، مسرت ۽ عيش عشرت ۾ ته خدا جي بندگي ڪيو ٿا، پر تڪليف وقت الله کي ڇڏي، غير جي بندگي ڪريو ٿا. هن خطاب ۾ عرب جا سڀ ماڻهو ۽ مسلمان شامل آهن. اوهان ڪجھ ماڻهن کي ذاتي دشمنيءَ سبب ناپسند ڪري حج عمره ڪرڻ جي اجازت نٿا ڏيو، حالانڪ حضرت ابراهيم عليه السلام سڀ ماڻهن جا حق برابر رکيا هيا ۽ ڪين حرم ۾ اچڻ جي پوري اجازت هئي.

هت مسلمانن کي ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتيءَ جو طاقت سان جواب ڏيڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ ڪين هدايت ڪئي وئي آهي ته هو اقتدار ۾ اچي، انسانن سان ڪهڙي طرح پش اچن. يعني ڪين آداب اسلامي ۽ آداب انساني جا طور طريقا سمجهايا ويا آهن.

آيتون ٧٨ سُوۡرَةُ الۡحَجِّ (مدني سورت) رکوع ١٠

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ ۚ اِنَّ زَلۡزَلَةَ السَّاعَةِ شَىۡءٌ عَظِيۡمٌ ‏۱ يَوۡمَ
تَرَوۡنَهَا تَذۡهَلُ كُلُّ مُرۡضِعَةٍ عَمَّاۤ اَرۡضَعَتۡ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمۡلٍ
حَمۡلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمۡ بِسُكٰرٰى وَلٰـكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ
شَدِيۡدٌ ‏۲ وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يُّجَادِلُ فِى اللّٰهِ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ وَّيَتَّبِعُ كُلَّ
شَيۡطٰنٍ مَّرِيۡدٍ ۙ‏ ۳ كُتِبَ عَلَيۡهِ اَنَّهٗ مَنۡ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَيَهۡدِيۡهِ
اِلٰى عَذَابِ السَّعِيۡرِ‏ ۴ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ رَيۡبٍ مِّنَ الۡبَـعۡثِ
فَاِنَّا خَلَقۡنٰكُمۡ مِّنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ثُمَّ مِنۡ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنۡ مُّضۡغَةٍ
مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيۡرِ مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ لَـكُمۡ ؕ وَنُقِرُّ فِى الۡاَرۡحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰٓى
اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ نُخۡرِجُكُمۡ طِفۡلًا ثُمَّ لِتَبۡلُغُوۡۤا اَشُدَّكُمۡ ۚ وَمِنۡكُمۡ
مَّنۡ يُّتَوَفّٰى وَمِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرۡذَلِ الۡعُمُرِ لِكَيۡلَا يَعۡلَمَ مِنۡۢ بَعۡدِ
عِلۡمٍ شَيۡـئًا ؕ وَتَرَى الۡاَرۡضَ هَامِدَةً فَاِذَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡهَا الۡمَآءَ اهۡتَزَّتۡ وَ
رَبَتۡ وَاَنۢۡبَتَتۡ مِنۡ كُلِّ زَوۡجٍۢ بَهِيۡجٍ‏ ۵ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡحَـقُّ وَاَنَّهٗ

يُحْيِ الْمَوْتٰى وَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌۙ ۝٦ وَّ اَنَّ السَّاعَةَ اٰتِیَةٌ لَّا رَیْبَ
فِیْهَا ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ یَبْعَثُ مَنْ فِی الْقُبُوْرِ ۝٧ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ یُّجَادِلُ فِی
اللّٰهِ بِغَیْرِ عِلْمٍ وَّ لَا هُدًى وَّ لَا كِتٰبٍ مُّنِیْرٍۙ ۝٨ ثَانِیَ عِطْفِهٖ لِیُضِلَّ عَنْ
سَبِیْلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ فِی الدُّنْیَا خِزْیٌ وَّ نُذِیْقُهٗ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ عَذَابَ
الْحَرِیْقِ ۝٩ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ یَدٰكَ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَیْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِیْدِ ۝١٠ ع ١٠ ٨

اللہ جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

اي انسانو! (غفلت ڇڏي) دل ۾ خوف خدا پيدا ڪريو، (الله جي قانون جي نگهداشت ڪريو) يقين ڪريو تہ اچڻ واري گهڙيءَ ۾ تباهہ ڪن زلزلو اچڻو آهي. (1) جنهن ڏينهن هي ڀونچال رونما ٿيو تہ (ان جي هولناڪي ڪان) مائرون پنهنجن کير پياڪ ٻچن کي کير پيئارڻ وساري ويندين ۽ سمورين حمل وارن جو حمل ڪري پوندو ۽ توکي ماڻهو مدهوش نظر ايندا، حالانڪ (حقيقت ۾) هو نشو پيتل نہ هوندا. بلاشڪ الله جو عذاب گهڻو سخت آهي. (2) ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي الله بابت جهڳڙو ڪن ٿا، حالانڪ هنن کي ڪو علم ناهي ۽ شيطان سرڪش جي پيروي ڪن ٿا.(3) جنهن (شيطان) بابت اها ڳالهہ لکي وئي آهي تہ جيڪو ماڻهو بہ ان کي دوست ڪندو تہ هي (شيطان) ان کي گمراهہ ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي دوزخ ڏانهن وٺي ويندو. (4) اي بني آدم! جيڪڏهن توهان کي هن باري ۾ شڪ آهي تہ انسان (ٻيهر) زنده ٿيندو تہ هن ڳالهہ تي غور ڪريو تہ اسان توهان کي ڪٿان پيدا ڪيو، مٽيءَ مان، پوءِ نطفي مان، پوءِ علقه (خون جو دڳ) مان، پوءِ گوشت جي بوٽيءَ مان جيڪا پوري بہ

هوندي آهي تہ اذوري بہ. اهو ان ڪري تہ اوهان تي ڪجھ حقيتون واضح ڪجن، اسان قانون مشيت موجب ان کي ڪجھ وقت رحم ۾ رکندا آهيون. پوءِ هڪ ٻار جي صورت ۾ جنم ڏيندا آهيون، پوءِ اهڙيون حالتون مهيا ڪندا آهيون، جو جوانيءَ تي پهچي، پوءِ ڪوئي توهان مان پيريءَ کان اڳ مري وڃي ٿو تہ ڪو پيريءَ تي پهچي ٿو. نڪمي عمر ۾ داخل ٿو ٿئي، جتي سڀ ڪجھ ڄاڻڻ بعد هاڻي ڪجھ نٿو ڄاڻي. اهڙي طرح ڏسو تہ زمين خشڪ (بنجر) آهي پوءِ جڏهن ان تي برسات ٿئي ٿي تہ اچانڪ ٽڙي ڪڙي پوي ٿي، پئيدائش لائق ٿي وڃي ٿي ۽ هر طرف جون خوشنما (وڻندڙ) شيون اڳائي ٿي. (5) اهو ان ڪري ٿئي ٿو جو الله تعالىٰ ئي پروردگار حقيقي آهي ۽ ان ڪري بہ تہ هو مئلن کي زندھ ڪري ٿو، ان ڪري بہ تہ هو هر شيءِ تي قادر آهي. (6) ۽ ان ڪري بہ تہ قيامت ضرور ايندي، جنهن جي اچڻ ۾ ڪو شڪ ناهي ۽ ان لاءِ بہ تہ الله انهن کي ضرور اٿاريندو (زنده ڪندو) جيڪي قبرن ۾ آهن. (هن حقيقت حال جي آگاهيءَ بعد) ماڻهو بغير ڪنهن علم، ڪنهن هدايت ۽ ڪنهن روشن دليل جي(8) آڪڙ ۽ غرور ۾ ڪنڌ لوڏيندي الله جي باري ۾ حجتون (جهڳڙا) هلائي ماڻهن کي الله جي راھ کان گمراھ ڪري ٿو، اهڙي شخص لاءِ دنيا ۾ بہ رسوائي آهي ۽ آخرت ۾ قيامت واري ڏينهن ٻرندڙ باھ جو مزو چکائيندا سون.(9) هي تنهنجي انهن عملن جو نتيجو آهي، جيڪي (عمل) تو آخرت لاءِ موڪليا هئا. الله تہ پنهنجي ٻانهن مان ڪنهن سان بہ ذرا ڀر بہ ظلم نہ ڪندو آهي.(10)

اي انسانو! غفلت جي ننڊ کان بيدار ٿي وڃو الله عزو جل جي عذاب کان ڊڄو ۽ ان جي قانون ۽ حڪمن جي نگهداشت ڪريو، جن جي خلاف ورزي بابت اوهان کان سخت پڇا ٿيندي. ان ڏينهن ان گهڙي هڪ نهايت وڏو بوچال (زلزلو) برپا ٿيندو (لقمان:

33/31، **فاطر**: 18/35، **الدخان**: 41/44، **الحج**: 22/ 20، **المعارج**: 70/ 10 **کان** 18، **التکوير**: 81/ 34) جنهن ڏينهن ماڻهن جا هوش خطا هوندا. پريشاني ۽ حيرانيءَ جي عالم ۾ نظر ايندا. سورت جي شروعات ۾ ئي حياتِ اخروي ۽ قيامت جي هولناڪ منظر جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي. غور ڪريو ته هن هڪ آيت ۾ ئي ڪائنات جي هن هولناڪ حادثي جي ڪهڙي نه ڪامل تصوير پيش ڪئي وئي آهي. ماءُ جو اولاد لاءِ محبت جو جذبو ڪير نٿو ڄاڻي ته هو ڪيترو ۽ ڪهڙي طرح پيار ڪري ٿي، جنهن جو اندازو لڳائڻ ممڪن ناهي. خاص طرح ان وقت جڏهن ٿڃ ونندڙ ٻچو ٿڃ وٺڻ ڪان رئڻ شروع ڪري ڏيندو آهي، پر ان ڏينهن هن ڪان پنهنجي ٿڃ پياڪ ٻچي کي ٿڃ پيارڻ به وسري ويندو ڇو ته هن جا هوش گم هوندا، ان گهڙيءَ جي شدت ڪان حامله عورتن جا حمل (ٻار) ڪري پوندا. جنهن پريشاني ۾ حامله عورتن جا حمل (ٻار) پيدا ٿيڻ ڪان اڳ ئي ڪري پوندا، ان جي هولناڪي جو ڪو اندازو لڳائي نٿو سگهي. ماڻهو ائين نظر ايندا، ڄڻ نشي ۾ آهن، پر حقيقت ۾ هو نشي ۾ نه هوندا، پر بي حساب عذاب جي خوف ۾ نشائي ڏسڻ ۾ ايندا. هنن ڪو نشو نه ڪيو هوندو، پر عذاب جي گهٻراهٽ ۽ پريشانيءَ ۾ هنن جو هوش و عقل اڏامي ويو هوندو. جنگ عظيم ۾ جرمن فوج جي گولاباريءَ ۾ به ماڻهو بلڪل پاڳل ٿي ويا هئا، جو ڪجهه تفسيرن موجب قيامت وارو منظر حياتِ اخروي ۽ قيامت بابت جيترو محسوس ٿئي ٿو اوترو ئي دنياوي زندگي کي جنگ جي خطرناڪ نتيجن ڪان آگاهه ڪري ٿو.

بني آدم تي هي ميزائيل ۽ بم ايترو اثر ڏيکارين ٿا ته پوءِ سڄ چنڊ زمين جي ٽڪرائڻ سان ڇا ٿيندو؟ الله تعالىٰ طرفان ڏنل هدايتون ۽ حڪم بلڪل صاف سترا ۽ واضح آهن، اهي ماڻهو (ڪافر) ڪنهن علمي دليل ۽ الهامي رهنمائيءَ جي بغير خدا جي ذات ۽ ان جي محڪم ۽ مثبت حڪمن جي مخالفت ۾ جهڳڙندا رهن ٿا. الله تعالىٰ طرفان آيل حڪم سراپا هدايت ۽ رحمت آهن، جن جا نتيجا هميشه هاڪاري نڪرن ٿا. افراد ۽ قومون خوشحال ۽ ترقي پذير ٿين ٿيون، پر ڪجهه شرير ماڻهو جن کي امن پسند ناهي، فساد ۽ فتني جا خاص مهرا آهن. هر سرڪش شيطان جي پيروي ڪن ٿا، خداوند جي توحيد ۽ ان جي حضور پيش ٿيڻ جا انڪاري آهن. هو چون ٿا ته رڳو هن دنيا جي زندگي آهي. قيامت يا حساب ڪتاب ڪو نه ٿيندو. هو انهن باطل نظريات ۾ گمراهي

جون سڀ حدون پار ڪري ويا آهن. حالانڪ ڪين صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ الله وارو گس ڇڏي شيطاني راهہ اختيار ڪندو تہ اهو شيطان توهان کي گمراهيءَ جي اونداهين ڏانهن ڌڪيليندو رهندو ۽ آخرڪار ڪيس اهڙي انجام تي پهچائيندو، جيڪو دوزخ جي باهہ جو ٺڪاڻو آهي. هنن ماڻهن اها روش ان ڪري اختيار ڪئي آهي جو هو رڳو هن دنيا جي زندگيءَ جا قائل آهن، موت سان انسان جو بلڪل خاتمو ٿي وڃي ٿو، بعث بعد الموت جا انڪاري آهن، ان ڪري ڪين چئو تہ توهان ايندڙ زندگي جي باري ۾ شڪ و شبهات ۾ آهيو، ياد رهي تہ هو بعث بعد الموت جو صريحًا انڪار ڪو نہ ڪندا هئا، پر شڪ شبها ڏيکاريندا هئا، پر ذرا هن حقيقت تي غور ڪريو، جڏهن انسان تخليق وقت مٽيءَ جي مختلف مرحلن مان گذري توليد واري عرصي، ماءُ جي پيٽ ۽ رحم ۾ ڪيس ڪيترن مرحلن مان گذرڻو ٿو پوي. پهريان مٽي ۽ پاڻي جي ملڻ بعد ڪيترن ئي مرحلن مان گذري، هڪ انسان جي صورت اختيار ڪئي ۽ پوءِ توليدي طريقي هيٺ هڪ نطفي يعني مرد ۽ عورت جي ملڻ بعد سندن گڏيل نطفي ۾ آيو (المؤمنون: 23/14-13) پوءِ چاليهہ ڏينهن بعد رت جو دڳ ٺهيو، چاليهہ ڏينهن بعد گوشت جي ٻوٽي ٺهيو، جيڪا ڪڏهن مڪمل هوندي ۽ انسان صحيح سلامت جنم وٺندو آهي، پر ڪڏهن نامڪمل بہ هوندي آهي ۽ انسان نقص جو شڪار هوندو آهي ۽ چاليهہ ڏينهن کان پوءِ گوشت پوست ۽ هڏين جي اچڻ سان پنجين مهيني ۾ ڪيس جان اچي ٿي ۽ پوءِ ڪجهہ مهينا بعد هڪ مڪمل انسان الله جي طرفان روح Divine energy سان اشرف المخلوقات ۽ خدا جو نائب ٿئي ٿو، پوءِ هو ٻاراڻي اوستا ۾ رهي، جوانيءَ جو سفر طئي ڪري ٿو. ڪنهن کي پهريائين وفات اچي ٿي تہ ڪنهن کي ايڏي وڏي عمر ملي ٿي، جو هو پيرسني جي نڪمي عمر ۾ داخل ٿي، پنهنجي پوري علم ياداشت کان محروم ٿي، بي خبر ٿي وڃي ٿو. (يٰس: 68/36، التين: 5/95) سندس سڄاڻپ ۽ سمجهہ جي صلاحيت سلب ٿي وڃي ٿي ۽ بلڪل ننڍڙي معصوم ٻار واريون حرڪتون ڪري ٿو. (النحل: 79/16) ذهني صلاحيتون ختم ٿي وڃن ٿيون، ياداشت گم ٿي وڃي ٿي. ان وقت هو نہ زندهہ آهي نہ مرده. حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ عمر جي اهڙي حالت کان پناهہ گهري آهي. غور ڪرڻ لاءِ هي خود توهان جي تخليقي ۽ توليدي مرحلن جو مثال آهي. (المؤمنون: 23/ 141)

توهان انفس والآفاق مان ”انفس“ وارو حصو تہ ڏٺو، هاڻي آفاق واري حصي ۾ ٻاهر جي دنيا ۾ نظر ڪريو ۽ زمين جي حالت تي غور ڪيو. زمين خشڪ ۽ ويران پئي هئي. مٿس ڪو سلو بہ سائو نظر نٿي آيو، هڪ صاف ميدان هيو، هن ۾ زندگي يا آبادي بلڪل نظر نٿي آئي. پوءِ يڪايڪ بارش وسي ٿي تہ زمين تڙي ڪڙي پوي ٿي. پئدائش ڏيڻ لائق ٿئي ٿي ۽ خوشنما وڻندڙ وڻ، ٻوٽا، سبزه زار ۽ قسمين قسمين جون ٻوٽيون، ميوا پيدا ڪري ٿي. اهڙي طرح ان مرده زمين ۾ جان اچي وڃي ٿي ۽ ٻَرن ۾ بازارون لڳي وڃن ٿيون، هڪ نئين دنيا آباد ٿي وڃي ٿي. ڌنار پنهوار پنهنجا ڌور ڍڳا ڪاهي خيما اڏي جهنگل ۾ منگل ڪن ٿا ۽ وري ڪجهہ عرصي بعد سڀ سڪي ختم ٿي وڃي ٿو ۽ هر طرف ويراني نظر اچي ٿي. زمين تي ٿيندڙ هي مثبت ۽ منفي تبديلي گويا انساني زندگيءَ جي مختلف مرحلن جي تصوير پيش ڪري ٿي، جن جي اکين ۾ بصارت ۽ دل و دماغ ۾ فهم و فراست آهي، اهي هن تشبيه ۽ تمثيل تي غور ڪري هدايت حاصل ڪن ٿا. هي سمورو نظام جنهن توازن ۽ اهتمام سان بنا ڪنهن نقص ۽ عيب جي هلي رهيو آهي، اهو گواهي ڏئي ٿو تہ الله هڪ آهي. هن جو قانون نوس نتيجا ظاهر ڪري ٿو. هو عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو. يعني بي جان ڪان جاندار تخليق ڪري ٿو، زندگيءَ جو سازو سامان وافر مقدار ۾ مهيا ڪري ٿو. مردن کي زنده ڪرڻ هن لاءِ آسان آهي، مشڪل ناهي. ان هر شيءِ جا پيمانا يعني تقدير بنائي آهي. خَلَقَ وَسَوّٰى تي ان کي پوري دسترس آهي. اها گهڙي جنهن جو انتظار آهي، يقينًا اچڻ واري آهي. جنهن تي بہ هن جي قدرت ڪارفرما آهي. ان جي اچڻ جو وقت مقرر آهي، جو هن زندگي ۾ هر فرد ۽ هر قوم اهڙي طرح يقين سان مقرر آهي، جهڙي طرح موت بعد قيامت اچڻ واري آهي. هن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو ناهي. هن جي نہ اچڻ يا مقرر وقت ڪان اڳي پوءِ اچڻ ممڪن ناهي. ان ڏينهن قبرن ۾ مدفون (يعني هر مري ويل) کي زندگي عطا ڪري ٿو. هن بصيرت نما دليل بعد بہ ڪجهہ ماڻهن جي اها حالت آهي جو هو علم جي بصيرت جي روشنيءَ کا بہ محروم آهن، ڪنهن صحيح رهنمائي جا پوئلڳ بہ ناهن ۽ نہ وري هنن وٽ اهڙو صحيفو آهي، جو کين اونداهين کان ڪڍي صبح روشن طرف وٺي اچي. هو جهالت جي انڌيرن ۾ ٺوڪرون کائي رهيا آهن. تعصب ۽ ضد جي باهہ ۾ سڙي رهيا آهن، غرور ۽ سرڪشيءَ جا

مظاهرا ڪري خدا جي حڪمن ۽ هدايتن خلاف اٿي بيٺا آهن. هنن جو سمورو زور هن ڳالهہ تي آهي تہ هو ٻين کي پاڻ وانگر گمراهہ ڪري سڌي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏين، اهڙن بدبخت ماڻهن لاءِ هن دنيا جي زندگي ۾ بہ رسوائي آهي تہ قيامت واري ڏهري ڏينهن اسان کين باهہ واري درد ناڪ عذاب جو مزو چکائينداسون. (لقمان: 7/31، المنافقون: 5/63، بني اسرائيل: 83/17) اهڙي عقل جي انڌي ماڻهو سان حق ۽ هدايت ۽ پندو نصيحت واري گفتگو ڪجي ٿي تہ هو ان کي دلين جي ڪنن سان ٻڌڻ يعني پورو توجه ۽ غور وفڪر ڪرڻ تہ بجا آهي، پر هو نخوت، آڪڙ ۽ تڪبر جي ناپسنديده طريقي سان منهن موڙي ڪنڌ لوڏيندو هليو وڃي ٿو، نہ رڳو پاڻ گمراهيءَ جي انڌيرن ۾ ڀٽڪندو ۽ رلندو رهي ٿو، پر هو ٻين کي بہ پنهنجي اثر و رسوخ سان الله جي رستي کان هٽائيندو ۽ ٿيڙيندو رهي ٿو. انسان ۾ هي رويو تڏهن اچي ٿو، جڏهن هو عقل ۽ استدلال کان وانجهو ٿي پنهنجن ابن ڏاڏن جي روش اختيار ڪري ٿو اهڙي نادان ۽ ناشڪري انسان لاءِ هن دنيا واري وقتي زندگي ۾ بہ ذلت ۽ خواري آهي ۽ قيامت واري ڏينهن ساڙيندڙ ۽ ڇچلائيندڙ عذاب هن جي انتظار ۾ آهي. يعني هن پنهنجي ماضي جي بدحالي سان پنهنجو حال ۽ مستقبل تباهہ ڪيو آهي. هي تنهنجي ان عمل ۽ ڪارروائيءَ جو نتيجو آهي، جنهن کي تو پنهنجن هٿن سان پاڻ اڳتي يعني اڄ جي ڏينهن لاءِ موڪليو هو. توکي تنهنجي محنت جو اجر (عذاب) ضرور ملندو، جنهن ۾ تنهنجو پنهنجو قصور آهي. چوندا آهن تہ ”هٿ وڍئي جو نہ دوا نہ درمل“ سو هاڻي تون ۽ تنهنجو عذاب هن دوزخ جي باهہ ۾ هميشہ لاءِ گڏ رهندا، هي تنهنجي اعمال جو نتيجو آهي، يقين ڪر تہ الله رب العالمين پنهنجن ٻانهن سان ظلم ۽ زيادتي نہ ڪندو آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّعْبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرْفٍ ۚ فَاِنْ اَصَابَهٗ خَيْرُ ِۨاطْمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَ
اِنْ اَصَابَتْهُ فِتْنَةُ ِۨانْقَلَبَ عَلٰى وَجْهِهٖ ۚ خَسِرَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةَ ؕ ذٰلِكَ
هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ۝۱۱ يَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَ مَا لَا

يَنْفَعُهٗ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ۚ﴿۱۲﴾ يَدْعُوْا لَمَنْ ضَرُّهٗۤ اَقْرَبُ مِنْ
نَّفْعِهٖ ؕ لَبِئْسَ الْمَوْلٰى وَ لَبِئْسَ الْعَشِيْرُ ﴿۱۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا
يُرِيْدُ ﴿۱۴﴾ مَنْ كَانَ يَظُنُّ اَنْ لَّنْ يَّنْصُرَهُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ
فَلْيَمْدُدْ بِسَبَبٍ اِلَى السَّمَآءِ ثُمَّ لْيَقْطَعْ فَلْيَنْظُرْ هَلْ يُذْهِبَنَّ كَيْدُهٗ مَا
يَغِيْظُ ﴿۱۵﴾ وَ كَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يُّرِيْدُ ﴿۱۶﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَادُوْا وَ الصّٰبِـِٕيْنَ وَ النَّصٰرٰى وَ الْمَجُوْسَ وَ
الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْۤا ۖۗ اِنَّ اللّٰهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۱۷﴾

ڪجھ اهڙا بہ ماڻھو آهن، جيڪي الله جي بندگي تہ ڪن ٿا پر ڄڻ ڪناري تي بيهي پوءِ، جيڪڏهن ڪجھ فائدو ٿيو تہ ان ڪان مطمئن ٿي ويا، پر جيڪڏهن ڪا آزمائش آئي تہ الٽي پير پنهنجي (ڪفرجي) حالت واپس آيا. اهي هن دنيا ۾ بہ نامراد ٿيا تہ آخرت ۾ بہ خساري ۾ رهيا. اهو ئي تہ کليو خسارو آهي. (11) هو الله ڪانسواءِ انهن کي ٻاڏائي ٿو، جيڪي ڪيس نفعو ڏئي سگهن ٿا نہ نقصان، اها ئي تہ سڀ ڪان وڏي گمراهي آهي.(12) هو انهن کي پڪارين ٿا، جن مان نفعي ڪان زياده نقصان آهي. سو هي ڪهڙو نہ برو ڪارساز آهي ۽ ڪيترو نہ برو هن جو رفيق آهي.(13) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم بہ ڪيا

**تہ اللہ ضرور انهن کي اهڙن باغن ۾ پهچائيندو، جن جي دامن ۾ نهرون وهنديون هونديون، اللہ مرضيءَ جو مالک آهي، جو گهري ٿو سو ڪري ٿو.(14) جنهن شخص کي هي گمان آهي تہ اللہ هن جي مدد دنيا ۾ آخرت ۾ هرگز ڪو نہ ڪندو تہ پوءِ هو پاڻ کي هن طرح ڦاسي ڏئي تہ رسي مٿي ڪنهن شيءِ سان ٻڌي پنهنجي گلي ۾ وجهي، پير زمين کان ڪٽي وٺي پوءِ ڏسي تہ هن جي تدبير هن جو غم ۽ غصو دور ڪيو يا نہ. اسان هن قرآن کي اهڙي طرح چٽن چٽن دليلن سان نازل ڪيو آهي، پر جنهن کي اللہ گهري يعني اللہ جو قانون مشيت گهري تہ اهو ئي هدايت حاصل ڪري سگهي ٿو.(16) جن ماڻهن ايمان آندو (يعني مسلمان) جيڪي يهودي ٿيا، جيڪي صابي آهن، جو نصاريٰ آهن، جو مجوسي آهن، جو مشرڪ آهن، قيامت جي ڏينهن اللہ انهن سڀني جي درميان فيصلو ڪندو (۽ سندن اعمال جي حقيقت معلوم ٿي ويندي.) (17)**

پوئين آيت ۾ ماڻهن جي اهڙي طبقي جو ذڪر ٿيو، جيڪي توحيدِ خداوندي ۽ احڪام رباني جو صريحًا انڪار ڪن ٿا ۽ ڪٽا ڪافر آهن، هت اهڙي گروهہ جو بيان آهي، جيڪي ايمان ۽ ڪفر ٻنهي جي آخري ڪناري تي بيٺل آهي، جڏهن ايمان آڻڻ دوران ڪين نفعو نصيب ٿئي ٿو تہ ايمان جو اظهار ڪن ٿا، پر جيڪڏهن ڪا آزمائش يا تڪليف ٿئي ٿي تہ ايمان جي صف مان نڪري ڪفر جي حلقي ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. هنن جي ايمان جي پرک دنياوي مفاد سان وابستہ آهي. هو دين اسلام ۽ ايمان کي پوري يقين سان قبول نٿا ڪن، پر دراصل هنن جو ايمان دنياوي نفعي نقصان تي دارومدار رکي ٿو. (النساء: 143/4) قرآن هر هنڌ واضح ڪيو آهي تہ ايمان اميد ۽ يقين آهي، جڏهن تہ ڪفر شڪ ۽ مايوسي آهي. هو بار بار زور ڏئي فرمائي ٿو تہ مايوس نہ ٿيو، اميد جو چراغ روشن رکو، جنهن سان ڪاميابيءَ جون راهون کلن ٿيون. مايوسي ۽ نااميدي سان راهون انڌيريون نظر اچن ٿيون. زندگي اميد آهي ۽ موت مايوسي آهي، جيئن اميد جي شمع روشن ڪئي تہ زندگي ۽

سعادت جي دائري ۾ اچي ويا، پر جڏهن اميد جي شمع اجهائي وئي ته موت ۽ ظلمت جي گهيري ۾ اچي ويا. اهڙن ماڻهن جي ايمان جو بنياد يقين تي ناهي، پر عارضي ۽ وقتي حالتن تي آهي. هن آيت ۾ زندگيءَ جي ڪيترين گمراهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. ماڻهو بظاهر خداپرستي ڪندي نظر اچي ٿو، گويا وڏو متقي پرهيزگار آهي، پر ٿوري آزمائش آئي ته خدا کان منهن موڙي ڪفر جي راهه اختيار ڪري وٺي ٿو ۽ هڪ الله بدران هر بت اڳيان سجده ريز ٿئي ٿو.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

اهڙا ماڻهو انسانن جي ڏوڪي جو سبب بڻجن ٿا، جيڪي ظاهر ۾ عبادت گذار آهن، پر اندر ۾ بت پرست آهن، اهڙا ماڻهو انسانيت جي ذلت جا ذميوار آهن. تڏهن ته رومي صاحب چيو.

اے بسا ابلیس آدم روئے ہست
پس بھر دستے نہ باید داد دست

ڪيترا ابليس آدم جو ويس ڍڪي اچن ٿا، ان ڪري هوشيار ٿجو هر هٿ تي هٿ رکي بيعت نه ڪجو.

اهڙا انسان الله عزو جل کانسواءِ اهڙين شين کي پنهنجي حاجت روائي، ڪاميابي ۽ ڪامراني لاءِ پڪاريندا آهن، جو اهي ڪين نه ڪو ئي نفعو ڏئي سگهن نه ڪجهه نقصان پهچائي سگهن. نه هنن جي هٿ ۾ ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جون واڳون آهن ۽ نه وري ناڪامي ۽ نامرادي جون راهون آهن. هو نه ڪنهن جي حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائي ڪري سگهن ٿا ۽ نه وري مصيبت ۽ مشڪلات پيدا ڪري سگهن ٿا. اها نهايت پرئين درجي جي گمراهي هوندي، جو انسان الله کي ڇڏي هنن بي حس، بي بس بتن جو شڪرگذار ٿئي. حاجت روائي، مشڪل ڪشائي، ڪاميابي، ڪامراني، ناڪامي، نامرادي، نفعي نقصان جو تعلق خدا سان تعلق جي معيار ۽ مقدار سان وابسته آهي ۽ ان

تي دارومدار رکي ٿو. ان کان دوري گمراهيءَ جي انتها تي پهچڻ آهي. درحقيقت اهڙا پليل ۽ پٺتيل انسان پنهنجي ڪم عقلي جي ڪري مضبوط ۽ محڪم سهارن کي ڇڏي، اهڙن ڪمزور ۽ محتاج وسيلن پنيان ڊوڙندا آهن ۽ انهن جي رضا ۽ سفارش لاءِ سندن آڏو عجز و نيزاري سان جهڪندا رهندا آهن. وٽائن ڪين ڪو نفعو حاصل ٿيڻ بدران سراپا نقصان ئي نقصان آهي. (سبا: 23/34) ڪيترا نه خراب ۽ بيڪار آهن، اهي بوتا جيڪي سندس ڪارساز، مددگار ۽ ساٿي آهن. اهڙا مولىٰ ۽ دوست ڪو نفعو ڏيڻ جي حيثيت ۾ ته نه آهن، ڇوته هو خود محتاج ۽ مجبور آهن، پر جيڪي ماڻهو اهڙين عاجز ۽ محتاج هستين کي حاجت روائي لاءِ پڪارين ٿا ته سندن اها حاجت ته پوري ڪا نه ٿيندي، پر الٽو سندن ايمان ۽ عقل جو ڏيوالو نڪري ويندو.

صحبت صالح ترا صالح ڪند

صحبت طالح ترا طالح ڪند

نيڪ جي صحبت نيڪ ۽ بامراد ڪري ٿي، پر بد جي صحبت بد ۽ نامراد بڻائي ٿي.

پر جيڪي ماڻهو ايمان جي دولت سان سرفراز ٿين ٿا ۽ سندن زندگي نيڪ عملن جي سائي ۾ گذري ٿي ته انهن جو الله وٽ وڏو مان مرتبو هوندو. هو الله جي رضا ۽ رحمت جون واڏايون وٺي رهيا هوندا ۽ انهن کي اهڙن سدا بهار باغن ۾ هميشه لاءِ رهڻ ڏنو ويندو، جن باغن کي آباد ۽ شاداب رکڻ لاءِ انهن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون، جيڪي ڪڏهن بہ خشڪ نه ٿينديون ۽ انهن باغن ۾ خزان ايندي ۽ نه وري هنن خوشنصيب ماڻهن کي ان کان محروم ڪيو ويندو. الله ته ڪل شيءِ جو مالڪ مختيار آهي، جنهن کي جيترو ڏئي، ان ۾ رڪاوٽ يا رنڊڪ وجهي نٿو سگهي. مؤمنن سان ڪيل وعدا وفا ٿين ٿا. جيڪو ماڻهو مايوسيءَ جو شڪار ٿئي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته الله تي ايمان آڻڻ ان تي ڀروسو ڪرڻ نه هن دنيا ۾ ڪم اچي ٿو ۽ نه آخرت ۾ ڪو فائدو ڏيندو. الله الله ڪرڻ ۽ ان کي پڪارڻ بي سود مشق آهي. هن جو خيال آهي ته اڪين آڏو وينل ديوين ديوتائن، بتن مورتين، رئيسن راجائن کي ڇڏي اڻ ڏٺي الله جي آسري رهڻ عقل جو ڏيوالو ڪڍڻ آهي.

نااميدي جي گهيري ۾ آيل، جنهن جي هٿن مان اميد ۽ يقين جون واڳون نڪري ويون آهن ۽ نااميدي ۽ شڪ گمان هن جي خيالن عقيدن سوچن ۽ افعالن ۾ جاءِ گزين آهي ۽ هو دنيا ۽ آخرت کان بلڪل نااميد ۽ مايوس ٿي پٽڪي ويو آهي. هو هاڻي زنده رهڻ جي خواهش ڇو ٿو رکي، هاڻي هن لاءِ رڳو هڪڙو رستو باقي آهي ته هو پنهنجي گلي ۾ ڦاسي جو ڦندو وجهي پنهنجو انت آڻي ڇڏي، ڇوته اميد زندگي ۽ مايوسي موت آهي. ان ڪري الله تعالىٰ جو فرمان آهي: "لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا" (الزمر: 53/39) ڏسي ته ڇا هن ڦاسيءَ ذريعي هن جا غم ۽ ڏک دور ٿي وڃن ٿا يا نه؟ انهيءَ ڪري اسان هي قرآن نازل ڪيو آهي، جيڪو حق ۽ باطل درميان تفريق ڪرڻ وارو انسانن کي گمراهيءَ جي ڪڏ مان ڪڍي، منزل مقصود تي پهچائڻ جو آخري نسخو آهي. جنهن کي سيني سان لڳائڻ ۽ ان مان نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان جو فرض آهي. الله به ان کي هدايت تي هلائي ٿو، جيڪو الله جي حڪمت جي پيروي ڪري ٿو ۽ الله جي مشيت هن کي ڪاميابي جي راهه تي لڳائي ڇڏي ٿي، يا جيڪو ماڻهو اختيار ۽ ارادي جو مالڪ جي حيثيت ۾ پاڻ ان جو ارادو ۽ تمنا نٿو ڪري. (العنڪبوت: 29/ 69، آل عمران: 3/ 194) حديث شريف ۾ آهي: "كِتَابُ اللّٰهِ هُوَ حَبْلُ اللّٰهِ الْمَمْدُوْدِ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ" يعني الله تعالىٰ جو ڪتاب (قران مجيد) الله جي رسي آهي، جنهن جو هڪ سرو الله تعالىٰ جي هٿ ۾ اهي ۽ ٻيو سرو مؤمن مسلمان جي هٿ ۾ آهي.

هاڻي هن حقيقت ڏانهن متوجه ڪيو وڃي ٿو ته هي دنيا دارالعمل آهي. هت جو ڪجهه انسان ڪري ٿو، نيڪ هجي يا بد هجي ان کي پنهنجي ايمان و عمل يا ضلالت ۽ گمراهيءَ مطابق دنيا ۽ آخرت ۾ نتيجو ملي ٿو. هن دنيا ۾ هن حقيقت جو فيصلو نه ٿيندو آهي، هت عمل جي اجازت ۽ ان جو اختيار آهي پوءِ جيڪو ماڻهو جو ڪجهه ڪري ٿو چڱو يا برو، ان جو نتيجو آخرت واري يوم قيامت ۾ ٿيڻو آهي ۽ ان موجب جزا ۽ سزا جو فيصلو صادر ٿيندو، ان ڪري مسلمانن کان علاوه انهن سيني مذهبي گروهن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ان وقت سرزمين عرب يا ان جي آس پاس موجود هئا. ان ڪري چيو ويو، جنهن ايمان آندو ۽ مسلمان ٿيو آهي يا يهودي، صابي، نصارىٰ، مجوسي ۽ مشرڪ آهن، جنهن مان هر هڪ حق تي هجڻ جي دعوىٰ ڪري ٿو، انهن جو قيامت ڏينهن الله فيصلو

كندو ۽ هر هڪ جي عمل ۽ عقيدي جو پتو پئجي ويندو. الله ڪان ڪا بہ ڳالھہ لڪل ناهي، سڀ ڪجھہ سندن نگاهہ ۾ آهي. يهودي ۽ عيسائين پاڻ کي الله جي دادلي اولاد سمجهن ٿا، يا مشرڪ، مجوسي ۽ صابئي ٽولا پاڻ کي حق تي سمجهن ٿا، قيامت ڏينهن الله ان جي درميان فيصلو ڪندو تہ ڪير ڪيتري پاڻي ۾ آهي. يا ائين سمجهو تہ انساني وحدت ۽ قانون جي يڪسان فهم و فراست ۽ عمل ۾ وڏي رڪاوٽ مذهبي گروهہ بنديون آهن، جنهن جي ڪري اکين تي تعصب جا پرده چڙهي ويندا آهن ۽ پوءِ حق ۽ سچائي جي هزارها دليلن ۽ برهانن باوجود صحيح رستي طرف رجوع نٿو ڪري "فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ" (المؤمنون: 23/ 53) پر پاڻ ڪانسواءِ بين سيني کي گمراهہ سمجهي پنهنجي هڪ سر جي الڳ مسجد جوڙي ٿو. پلي مسلمان هجي يا يهودي، عيسائي، صابئي، مجوسي يا مشرڪ، الله وٽ فيصلي وقت درست ۽ غلط ظاهر ٿي ويندو. (الانعام: 136/6، هود: 121/11، الحج: 22/56-55)

درين ورطہ گم گشت ڪشتئ هزار
کہ پيدا نہ شد تخت اش بر کنار

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ وَالشَّمْسُ
وَالْقَمَرُ وَالنُّجُوْمُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَاۗبُّ وَكَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ ۭ
وَكَثِيْرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ۭ وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ۭ اِنَّ
اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يَشَاۗءُ ۱۸ۭ۩ هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ ۡ فَالَّذِيْنَ السجدۃ ١٤
كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ۭ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ
الْحَمِيْمُ ۱۹ۚ يُصْهَرُ بِهٖ مَا فِيْ بُطُوْنِهِمْ وَالْجُلُوْدُ ۲۰ۭ وَلَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ

حَدِيْدٍ ﴿٢١﴾ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِيْدُوْا فِيْهَا ۖ وَ
ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٢٢﴾ ع ٢ ١٢ ٩

چا توهان نٿا ڏسو تہ جو ڪوئي بہ (مخلوق) آسمان ۾ آهي ۽ زمين تي آهي، سج چنڊ ستارا پهاڙ درخت چوپايا سڀ جا سڀ الله جي آڏو سر بسجود آهن ۽ ڪيترا انسان پڻ، پر انسانن مان ڪجھ اهڙا بہ انسان آهن، جن تي عذاب اچڻ ثابت ٿي چڪو آهي. جنهن بہ شخص لاءِ مشيت ايزدي جو قانون (سندس ڪارنامن سبب) ذلت ۾ رهڻ جو فيصلو ڪري تہ ان کي ڪا بہ طاقت عزت ڏئي نٿي سگهي. الله جو گهري ٿو سندس مشيت مطابق اهو ٿئي ٿو.(18) ڏسو هي بہ گروھ هڪ ٻئي جي مخالف آهن، جيڪي پنهنجي پروردگار بابت هڪ ٻئي خلاف نظريا رکن ٿا. انهن مان جنهن بہ ڪفر جو رستو اختيار ڪيو، انهن لاءِ باھ جي پوشاڪ ٺاهي ويندي ۽ انهن جي مٿي مٿان گرم پاڻي وڌو ويندو.(19) جنهن جي ڪري هنن جي پيٽ ۾ جو ڪجھ آهي ۽ چمڙي سڙي ڳري ويندي.(20) هنن جي سرڪوبيءَ لاءِ لوھ جا هٿوڙا هوندا.(21) جڏهن هو هن عذاب کان ڀڄڻ جي ڪندا تہ ڪين وري ان ۾ موٽائي وڌو ويندو. ڀڄو ڇو ٿا هن ساڙيندڙ عذاب جو ڪجھ مزو تہ چکي وٺو.(22)

قرآن جي تعليمات مان اها حقيقت عيان ۽ ثابت آهي تہ هن ڪائنات جي سموري مخلوق الله تعالىٰ جي حڪمن ۽ قانونن آڏو جهڪيل آهي. آسماني اجرام (شيون) وڻ ٽڻ، پٿر پهاڙ، بحر ۽ تمام اشيا عالم ۾ ننڍي مان ننڍي يا وڏي مان وڏي اهڙي ڪابہ شيءِ ناهي، جو خدا جي قانون ۽ حڪم کان ٻاهر هجي ۽ وري ڪارخانہ هستي ۽ حيات مان ڪا شيءِ اهڙي ناهي جو ان کان ٻاهر هجي. (الرعد: 13/ 15، النمل: 16/ 49-48) جڏهن ڪائنات

جي هر شيءِ لاءِ حدود ۽ قيود آهن، اهڙي طرح انسان لاءِ بہ ضابطه حيات آهي. فرق صرف ايترو آهي تہ انسان کان علاوه باقي تمام شُيونِ عالم، سج، چنڊ، ڌرتي، حجر شجر، بر و بحر، خشڪ و تر سڀ جا سڀ هڪ طبعي قانونِ تقدير يعني مقرر ڪيل طريقي ڪار تي عمل پيرا آهن، جنهن کان هو وار برابر بہ سرتابي ڪري نٿا سگهن ۽ نہ وري پنهنجي مرضي منشا جو سوچي بہ سگهن ٿا. انسان بہ قوانينِ حڪم خداوندي جي تعميل جو پابند آهي، جنهن کان هٽڻ ۾ ناڪامي ۽ عمل ڪرڻ سان ڪاميابيءَ جون راهون کلن ٿيون. انسان کي ارادي ۽ اختيار جو مالڪ بڻايو ويو آهي. سمجهہ، فهم ۽ فراست سان نوازيو ويو آهي. حق ۽ ناحق، سچ ۽ باطل، نفعي ۽ نقصان پرکڻ لاءِ ڪيس فطرت ۾ بہ اهي صلاحيتون رکيون ويون آهن ۽ وحي الاهي ذريعي هن جي رهبري ۽ رهنمائي جو مڪمل اهتمام آهي. زندگي جي آزمائش ۽ امتحانن ۾ ڪامياب ٿي، راهہ حق اختيار ڪري يا ناڪام ٿي، شيطان جي راهہ تي هلي. اهڙو اختيار باقي ڪنهن مخلوق کي ناهي، پر انسان کي آهي. جنهن کي هن ڪائنات جو ماحصل ۽ مرڪزي مرتبو حاصل آهي. جيڪو هن پوري ڪارخانہ تخليق ۽ تڪميل جو آخري ۽ بهترين مظهر آهي. جنهن جي خدمت لاءِ باقي تمام اشياءِ عالم هڪ پختہ ۽ مضبوط ۽ مربوط نظام هيٺ ڪار فرما آهن. پر انسان کي چڱي، بري، سچ، ڪوڙ، حق، ناحق، جائز، ناجائز جي تميز ڪري ڦوڪي ڦوڪي قدم کڻڻو آهي. هن آيت شريف جي مفهوم مطابق غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان کي باقي تمام مخلوقات جي صف کان قانونِ خداونديءَ جو پابند رهڻ لاءِ الڳ نہ ڪيو آهي. پر چيو ويو آهي تہ اطاعت ۽ فرمانبرداري بجا آوري لاءِ الشمس، القمر، النجوم، الشجر، الحجر، النباتات، الجمادات، الدواب والناس کي اطاعت الاهي جو هڪ جهڙو پابند بنايو آهي، جهڙي طرح تمام مخلوقات قوانين فطرت مطابق پنهنجي ڪارڪردگي ۽ فرض ادائگي ڪري رهي آهي، انسان کي بہ بلا چون و چرا حيل حجت اهڙي طرح سر نگون ٿي اطاعت جو فريضو ادا ڪرڻو آهي. پر انسان کي رڳو اختيار ۽ ارادي ۽ اجازت جي بين تي فوقيت آهي. (فاطر: 35 89/، الفجر: 89/ 8 کان 16)

قيامت جي ڏينهن سڀ پردا کڄي ويندا "وَ كَثِيْرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ؕ وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ" ڏسڻ ۾ تہ دنيا اندر ڪيترائي مذهب ۽ مسلڪ آهن، ڏسڻ ۾ هڪبئي جا

مخالف نظر اچن ٿا ۽ هر هڪ مذهب پاڻ کي درست سمجهي ٿو، پر چڱيءَ طرح غور ڪجي ته انساني گروهه صرف ٻه آهن: (1) هڪ اهو گروهه جو الله جي وحدت ۽ يوم آخرت تي دل جي يقين سان ويساهه رکي ٿو. (2) ٻيو اهو گروهه آهي، جيڪو ان سچائيءَ جو انڪار ڪري ٿو. يعني اطاعت گذار ۽ فرمانبردار يا گمراهه ۽ نافرمان ٽولو. اسلام هڪ دين آهي ۽ ٻيا سمورا دين ۽ مذهب به ان جي مخالفت ۽ معاندت ۾ سڀ هڪ آهن "لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ" ۾ به انهن ٻن نظرين جي ڪشمش جو ذڪر آهي. يعني هڪ الله جي جماعت ۽ ٻي الله کي نه مڃڻ واري جماعت. جيڪو گروهه خدا ۽ ان جي حڪمن جي صداقت ۽ اطاعت جو انڪاري آهي، ان جو انجام تباهي ۽ برباديءَ کانسواءِ ڪجهه ناهي. اهو عذاب جنهن جا شعلا ڀڙڪا ڏئي رهيا آهن. انهن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي تهس نهس ڪري ڇڏيندو. "نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۝ الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ۝" (الهُمَزه: 104-6-7) اها باهه الله طرفان ٻاريل هوندي، جنهن جا شعلا ۽ اُلا دلين تائين پهچندا ۽ ان جي شخصيت ۽ ذات ٽڪرا ٽڪرا ريزه ريزه ڪري ڇڏيندا. هن وقت انا، آڪڙ، تڪبر ۽ غرور ۾ هو ڪنڌ مٿي ڪري هلي رهيو آهي، عذاب جي شدت ان کي جهڪائي ڇڏيندي. اعتقاد ۽ عقيدي مذهب ۽ مسلڪ جا پلي ڪيترائي ديني دعوىٰ ڪندڙ هجن، فقط ٻه راهون ۽ رستا آهن، جيڪي جدا جدا ٻن منزلن تي ختم ٿين ٿا: هڪ منڪر آهن ۽ ته ٻيو مؤمن، هڪ مايوس، نااميد ۽ بدعملي جو شڪار آهن ته ٻيا ايمان، اميد ۽ نيڪ عمل وارا، هڪ پنهنجن ڪرتوتن سبب عذاب جا مستحق آهن ته ٻيا نعمتن ۽ سرور جا خواهشمند. هنن ٻن گروپن کي "خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ" جي الفاظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

جن ماڻهن پنهنجي لاءِ عذاب جو انتخاب ڪيو هوندو، انهن کي اهو عذاب ڪثرت سان مهيا ڪيو ويندو، هن عذاب جي حرارت ۽ شدت سبب هنن جي پيٽ ۾ جو ڪجهه آهي، اهو ڳري سڙي ويندو ۽ اهڙي طرح سندن چمڙي به تپش کان جهلسي سڙي سڪي ويندي ۽ انهن جي ان سر کي جيڪو آڪڙ ۽ تڪبر ڪري مٿي رهندو هو، ان جي لوهه جي هٿوڙن سان سرڪوبي ڪئي ويندي. هي هنن جي غرور، سرڪشي ۽ نافرمانيءَ جو بدلو هوندو، جيڪو مڪافات عمل موجب هنن بدبخت انسانن لاءِ تيار هوندو. رڳو جهنم ۾ داخل ٿيڻ جي دير هوندي، پر جيئن جهنم ۾ دخول ٿيندو ته عذاب جا اهي انوڪا

طريقا استعمال ٿيڻ ۽ بروءِ ڪار اچڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا. اهو ان ڪري هوندو تہ هن وقت پنهنجي ظلم و زيادتي واري روش کان دليل ۽ برهان ذريعي واپس اچڻ ۽ سڌرڻ وارا ناهن. (الحديد: 57/25، الانبياءِ: 39/21) هن شديد عذاب جي شدت کان بي قرار ٿي ٻاهر نڪرڻ ۽ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا تہ هر ڀيري کين پڪڙي وري عذاب ۾ اڇلايو ويندو، هنن کي چيو ويندو تہ هن عذاب کان ڀڄڻ جي چو ٿا ڪريو، هي ٻاهہ تہ توهان پاڻ سان گڏ کنيو آيا هئا، جيڪا اوهان جي ڪمايل موڙيءَ جو نتيجو آهي، اسان رڳو اوهان جي حوالي ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي ٻاريل ٻاهہ ۾ رهي ان جو مزو حاصل ڪريو ۽ مزو چکو.

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ لُؤْلُؤًا ؕ وَ لِبَاسُهُمْ فِيْهَا
حَرِيْرٌ ﴿۲۳﴾ وَ هُدُوْۤا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَ هُدُوْۤا اِلٰى صِرَاطِ الْحَمِيْدِ ﴿۲۴﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِيْ
جَعَلْنٰهُ لِلنَّاسِ سَوَآءَ ۨ الْعَاكِفُ فِيْهِ وَ الْبَادِ ؕ وَ مَنْ يُّرِدْ فِيْهِ بِاِلْحَادٍۭ
بِظُلْمٍ نُّذِقْهُ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۵﴾ ع ٣ ١٠

پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي دامن ۾ نهرون وهندڙ هونديون. انهن کي سون ۽ موتيءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ سندن لباس ريشم هوندو.(23) انهن کي طيب ۽ پاڪيزه گفتگو جي رهنمائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي اهڙي رستي تي گامزن ڪيو ويو جو قابل ستائش آهي.(24) يقيناً جن ڪفر جو انتخاب ڪيو آهي ۽ ماڻهن کي خدا جي راهہ اختيار ڪرڻ کان روڪيو ۽ مسجد الحرام جنهن کي اسان سڀ

**ماڻهن لاءِ يڪسان عبادتگاهه قرار ڏنو آهي، خواهه اهي (عبادت لاءِ ايندڙ) اتان جا رهڻ وارا هجن، يا ٻاهر کان اچڻ وارا آهن ۽ هر ان ماڻهو لاءِ جو هن ۾ ظلم اختيار ڪندي حق کان منحرف ٿيڻ گهري، انهن کي درد ناڪ عذاب جو مزو ڏسڻو پوندو. (25)**

پر ٻيو گروهه، جنهن خدا جي حڪمن جي دل و جان سان تعميل ۽ تعظيم ڪئي ۽ ايمان جي دولت سان سرمايو ساڻ ڪٺي، نيڪ عمل جو نج واپار ڪيو ۽ نيڪ عملن جو اثاثو ڪنو ڪيو، انهن لاءِ جنت جا سدا بهار، شاداب ۽ آباد باغ سڪونت لاءِ حاضر هوندا، انهن باغن کي سرسبز ۽ تازا توانا رکڻ لاءِ سندس دامن ۾ نهرون وهنديون رهنديون ۽ ڪڏهن به خشڪ نه ٿينديون. هنن کي ٻاهه جي شعلن بدران سون جا ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا ۽ هنن کي ٻاهه واري لباس بدران ريشمي پوشاڪ پهرائي ويندي. هنن جي اتي نهايت پاڪيزه ۽ صاف ستري گفتگو لاءِ رهنمائي ڪئي ويندي. هنن تي الله پاران به سلامتيءَ جا سلام موڪليا ويندا. "سَلٰمٌ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ" هي خوشبخت انسان به اهڙائي سلامتي ۽ خيروعافيت جا سلام ۽ ڪلام ڪندا رهندا. "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ هَدٰىنَا لِهٰذَا" ڪو لغو ۽ بي هودو جملو يا لفظ هنن جي زبان کان نه ٻڌبو. پر هميشه خوش مرحبائيءَ جا پيغام ايندا رهندا ۽ هنن کي اهڙي راهه تي هلايو ويندو، جيڪا راهه قابل ستائش هوندي. سلامتي ۽ امن واري هوندي. ڪجي ڪمي، ٽيڙي ڦيڙي، هيٺ مٿي جي عيبن کان پاڪ صراط مستقم هوندي. (فاطر: 33/35) "فَرَوۡحٌ وَّ رَيۡحَانٌ وَّ جَنَّتُ نَعِيۡمٍ ○" (الواقعه: 56/ 89)

هتان 2 رڪوع مناسڪِ حج جي باري ۾ آهن، جن ۾ قرباني ڪرڻ جو ذڪر آهي. اهو ساڳيو بيان سورة البقره: 2/ رڪوع 24 ۽ 25 ۾ به مناسڪ حج جو تذڪرو آيو آهي، پر ان ۾ قربانيءَ جو ذڪر نه آهي، رڳو وقت کان اڳ مٿو ڪوڙائڻ جي صورت ۾ ڪفاري طور جانور ذبح ڪرڻو آهي. هتان سلسلو بيان ڪفار مڪ طرف تي ويو آهي ته جن ماڻهن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي، الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ تي ايمان آڻڻ ۽ انهن کي پنهنجي پروردگار ۽ خدا جو رسول تسليم نٿا ڪن، اهي رڳو پنهنجي هن ڪفر تي اڪتفا نٿا ڪن پر ظلم ۽ تشدد ڪري رهيا آهن، اهي خدا جي راهه تي هلڻ کان ماڻهن کي طاقت

۽ ڏاڍ جي زور تي روڪين ۽ ماڻهن کي مسجد حرام ۾ اچڻ کان رڪاوٽون وجهن ٿا. هو دراصل ڪعبة الله جا خادم ۽ ڪليد بردار آهن، پر پاڻ کي مالڪ سمجهڻ لڳا آهن. هن گهر تي ڪنهن هڪ قوم، فرد يا گروهه جي اجاره داري نہ آهي. هر شخص جو الله جي عبادت ۽ حج عمري لاءِ هن گهر جو قصد ڪري ٿو، اهو قريش هجي، يا غير قريش، عربي هجي يا عجمي، شرقي هجي يا غربي، ڪارو هجي يا گورو، ان کي روڪڻ جو ڪنهن کي حق ناهي. مقيم ۽ آفاقي جا حق هن ۾ برابر آهن. جهڙي طرح هن گهر ڏانهن اچڻ جا حق هر مسلمان کي آهن، اهڙي طرح هنن تي عائد ٿيندڙ فرائض بہ لازمي آهن. حرم جي حفاظت، توقير ۽ تطهير قائم رکڻ تمام مسلمانن تي لازم آهي تہ جيئن ڪو بدطينت هن محترم گهر جي بي توقيري جي جسارت نہ ڪري سگهي. هن گهر جي حفاظت کان ڪو روڪي تہ ان خلاف اعلان جنگ فرض ٿيو وڃي. هن جي حفاظت، حرمت، عزت ۽ عصمت جي ذميداري رڳو اهل مڪه لاءِ نہ آهي، پر تمام مسلمانن جي اجتماعي ذميواري آهي. هي ڪنهن هڪ حڪومت جي ميراث نہ آهي، پر تمام مسلمانن جو يڪسان مرڪز آهي. حرم امت مسلمہ جي دل آهي، هن جي نگهداشت ۾ بہ سڀ مسلمان برابر آهن تہ هن کي هر گذرندڙ کان بچائڻ لاءِ بہ سڀ جا سڀ ذميدار آهن.

ایک ہوں مسلم حرم کی پاسبانی کے لئے
نیل کے ساحل سے لیکر تا بہ حد کاشغر

* * *

دنیا کے بتکدوں میں پہلا وہ گھر خدا کا
ہم پاسبان ہیں اس کے وہ پاسبان ہمارا

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪعبة الله جي عالمگير حيثيت ۽ بين الاقوامي مرڪز جي اهميت کان ڪير انڪار ڪندو؟ (آل عمران: 96-97/3) جيڪو بہ خر دماغ ماڻهو هن گهر کان روڪي يا هن گهر کي شرڪ ڪفر جهڙين غلاظتن ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ڪندو، يا ظالمانا طور

طريقي سان ڪجي ڪمي ۽ انحراف ڪندو تہ اسان ان کي سخت عذاب جو مزو
چکائينداسون، جنهن لاءِ "اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصۡحٰبِ الۡفِيۡلِ" جو مثال موجود آهي.

وَ اِذۡ بَوَّاۡنَا لِاِبۡرٰهِيۡمَ مَكَانَ الۡبَيۡتِ اَنۡ لَّا تُشۡرِكۡ بِىۡ شَيۡـًٔا وَّ طَهِّرۡ
بَيۡتِىَ لِلطَّآئِفِيۡنَ وَ الۡقَآئِمِيۡنَ وَ الرُّكَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿٢٦﴾ وَ اَذِّنۡ فِى النَّاسِ
بِالۡحَجِّ يَاۡتُوۡكَ رِجَالًا وَّ عَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاۡتِيۡنَ مِنۡ كُلِّ فَجٍّ
عَمِيۡقٍ ۙ﴿٢٧﴾ لِّيَشۡهَدُوۡا مَنَافِعَ لَهُمۡ وَ يَذۡكُرُوا اسۡمَ اللّٰهِ فِىۡۤ اَيَّامٍ
مَّعۡلُوۡمٰتٍ عَلٰى مَا رَزَقَهُمۡ مِّنۡۢ بَهِيۡمَةِ الۡاَنۡعَامِ ۚ فَكُلُوۡا مِنۡهَا وَ اَطۡعِمُوا
الۡبَآئِسَ الۡفَقِيۡرَ ﴿٢٨﴾ ثُمَّ لۡيَقۡضُوۡا تَفَثَهُمۡ وَ لۡيُوۡفُوۡا نُذُوۡرَهُمۡ وَ لۡيَطَّوَّفُوۡا
بِالۡبَيۡتِ الۡعَتِيۡقِ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ ۗ وَ مَنۡ يُّعَظِّمۡ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيۡرٌ لَّهٗ عِنۡدَ
رَبِّهٖ ؕ وَ اُحِلَّتۡ لَـكُمُ الۡاَنۡعَامُ اِلَّا مَا يُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ فَاجۡتَنِبُوا الرِّجۡسَ مِنَ
الۡاَوۡثَانِ وَ اجۡتَنِبُوۡا قَوۡلَ الزُّوۡرِ ۙ﴿٣٠﴾ حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيۡرَ مُشۡرِكِيۡنَ بِهٖ ؕ وَ مَنۡ
يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخۡطَفُهُ الطَّيۡرُ اَوۡ تَهۡوِىۡ بِهِ
الرِّيۡحُ فِىۡ مَكَانٍ سَحِيۡقٍ ﴿٣١﴾ ذٰلِكَ ۗ وَ مَنۡ يُّعَظِّمۡ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنۡ
تَقۡوَى الۡقُلُوۡبِ ﴿٣٢﴾ لَـكُمۡ فِيۡهَا مَنَافِعُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ مَحِلُّهَاۤ اِلَى
الۡبَيۡتِ الۡعَتِيۡقِ ﴿٣٣﴾ ع

ع ٤ ٨ ١١

۽ جڏهن اسان ابراهيم ﷺ لاءِ بيت الله جي جڳهه مقرر ڪري ڇڏي ۽ حڪم ڏنو سون تہ مون سان ڪنهن ڪي شريڪ نہ ڪيو وجي ۽ منهنجو هي گهر انهن ماڻهن لاءِ پاڪ صاف رک، جيڪي طواف ڪرڻ وارا هجن، عبادت ۾ سرگرم رهڻ وارا هجن، رڪوع ۽ سجود ۾ جهڪڻ وارا هجن. (26) ۽ چيو هو تہ ماڻهن کي حج ڪرڻ لاءِ اعلان ڪري پڪاريو، ماڻهو تو ڏانهن (هت) دور دراز علائقن کان پيدل يا قسم قسم جي سوارين ذريعي ايندا رهندا، جيڪي سفر جي مشقت ڪري ٿڪل هوندا. (27) اهي ان لاءِ ايندا تہ پنهنجي فائدي حاصل ڪرڻ واري هنڌ تي پهچن ۽ اسان جيڪي پالتو جانور (چوپايا) هنن کي عطا ڪيا آهن، انهن جي قرباني ڪن، مقرر ڏينهن ۾ الله جو ذڪر ڪن. پوءِ قربانيءَ جو گوشت خود بہ کائو ۽ بکين فقيرن کي بہ کاريو. قرباني ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجو مير گند صاف ڪن (يعني احرام کان آجا ٿين) ۽ پنهنجا نذر پورا ڪن ۽ ان قديم گهر جو طواف ڪن. (29) هي آهي مطلوب مقصد، جو شخص ادب جي هنن شين جي جيڪي خدا مقرر ڪيون آهن، انهن جي عظمت جو خيال رکي تہ اهو طريقو پروردگار وٽ هن جي حق ۾ بهتر آهي. ۽ حلال ڪيا ويا آهن، سڀ چوپايا اوهان جي لاءِ سواءِ انهن (چوپاين) جي، جن جو حڪم قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي. پوءِ اوهان کي بتن جي خباثت (ناپاڪي) کان بچڻ گهرجي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچو. (30) صرف الله جا ٿي ٿي وجو. هن سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪريو، جو شخص ڪنهن کي بہ الله سان شريڪ ڪندو تہ ائين سمجهو جيئن ڪو آسمان طرفان ڪري پوي، ان کي پرندا (پکي) جهپي وٺن يا هوا ڪنهن ڏورانهين هنڌ ڪيس اڏاري اڇلائي ڇڏي. (31) حقيقت حال اها آهي تہ جنهن شخص بہ شعائر الله يعني الله جي نشانين جي عظمت رکي تہ گويا هن اهڙو عمل ڪيو، جيڪو يقينًا دلين جي تقوىٰ جو آهي. (32) هنن

**چوپاين جانورن ۾ هڪ مقرر وقت تائين توهان لاءِ طرح طرح جا فائدا آهن، پوءِ کين بيت الله پهچائي انهن جي قرباني ڪرڻي آهي.(33)**

ياد ڪريو تہ جڏهن اسان ابراهيم ﷺ لاءِ خانه ڪعبه جي تقرر جو حڪم ڏنو (البقره: 125/2 کان 130، آل عمران: 3/ 79-78) تہ مون سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجو ۽ منهنجي هن گهر کي انهن لاءِ پاڪ صاف رکجو، جيڪي طواف ڪرڻ وارا، عبادت ۾ سرگرم رهڻ وارا، رڪوع ۽ سجدي ڪرڻ وارا، جهڪڻ وارا آهن ۽ عجز و نيزاريءَ سان مون رب جي اطاعت ڪري قربت حاصل ڪرڻ وارا آهن. ۽ اهو بہ حڪم ڪيو هيوسون تہ هن گهر جو حج ڪرڻ ۽ ان جون بيشمار برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي آواز اعلان ڪر تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هن گهر جي زيارت ڪرڻ واسطي تو ڏانهن پنڌ پيادا، يا هر طرح جي سوارين ذريعي جيڪي هن وڏي سفر جي مشقت سبب ٿڪل ۽ ڏٻرا نظر ايندا، اهي ڪشان ڪشان ڊوڙندا دڪندا پنهنجي سوارين تي هدي خوان وانگر تيز تر ڪندا، ان مقصد ۽ منزل ماڻڻ لاءِ ايندا تہ پنهنجي فائدي حاصل ڪرڻ واري جڳهہ تي جلد از جلد پهچي وڃون ۽ قرباني لاءِ مقرر ڏينهن 10-11-12 ذوالحج تي پنهنجن جانورن جي قرباني پيش ڪري پاڻ بہ کائجي، بکين فقيرن کي بہ کارائجي. خداوند ڪريم جو نانءُ وني ان جو ذڪر اذڪار ڪريو. اهي ايام 10 ذوالحج يوم نحر ۽ ٽي ڏينهن بعد جا آهن. ڪو ائين نہ سمجهي تہ هي خدا جي راهہ ۾ قرباني آهي، ان کي ڪو استعمال ڪري نٿو سگهي. طواف يعني بيت الله جي چوگرد ست چڪر ڏئي پنهنجي عقيدت، محبت ۽ محترم مقام جي اهميت جو عملي اظهار ڪريو ۽ رڪوع ۽ سجود ڪري نماز جون نعمتون ۽ برڪتون حاصل ڪريو. حرم کي پاڪ صاف رکڻ مان قريش کي اهو ٻڌائڻ مقصود آهي تہ الله تعالىٰ هن وڏي عظمت، برڪت ۽ شان واري گهر کي لهو و لعب، شرڪ، بت پرستي ۽ سمورين ظاهري ۽ باطني نجاستن کان پاڪ رکيو آهي. پر ڏسو تہ قريشِ مڪه الله جي توحيدي مرڪز کي بت خانو بنائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ 360 ڪن بت رکيا ويا آهن ۽ الله کي وساري انهن بتن جي پوڄا ۽ پرستش ٿي رهي آهي.

هت ابراهيم ﷺ کي اها بشارت بہ ڏني ٿي وڃي تہ ماڻهن جا هجوم، ذوق و

شوق سان زيارت جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين ۽ جنهن الله کين هن گهر جي زيارت جو شرف بخشيو آهي ۽ پنهنجي فضل سان جانور مهيا ڪيا آهن، ته پوءِ ٻانهو به ان کي نذر پيش ڪري ٻانهپ جو اظهار ڪري. سورة المائده: 2/5 ۾ حج ڪندڙن کي ”محترم“ سڏيو ويو آهي. ”وَلَآ آٰمِّيۡنَ الۡبَيۡتَ الۡحَرَامَ“ قرباني ڪرڻ بعد پنهنجو ميل مر صاف ڪن ۽ پنهنجي نذر پيش ڪرڻ بعد بيت الله جي گرد ست ڦيرا ڏئي، طواف ڪري پنهنجي والهانا عشق ۽ عقيدت جو اظهار ڪن. ياد رهي ته طواف جون برڪتون رڳو بيت الله وٽ حاصل ٿي سگهن ٿيون، باقي نماز، نوافل ۽ سجدن لاءِ خدا جي پوري زمين موجود آهي. بيت الله کي عبرت جي نگاهن سان ڏسڻ ۽ ان جي عظمت جو تصور دل ۾ آڻڻ به اتي جي عبادت آهي. بين الاقوامي مرڪز تي عالمگير اجتماع ملت اسلامي جي تمام ملڪن ۽ قومن جي مشاورت ۽ سندس اتحاد اتفاق کي مضبوط رکڻ ۽ نوع انساني جي مسئلن جو حل ڳولڻ آهي ته جيئن ملي زندگي جون تمام ڪثافتون ۽ مير گند صاف ڪري، مهذب ۽ خوشحال معاشري جو قيام ڪجي. هن مان پوري امت فائدا به حاصل ڪري ۽ هن مرڪز جي نگهباني ۽ پاسباني به ڪندي رهي. جيڪو شخص خدا جي حرمت جو خيال رکندي، وڏل پابندين جو احترام ۽ ان جي عظمت جو اعتراف ڪري ٿو ته پوءِ خدا جو هي قانون ان لاءِ فائدي، فلاح ۽ بهبود جون راهون کولي ڇڏي ٿو. ”وَمَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا ○ وَّيَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ“ (الطلاق: 2-3/65) ڪاڏي پيتي جي سلسلي ۾ قرباني لاءِ اهي جانور ذبح ڪبا، جيڪي اوهان لاءِ قرآن ۾ حلال ڪيا ويا آهن. جانورن بابت مشرڪن جا خيال ۽ وهم بي بنياد آهن. (المائده: 103/5) انهن جانورن کان به پرهيز ڪبي، جن کان منع ٿيل آهي. (المائده 5/3) اهي توهان لاءِ حرام آهن.

بتن جي خباثت ۽ پليديءَ کان پاڻ کي بچائيندا رهو ۽ ڪوڙ هڻڻ کان پاڻ کي محفوظ ڪريو. ڪوڙي ماڻهو تي خدا جي لعنت ۽ ڦٽڪار آهي. معاشري ۾ به ان کي ناپسند ڪيو وڃي ٿو، خباثت ۽ پليدي ظاهري هجي يا باطني، هر حال ۾ هاجيڪار آهي ۽ انسان جي ذات جي ترقي لاءِ رڪاوٽ جو ڪارڻ آهي. ”وَثِيَابَكَ فَطَهِّرۡ ○ وَالرُّجۡزَ فَاهۡجُرۡ ○“ (المدثر: 4-5/74) ”فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوۡقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الۡحَجِّ ؕ“ (البقره: 2/ 197) زندگي جي صحيح روش اها آهي ته انسان هر طرف کان خيال هٽائي، پنهنجي نگاهه ۽ سوچ جو

مرڪز صرف الله ذوالجلال جي ذات گرامي طرف هجي، صرف ان جو مطلوب هجي ۽ رڳو ان جي حڪمن جي پاسداري ۽ تابعداري ڪجي. هن ۾ ٻئي ڪنهن جو تصور به دل ۽ ذهن ۾ نه اچڻ گهرجي. "وَ اذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ○" (المزمل: 8/73) "اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا" (حٰم السجده: 30/41، الم نشرح: 8/94-7)

اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون
اڪيون عبداللطيف چئي ماڳ نه مٽائين
جي ٻيو در واجهائين ته ڪڍي ڪانگن کي ڏيان،

* * *

نوري جت لڳوم اتي ايوئي آهيان

(شاهه لطيف ﷫)

خدا جي وحدانيت جو اقرار انسان جي عظمت جو اظهار آهي، ان سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ يا سندس مد مقابل بنائڻ انسان جي زوال جو مثال آهي ۽ ان جي تنزل جو مثال ائين آهي ته ڪو بلنديءَ کان اچانڪ هيٺ ڪري پيو ۽ پوءِ زمين تي اچڻ کان اڳ ڪنهن پرندي ڪيس جهٽي ورتو يا ائين سمجهو ته هوا جي جهوٽي ڪيس ڪنهن دور دراز ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو. يعني هو بي بس ۽ بي اختيار هوندو، ڪيس باز، عقاب يا ڪرگس (ڳجهه) ڪيس رستي ۾ جهٽي وٺن ۽ ان جو ماس ٽڪرا ٽڪرا ڪري کائي وڃن يا هو ذلت ۽ خواري واري ڪنڊ ۾ ڪري ذليل ۽ خوار ٿي وڃي. مطلب ته الله سان شرڪ ڪرڻ وارو گويا خدا جي خدائي، اقتدار ۽ اختيار ۾ ٻئي کي شريڪ ڪري، خدا کي جنگ جو چئلينج ڏئي ٿو. پوءِ ان چئلينج جي مقابلي ۾ هن جو جيڪو حال ٿئي ٿو، سو عبرت ۽ حيرت جو نشان بڻجي وڃي ٿو. اهو انجام هوندو آهي خداوند کي ڇڏي، غير الله آڏو جهڪڻ جو. پر هن جي برعڪس ڪو شخص شعائر الله يعني الله جي نشان ڪيل شين جي عظمت ۽ عزت جو احترام ۽ تعظيم ڪري ٿو ته گويا هن اهڙو عمل ڪيو آهي، جيڪو در حقيقت دلين جي تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ مان آهي. (ابراهيم: 27/14) ۽ هن جي دل ۾ خدا جي حڪمن جي نگهداشت جو احساس ۽ احترام موجود آهي. هنن شعائر جي تعظيم

جيڪڏهن مقصود بالذات بڻجي وڃي يا رڳو رسمي طور ادا ٿئي ته ان صورت ۾ انسان دين جي اصل حقيقت ۽ روح کان پري ٿي ويو آهي. لفظ "شَعَآئِرُ" جو واحد "شَعِيْرَةٌ" آهي. "شعور" به ان مادي مان آهي. هن مفهوم ۾ هر اها شيءِ "شعائر الله" مان آهي، جنهن جي حوالي سان الله جي ذات، صفات ۽ ان جي اطاعت ۽ بندگي جو شعور اسان جي دل ۾ پيدا ٿئي. جهڙي طرح آيو آهي: "اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ" (البقره: 158/2) چنانچه خود بيت الله، مقام ابراهيم، صفا، مروه، قرباني جا گردن ۾ طوق پڌل جانور، سڀ "شعائر الله" يعني اهڙيون شيون، جن جي تعظيم ۽ احترام لازم آهي.

توهان هنن جانورن کي هن بين الاقوامي اجتماع ۾ ڪاڏي پيتي، غذا ۽ خوراڪ لاءِ ذبح ڪريو. هن کان اڳ رستي ۾ هن تي سواري ڪري يا وزن وغيره رکڻ جي اجازت آهي. قربانيءَ جي جانورن مان ڪو به فائدو حاصل ڪرڻ کي عرب معيوب سمجهندا هئا. هو هنن جي تعظيم لاءِ سواري ڪرڻ يا باربرداري ڪرڻ کي غلط سمجهندا هئا ۽ هنن جانورن کي خالص قرباني لاءِ رکيو ويندو هو. ان ڪري ٻڌايو ٿو وڃي ته قربانيءَ جي جانورن کي سفر دوران سواري ۽ باربرداري لاءِ به استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ آخر ۾ قربانيءَ واري هنڌ تي قربان ڪري، ان جو گوشت به کائي سگهو ٿا. عرب قرباني جي جانور جو گوشت به نه ڪائيندا هئا. گويا جانور قربان ڪري الله جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. پر اسلام ان جانور کي پنهنجي حاجت ۽ فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ ان جو گوشت کائڻ جي اجازت ڏني آهي. قرباني ۾ به الله جي رضا ۽ انسان جي تقويٰ مقصود آهي، باقي گوشت مراد ناهي. "لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ" (الحج:37/22)

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْا ؕ وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿۳۴﴾ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَاۤ

اَصَابَهُمْ وَ الْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ ۙ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَ الْبُدْنَ
جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا
صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَ اَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَ
الْمُعْتَرَّ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۳۶﴾ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ
لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا
لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ
عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ﴿۳۸﴾ ع

ع ۵ الثلثة ١٢

هي چوپايا جانور جيڪي اسان طرفان اوهان کي عطا ڪيل آهن ۽ جن جي ذبح ڪرڻ وقت بسم الله، الله اڪبر چئي خدا جو نالو وٺڻ وارو طريقو توهان اختيار ڪيو ته اهو رڳو اوهان لاءِ لازم نه آهي، پر اسان هر قوم لاءِ اهو ساڳيو طريقو مقرر ڪيو هيو ته جانورن کي ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو پڪاريندا ڪيو، ياد رکو ته اوهان جو هڪ ئي معبود آهي، ان جي آڏو فرمانبرداريءَ جو سر جهڪايو. جيڪي ماڻهو هن عظيم حڪمت ڀرئي حڪم آڏو جهڪي پون ته انهن کي ڪاميابيءَ جون بشارتون ڏيو. (34) هي اهي انسان آهن، جن جي آڏو جڏهن خداءِ ذوالجلال جي حڪمن ڏانهن ڌيان ڇڪائجي ٿو ته هنن جون دليون خدا جي عظمت ۽ ڪبريائي کان ڪنبي وڃن ٿيون، پوءِ هن حق جي راهه ۾ ڪين جيڪا تڪليف اچي ٿي ان تي صبر ڪن ٿا، اهي فرمانبردار نظامِ صلواة جو قيام ڪن ٿا ۽ اسان جي ڏنل رزق مان خرچ ڪن ٿا.(35) ۽ اهي (قربانيءَ

وارا) اُٺ بہ شعائرالله يعني الله جي نشانين مان آهن، انهن جي قربانيءَ ۾ اوهان لاءِ وڏي ڀلائي آهي. انهن کي قطار در قطار ڪرڻ وقت بہ بسم الله الله اڪبر يعني خدا جو نالو وٺي ذبح ڪيو ۽ جڏهن هو پاسي ڀر ڪري پون تہ ان جو گوشت توهان پاڻ بہ کائو ۽ انهن کي بہ کارايو، جيڪي محتاج آهن، پر قناعت ڪيو وينا آهن ۽ ٻين سوال ڪندڙ (زائرين) کي بہ کارايو. اهڙيءَ طرح اسان جانورن کي توهان جي قبضي ۾ ڏنو آهي تہ الله جو شڪر ادا ڪريو. (36) الله وٽ انهن (قربانيءَ جي جانورن) جو نہ گوشت پهچي ٿو ۽ نہ هنن جو رت، خدا جي حضور پهچڻ واري رڳو اوهان جي تقوىٰ (خلوصِ نيت) پهچي ٿي. هنن جانورن کي اوهان لاءِ مُسخَّر ڪيو آهي تہ جيئن الله اوهان جي رهنمائي ڪرڻ فرمائي آهي. ان تي ان جي وڏائي بيان ڪريو، اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ! عاجزي ۽ نيازمندي ڪندڙ ٻانهن کي (ڪامرانيءَ جي) خوشخبري ڏيو.(37) الله مؤمنن جو هنن جي دشمنن کان دفاع ڪري ٿو. بيشڪ الله ڪنهن خيانت ڪرڻ واري ۽ ڪفرانِ نعمت ڪرڻ وارن کي دوست نٿو رکي.(38)

الله جو دين اسلام آهي، جنهن جا حڪم ۽ قانون شروع کان ساڳيا رهيا آهن. الله پاران جو هي جانور اوهان کي عطا ٿيا آهن ۽ جن جي ذبح ڪرڻ وقت اوهان الله جو نالو پڪاريو ٿا، يعني ان کي الله جي شيءِ سمجهي، الله خاطر قربان ڪيو ٿا، الله جي اطاعت ۽ عبادت جو اهو طريقو جيڪو اوهان اختيار ڪيو ٿا تہ اهو طريقو رڳو اوهان لاءِ ضروري ۽ لازم نہ ڪيو ويو آهي، پر هر قوم لاءِ اسان اهو ساڳيو طريقو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو هيو تہ جانورن کي ذبح ڪرڻ وقت ڇري هلائڻ کان اڳ بسم الله الله اڪبر چئي پنهنجي قرباني کي الله ڏانهن منسوب ڪري الله جي نعمتن جو شڪر ادا ڪريو. (الانعام: 6/163-162، الحج: 67/22) تہ جيئن توهان سڀني جو توحيدِ خداوندي ۽ وحدتِ دين جو طريقيڪار هڪجهڙو رهي، يعني سڀني وٽ خدا جو ساڳيو تصور هجي تہ اسان ۽

اسان جو مال الله جي عنايت ۽ امانت آهي. ان ڪري هي قربانيءَ جي عبادت جيڪا شروع آهي، اها ان هڪ الله جي راهه ۾ قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهيون ۽ اسان سڀ ان هڪ الله جا عبادت گذار، فرمانبردار آهيون ۽ ان جي آڏو سر جهڪايون ٿا. الله هڪ آهي، دين هڪ آهي ۽ اسان سڀني جو مقصدِ حيات به هڪ آهي. الله جا سمورا حڪم حڪمت آميز آهن ۽ جانورن جي قرباني به علامت آهي. هن حقيقت جي ته جهڙي طرح پنهنجن پاليل پيارن جانورن کي الله جي رضا لاءِ سندس نانءُ تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ته پنهنجي جان به ان آڏو قربان ڪرڻ کان نه ڪيٻائينداسون. ڇو ته اسان جو مال ۽ اسان جي جان الله جي عطا ۽ امانت آهي، جانور جي قرباني يا اسان جي جان جي قرباني دراصل خدا تي ايمان آڻڻ جي تصديق آهي. جيڪي ماڻهو ايماني جذبي ۽ دل جي سچائين سان هن حڪمت سان لبريز حڪم آڏو جهڪي پون ٿا ته انهن کي بشارت ڏيو ته سندن ڪاميابي ۽ مهارت جون راهون کلي ويون آهن.

قرباني قديم ترين عبادت آهي، جنهن جي طريقيڪار ۽ ادائگيءَ جي وحدت، وحوتِ دين ۽ وحدتِ خداوندي جو درس آهي. جڏهن هنن ماڻهن آڏو خدائي احڪام اچن ٿا ته هو ان جي پوري ڪرڻ لاءِ همه تن تيار ٿي وڃن ٿا ۽ انهن حڪمن جي خلاف ورزي جي نتيجن جو تصور ڪري، ڪنبي وڃن ٿا ۽ سندن دل جو ڌڙڪو وڌي وڃي ٿو. (الانفال: 2/8)

چون می گویم مسلمانم بلرزم
که دانم مشکلاتِ لااله را

(اقبال رحمة الله عليه)

جڏهن مان پاڻ کي مسلمان چوايان ٿو ته ڏڪي وڃان ٿو، ڇو ته مون کي معلوم آهي ته لا اله
چوڻ ڪان پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو ڇا ٿيڻو آهي.

هن راهه ۾ هن کي جيڪي به تڪليفون، رڪاوٽون ۽ مشڪلاتون پيش اچن ٿيون ته نهايت صبر ۽ استقلال سان ان جو مقابلو ڪن ٿا. "اَلَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ" (البقره: 156/2) انهن جي استقلال ۽ استقامت ۾ ذرا پر به لغزش نٿي اچي. هو پنهنجي مشڪلاتن جي حل لاءِ الله سان رابطو ڪن ٿا. يعني خشوع ۽ خضوع،

عجز ۽ نيزاري سان قيامِ صلواة جو اهتمام ڪن ٿا ۽ سربسجود ٿي، خدا جي حمايت ۽ تعاون طلب ڪن ٿا ۽ پنهنجو مال راهه خدا ۾ خرچ ڪن ٿا. يعني مصائب ۽ مشڪلاتن جو مقابلو صبر ۽ برداشت ذريعي، خدا سان رابطو رکي، نماز ذريعي ۽ راهه حق ۾ مال متاع خرچ ڪرڻ ذريعي مشڪلاتن جو مقابلو ڪري ٿو. جهڙي طرح يهودين ڪجهه شيون پاڻ تي پاڻ حرام ڪيون هيون ۽ انهن جي کائڻ کان روڪيندا هئا. ڪن روايتن موجب انهن اٺ جو گوشت به حرام قرار ڏنو هو، سو جڏهن مسلمانن اٺ جون قربانيون ڏيڻ شروع ڪيون ته يهودين اعتراض ڪيو ته اٺ حرام آهي. مسلمان حرام جانور جي قرباني ڏين ٿا، جنهن سبب ڪجهه مسلمان شش و پنج ۾ اچي ويا. قرآن مجيد يهودين جي ان خود ساخته ڪهاڻيءَ کي رد ڪندي چيو ته اُٺ جي قربانيءَ ۾ اوهان کي ڪو تردد نه هئڻ گهرجي، ڇو ته قرباني لاءِ اسان انن کي به ”شعائر الله“ ۾ داخل ڪيو آهي، جهڙي طرح ٻين جانورن جي قرباني ڪريو ٿا، اهڙي طرح اٺ جي قرباني ڪرڻ کان نه گهٻرايو، بلڪ هي ثواب ۽ خير جي ڳالهه آهي. سو توهان انن کي قطار در قطار بيهاري ان تي به الله جو نانءُ پڪاري، نحر ڪريو ۽ جڏهن پاسي ڀر ڪري پوي ته ان جو گوشت ناهي توهان پاڻ به کائو ۽ ٻين فقيرن، محتاج ماڻهن ۽ زائرين کي کارايو. هنن ديو قامت جانورن کي به توهان جي تسلط ۾ ڏنو آهي ته انهن مان فائدا حاصل ڪري، الله جو شڪر ادا ڪريو.

اٺ عربن جو محبوب ترين جانور آهي. هن کي ”سفينهءِ صحرا“ به چوندا آهن. اهو هنن جي سواري ۽ تجارتي سرگرمين ۾ واحد ذريعو آهي. هن جي خلقت به عجيب طرح جي آهي. (الغاشيه: 17/88) اهڙي پياري محبوب ۽ مفيد جانور جي قرباني ته وڏيڪ ثواب جو ڪارڻ ۽ پلي شيءِ قربان ڪرڻ انسان جي لاءِ به گهڻي خيرو و برڪت جو ذريعو آهي. جانورن جي قربانيءَ کي ائين سمجهڻ ته خواهه مخواهه جانورن جو خون وهائڻ آهي، غلط آهي. بت پرست قومن ۾ اها رسم هئي ته ديو، ديوين، بتن ۽ مورتين کي خوش ڪرڻ لاءِ انهن جي آستاني تي سندن نانءُ وني قرباني ڪرڻ سان اهي ديوتائون خوش ٿي سندن مرادون پوريون ڪنديون، پر قرآن مجيد فرمايو ته هي قرباني الله لاءِ خاص آهي، جنهن ۾ تقوىٰ اختيار ڪري، الله جي رضا حاصل ڪرڻي آهي. ان ڪري ياد رهي ته الله وٽ قربانيءَ جو گوشت پهچندو آهي ۽ نه خون، پر هن وٽ اوهان جي رڳو تقوىٰ گهربل آهي.

الله جي هن رهنمائي تي سندس وڏائي بيان ڪريو ۽ نيڪو ڪارن لاءِ خدا جو قرب حاصل ڪرڻ جي خوشخبري آهي. قرباني يا ڪنهن بہ خير جي ڪم جو اصل مقصد اسان جي دلين جي تقوىٰ، اخلاص ۽ سچائي آهي. سورت البقره جي 23 رڪوع ۾ رمضان المبارڪ ۽ روزي جا احڪامن جو فضيلتون بيان ٿيل آهن، هن ڪان بعد رڪوع24 ۽ 25 ۾ قتال في سبيل الله ۽ مناسڪ حج جا حڪم آيل آهن. بلڪل اهڙيءَ طرح سورت جي وچ ۾ بہ بہ رڪوع مناسڪ حج ۽ ان بعد قتال في سبيل الله جو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪعبة الله کي بت پرستيءَ کان آزاد ڪرائي حج جا مراسم ادا ڪرڻا آهن.

رہ گئی رسم اذاں، روح بلالی نہ رہی
فلسفہ رہ گیا، تلقین غزالی نہ رہی

(علامه اقبال ؒ)

يعني نماز، روزو، قرباني ۽ حج اهي سڀ باقي آهن، پر اي مسلمان! رڳو تون ساڳيو نہ رهيو آهين.

هنن آيتن جو نزول هجرت کان بعد ۾ معلوم ٿئي ٿو. جڏهن مسلمانن جي تحريڪ جو نئون دؤر شروع ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ مسلح تصادم ناگريز آهي ۽ مسلمانن کي مڪ مڪرم واري خاموشي کي ٽوڙڻو پوندو ۽ جهاد لاءِ تيار ٿي، ڪافرن سان دوبدو مقابلو ڪرڻو آهي. مسلمان پنهنجي افرادي قوت ۾ ڪمي ۽ هٿيارن جي ڪوٽ جو فڪر نہ ڪن، ڪين پيغام ڏنو ٿو وڃي تہ هو هن وقت پاڻ کي تنها نہ سمجهن. هنن جي مدد ۽ نصرت لاءِ ۽ ڪافرن جي بيخ ڪني واسطي الله هنن جي مدد لاءِ موجود آهي. مؤمنن کي الله تي پورو پورو ڀروسو ۽ يقين هئڻ گهرجي ۽ ان جي حڪمن تي سختيءَ سان عمل پيرا رهڻ گهرجي، (ابراهيم: 37/14) باقي الله تعالىٰ خيانت ڪندڙن ۽ ناشڪر ماڻهن کي پسند نٿو ڪري. مڪي جي قريشن وٽ بيت الله حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام جي امانت هئي. هي گهر عبادت لاءِ تعمير ٿيو هيو. ”رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ“ اي اسان جا رب! اسان جي پوين کي نماز قائم رکڻ جو اهتمام ڪر. ”وَ اجْنُبْنِيْ وَ بَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ“ بت پرستيءَ کان بچيل رهي. پر قريشِ مڪ توحيد جي هن مرڪز کي شرڪ

آلوده ڪري، الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي ۽ حضرت ابراهيم ﷺ جا وارث
سڏائيندي، هن جي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي. ياد رهي تہ الله خيانت ڪندڙ ۽ ناشڪري
ماڻهن کي پسند نٿو ڪري. مڪہ وارن کي معلوم هيو تہ عرب دنيا ۾ مڪہ جي بيت الله
جي ڪري مرڪزي حيثيت آهي. ڪين خبر هئي تہ مشرق ۽ مغرب جي ملڪن ۾ سندن
بي خوف ۽ آزاد تجارت جي اجاره داري خانہ ڪعبه جي طفيل آهي. (قريش:1/106 کان 4)
تجارتي قافلا قبائلي حملن کان محفوظ بہ بيت الله جي صدقي آهن ۽ سندن عزت ۽
احترام بہ ڪعبة الله جي متولي هئڻ ڪري آهي. جنهن جو ذڪر سورة قريش ۾ آهي. ان
تمام معلومات باوجود هنن ناشڪري ڪري ڪعبة الله کي توحيد جو مرڪز ڪرڻ بدران
بت خانو بنائي شرڪ جو بازار گرم ڪيو ۽ وڏڙن جي امانتن ۾ خيانت جا مرتڪب ٿيا.
الله تعالیٰ ڪعبة الله جي يقيني حفاظت سورة الفيل ۾ ڏني آهي.

أُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ
لَقَدِيْرُ ۙ﴿۳۹﴾ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّاۤ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا
اللّٰهُ ؕ وَ لَوْ لَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَ
بِيَعٌ وَّ صَلَوٰتٌ وَّ مَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ؕ وَ لَيَنْصُرَنَّ
اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۴۰﴾ اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي
الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ
الْمُنْكَرِ ؕ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿۴۱﴾

هاڻي قتال (جنگ) جي انهن ماڻهن کي اجازت ڏني ٿي وڃي، جن (مؤمنن) تي
جنگ مڙهي وئي آهي، ان ڪري جو انهن سان ظلم ڪيو ويو آهي ۽ يقينًا الله

هنن جي مدد ڪرڻ تي قادر آهي. (39) جن ماڻهن کي سندن گهرن کان ناحق نيڪالي ڏني وئي، صرف ان ڪري جو هنن چيو تہ اسان جو رب الله آهي ۽ جيڪڏهن الله ڪجهہ ماڻهن جي ماڻهن ذريعي مدافعت نہ ڪري ها تہ ڪنهن بہ قوم جي عبادتگاهہ زمين تي محفوظ نہ رهي ها ۽ ڍاهيون وڃن ها سموريون خانقاهون، گرجا، ڪليسيا ۽ مسجدون جن ۾ الله جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو وڃي ٿو ۽ الله لازمًا انهن جي مدد ڪري ٿو، جيڪو هن جي مدد ڪري ٿو. يقينًا الله نهايت طاقتور آهي، زبردست آهي. (40) هنن مظلوم مسلمانن کي زمين ۾ اقتدار ڏٽي ڪريون تہ هو نماز جو نظام قائم ڪندا، زڪوات جي ادائگي ۾ سرگرم هوندا ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڪندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا، سمورن معاملن ۽ ڳالهين جو انجام ڪار الله ذوالجلال جي هٿ ۾ آهي.(41)

---

هي ڪعبة الله جيڪو نوع انسان لاءِ امن وسڪون جو مرڪز ۽ هدايت ۽ برڪت جو محور آهي، جتي هر ماڻهو کي اچي الله جي عبادت ڪرڻ جو حق حاصل آهي، پر قريش مڪہ مسلمانن جي ڪعبة الله اچڻ تي بندش وڌي ۽ هنن مٿان ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ لڳا. ان ڪري مسلمانن کي پنهنجي دفاع ۾ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائڻ ضروري ٿي ويو. هن کان اڳ مڪي زندگي ۾ ڪين "كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ" (النساء: 77/4) جو حڪم هيو، پر هاڻي مدني زندگي ۾ مسلمانن جي ننڍڙي رياست جو وجود بڻجي چڪو هو. سندن بندش جي ڳنڍ کولي وئي ۽ مزاحمت ۽ قتال جي اجازت ملي وئي، اگرچہ ان وقت هنن وٽ نہ افرادي قوت هئي، نہ گهربل هٿيار ۽ جنگ جو سامان هيو ۽ نہ وري مالي وسيلا هئا، پر پوءِ بہ ڪين يقين ڏياريو ويو تہ "وَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ۟ ○" ۽ الله مؤمنن جي نصرت جي قدرت رکي ٿو. هنن کي بغير ڪنهن سبب جي ناحق سندن گهرن مان نيڪالي ڏني وئي. هنن جو ڪو بہ ڏوهہ ڪو نہ هيو، پر ڪين اها سزا ان ڪري ڏني وئي جو هنن چيو تہ الله اسان جو پروردگار آهي. هنن بتن ديون ۽ ديوين جي معبود هجڻ کان انڪار ڪيو ۽ رئيسن ۽ مذهبي پيشوائن جي مشرڪانا تسلط قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ حق جي پيغام جو

ساڻ ڏنو. هنن کي پنهنجي دفاع ۾ جنگ ڪرڻ جي اجازت ان لاءِ ملي، جو "بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا" چو ته هنن ڪافرن مسلمانن تي بيجا ناحق ظلم تي ظلم ڪرڻ جي حد ڪري ڇڏي هئي. هنن جا ظلم افراد تي الڳ الڳ به هئا ته جماعت تي اجتماعي زيادتيون به هيون. مسلمانن کي دفاع ۾ جنگ بحيثيت جماعت ۽ رياست اجازت ڏني وئي. نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جو فرمان آهي ته "مسلمانن جو حڪمران انهن جي ڍال آهي، قتال ان جي قيادت ۾ ڪيو وڃي". مسلمانن جو ڏوهه هيو ته جڏهن اسان ڪنهن کي مذهب جي معاملي ۾ مجبور نٿا ڪريون ته پنهنجو دين ڇڏي، اسان جو دين قبول ڪريو ته پوءِ اسان کي ڇو مجبور ڪيو ٿو وڃي. تيرنهن سال برابر هنن تي ظلم جا وار جاري رهيا. اهڙو ڪهڙو عذاب ۽ ايذاءُ هيو جيڪو مسلمانن تي نه ڪيو ويو هجي. ان ڪري اعلان ٿيو ته مظلومن جو حق آهي ته اهي پنهنجي دفاع ۾ مزاحمت ڪن. جيڪڏهن اهڙي طرح هڪ گروهه کي ٻئي گروهه سان جنگ ڪرڻ جي اجازت نه ڏجي ها ته ڪنهن جي به عبادتگاهه سلامت نه رهي ها (البقره: 251/2) ۽ حق پرستي جو آواز بند ٿي وڃي ها. خانقاهون، گرجاگهر، عبادتگاهون ۽ مسجدون جتي اڪثر الله جو ذڪر جاري رهي ٿو، انهن جو وجود ئي نه رهي ها. ياد رکو جو ڪوئي به الله جي دين جي حمايت ڪندو ته لازمًا الله به ان جي مدد ڪرڻ فرمائيندو. يقينًا وڏي قوت ۽ طاقت جو مالڪ ۽ سب تي غالب اچڻ واري هستي آهي. سورة البقره:251/2 ۾ آهي: "لَفَسَدَتِ الْاَرْضُ" جيڪڏهن الله تعالىٰ پنهنجي نيڪ ٻانهن سان هدايت جو سلسلو نه رکي ها ته زمين تي هر طرف فساد ئي فساد هجي ها. الله تعالىٰ جون تمام عبادتگاهون الله جي عبادت لاءِ ئي آهن. الله تعالىٰ لازمي مدد ڪري ٿو انهن جي، جيڪي سندس مدد ڪن ٿا يعني الله جي دين کي تقويت ڏين ٿا. سورة البقره:152/2 ۾ آهي: "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" يعني توهان منهنجي ياد ڪيو، مان توهان کي ياد ڪريان. يعني توهان منهنجي حڪمن جي پيروي ڪريو ته مان توهان جي ڪمن ۾ برڪت وجهان. بيشڪ الله وڏو طاقتور ۽ زبردست آهي.

هڪ طرف خدا جي نافرمان ڪافرن جو اهو حال آهي ته ڪين ڪجهه اقتدار ڏنو ويو آهي ته هنن ان جو ناجائز فائدو ونندي ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي. فتني ۽ فساد جو هر طرف هيجان آهي. قانون ۽ انصاف جو نالو نشان به ناهي.

غريبن كي بي پهچ ماڻهن ۽ مسلمانن لاءِ ڏرتي كي ٻرندڙ باهه يا تتل ٿامو بنايو آهي، پر ان جي جڳهه تي جيكڏهن خدا ترس حق سچ جي طرفدار مظلوم مسلمانن كي هن زمين تي صاحب اقتدار ۽ اختيار جو مالك كجي ته هو سماجي، معاشي ۽ انتظامي سڌارا آڻي، ملك كي امن سكون جو مركز كندا. ماڻهن ۾ خوشحالي ۽ خيرخواهي عام ٿيندي مظلوم ظلم جي گهاڻي ۾ پسجڻ كان نكري، باعزت ۽ باوقار ٿي الله جي حكمن جي حفاظت ۽ نگراني كندا. نماز جو نظام قائم كندا ته جيئن ماڻهن ۾ اخلاق، كردار ۽ حق جي طرفدار هجڻ جا جذبا پروان ٿين ۽ هو ملك ۾ زكوات، في سبيل الله انصاف ۽ خيرات سان غربت، مسكيني، محتاجي، بك بيماري ۽ بيروزگاريءَ جو خاتمو آڻيندا ۽ معروف روين ۽ روش كي جاري ۽ ساري كندا، نيكي ۽ معروف شين جو حكم ڏيندا. منكر ۽ غير معرف حركتن جو سد باب كندا ۽ سمورن معاملن ۽ ڳالهين جو انجام كار الله ذوالجلال جي هٿ ۾ آهي، جنهن مطابق فيصلو ٿيندو. (المائده: 5/45-44) سوره يوسف: 21/12 ۽ 56 ۾ حضرت يوسف عليه السلام كي اقتدار عطا كرڻ جو ذكر آهي ۽ اهي معارف يعني چڱن كمن جو حكم ڏيندا هئا ۽ منكرات يعني برن كمن كان روكيندا هئا. ياد رهي ته اسلامي حكمن مان هت رڳو نماز ۽ زكوات جو ذكر ٿيو، ڇو ته مسلمانن جي جماعتي اقتدار جي اصل علامت اهي ٻه عمل آهن، جن خاطر قومن جو اقتدار هن ٻن شين كان خالي آهي ته اهي حكومتون ۽ رياستون اسلامي نه آهن. (النور: 55/24)

---

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ عَادٌ وَّ ثَمُوْدُ ۙ﴿۴۲﴾
وَقَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَ قَوْمُ لُوْطٍ ۙ﴿۴۳﴾ وَّ اَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَ كُذِّبَ مُوْسٰى
فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۴۴﴾ فَكَاَيِّنْ مِّنْ
قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ بِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ
وَّ قَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿۴۵﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ

يَّعۡقِلُوۡنَ بِهَاۤ اَوۡ اٰذَانٌ يَّسۡمَعُوۡنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعۡمَى الۡاَبۡصَارُ وَ لٰكِنۡ
تَعۡمَى الۡقُلُوۡبُ الَّتِىۡ فِى الصُّدُوۡرِ ﴿۴۶﴾ وَ يَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالۡعَذَابِ وَ لَنۡ
يُّخۡلِفَ اللّٰهُ وَعۡدَهٗ ؕ وَاِنَّ يَوۡمًا عِنۡدَ رَبِّكَ كَاَلۡفِ سَنَةٍ مِّمَّا
تَعُدُّوۡنَ ﴿۴۷﴾ وَ كَاَيِّنۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَمۡلَيۡتُ لَهَا وَ هِىَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ
اَخَذۡتُهَا ۚ وَ اِلَىَّ الۡمَصِيۡرُ ﴿۴۸﴾ ع

ع ٢ ١٤

اي پيغمبر خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن هي (ڪافر) توکي ڪوڙو سمجهن ٿا ته هن کان اڳ نوح عَلَيْهِ السَّلَامُ جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود به (پنهنجن پيغمبرن کي) ڪوڙو قرار ڏئي چڪا آهن. (42) ۽ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ جي قوم ۽ لوط عَلَيْهِ السَّلَامُ جي قوم به (43) ۽ مدين جي رهڻ وارا پڻ ۽ موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کي به ته ڪوڙو سڏيو ويو، پر مان ڪافرن کي مهلت ڏيندو رهيس پوءِ انهن کي پڪڙ ۾ آندو، اندازو لڳايو ته منهنجو عذاب ڪهڙو سخت آهي. (44) ۽ ڪيتريون آباديون آهن، جن کي اسان تباهه ڪري ڇڏيو، جيڪي ظالم هيون، اهي پنهنجن ڇت تي ڪريون پيون آهن ۽ ڪيترا ڪوهه بيڪار ۽ ڪيترا محل ويران پيا آهن. (45) ڇا هنن ماڻهن ملڪ ۾ سير نه ڪيو آهي ته جيئن انهن جون دليون اهڙيون هجن ها، جو انهن سان ڪجهه سمجهي سگهن ها ۽ اهڙا ڪن هجن ها، جن سان هو ٻڌي سگهن ها. اصل ۾ اکيون انڌيون نه هونديون آهن، پر دليون، جيڪي سينن ۾ آهن، انڌيون ٿي وڃن ٿيون. (46) ۽ هي ماڻهو عذاب جي باري ۾ جلدي اچڻ جي گهر ڪري رهيا آهن ۽ الله پنهنجي وعدي جي هرگز خلاف ورزي نٿو ڪري. يقيناً اوهان جي رب جو هڪ ڏينهن توهان جي ڳڻپ وارن هزار مهينن برابر آهي.

(47) ڪيترين ئي بستيون آهن، جن کي مان مهلت ڏيندو رهيو آهيان ۽ اهي ظالم هيون، پوءِ مون هنن کي پڪڙ ۾ آندو ۽ آخرڪار منهنجي طرف ئي (هنن کي) موٽي اچڻو آهي. يعني هن وقت حالتون کھڙيون بہ هجن، نتيجو تہ الله وٽ ئي نڪرندو، جنهن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هاڻي هو مسلمانن جي مدد ڪندو، ان ڪري ڪافر سجاڳ ٿي وڃن تہ هاڻي معاملو هنن مظلوم ماڻهن کان نڪري الله جي حوالي ٿيو آهي.(48)

---

اي نبي ڪريم ﷺ! هي انقلاب ان سلسلهءِ انقلاب جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو دنيا ۾ هميشہ کان هلندو اچي ٿو. جيڪڏهن هي مڪي جا قريش ۽ ڪافر توتي ايمان نٿا آڻين ۽ چون ٿا تہ تون نبوت جو ڪوڙو دعويدار آهين تہ انهن جي اها تو سان روش ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. هن کان اڳ واريون قومون بہ پنهنجي پنهنجي رسولن جي اهڙي ئي تڪذيب ڪري چڪيون آهن. مثال طور نوح جي قوم، عاد ۽ ثمود جون قومون، ابراهيم عليه السلام جي قوم ۽ لوط عليه السلام جي قوم، اصحاب مدين ۽ موسىٰ عليه السلام کي بہ ڪوڙو ڪوٺيو ويو. هنن سمورين بدنصيب قومن حق ۽ سچ جي سچائين ۽ صداقتن کي نظرانداز ڪيو ۽ ان مان ڪا بہ عبرت حاصل ڪا نہ ڪئي. سڌرڻ بدران ڏينهون ڏينهن بگڙڻ ۾ وڌندا رهيا. اهڙي طرح ڪين ڊگهي مدت جو وقت پورو ٿيو ۽ اتمام حجت بعد ڪين پڪڙي ورتو، ڏسو پوءِ اسان جو عذاب ڪيترو نہ سخت هيو. ڏسو تہ هن عذاب ۽ پڪڙ جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي آبادين کي اسان هلاڪ ڪري ڇڏيو، اهي ظالم قومون هيون، هنن جو سارو ڪاروبار ظلم ۽ زور جي نذر هيو. ”جو ڏاڍو سو گابو“ ڪمزور ۽ هيٺو طبقو سندن ظلم جي چڪيءَ ۾ پيڙهبو رهيو، ڪوبہ انهن جو حال پرسان نہ هيو، آخرڪار غيرت يزدان جوش ۾ آئي ۽ هنن ظالمن تي زميني زلزلا آيا. گهر ڪري پيا ۽ ڇتيون زمين بوسيده ٿي ويون. هنن جا کوهہ جنهن تي سندن شهر، واهڻ وستيون آباد هيون، اهي کوهہ خشڪ ٿي بيڪار ٿي ويا ۽ اهي محل بنگلا جن ۾ هو آرام جون ننڊون ڪندا هئا، ويران ۽ اجڙيل کنڊرات ٿي ويا. هر طرف ويراني ئي ويراني هئي. هلاڪت ۽ تباهي هوڪا ڏئي رهيون هيون. جو تہ بستيءَ ۾ جڏهن ڪفر ۽ شرڪ ظلم ۽ زيادتي فتنو ۽ فساد جو راڄ قائم ٿيندو

آهي تہ اهو ان بستي ۽ معاشري لاءِ تباهي جو سبب بڻبو آهي، جنهن ڪري الله جو قانون مڪافات ان بستي کي صفحهءِ هستي تان مٽائي ڇڏيندو آهي.

تباهي ۽ بربادي جا هيڏا وڏا منظر، جيڪي سندن ظلم زور ۽ زيادتي جا خاموش داستان بيان ڪري رهيا آهن، ڇا اهي هنن کي نظر نٿا اچن، جو هو ان کي ڏسي عقل و فڪر کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت ۽ ڪنن ۾ حقيقت ٻڌڻ جي استطاعت پيدا ٿي پوي. هو انهن ويران قديم آثارن وٽان هر روز گذرن ٿا. ڇا هنن جي سيني ۾ اها دل نٿي ڌڙڪي جو هنن عيني علامتن کي سمجهي سگهن، ڇا هنن جي ڪنن ۾ نصيحت ۽ هدايت واريون ڳالهيون، پند و نصيحت وارا وعظ ٻڌڻ ۾ نٿا اچن. پر حقيقت هن طرح آهي تہ جڏهن انسان حسد، ساڙ ۾ جلي دل سان ڏسڻ چاهيندو تہ هنن کي حق ۽ سچ صفا نظر نہ ايندو، انهن جون اکيون انڌيون نہ آهن، پر سندن سيني ۾ موجود سچ قبول ڪرڻ واري دل انڌي ٿي چڪي آهي. هت انسان جي ذهني نااهلي، ناڪامي ۽ قلبي غفلت جي ڪهڙي نہ ڇٽي ۽ پوري تصوير پيش ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن عقل و بصيرت ۽ فهم و فراست جون سڀ سندون ۽ سارا ثبوت ۽ دليل هنن جي ڏيان ڇڪائڻ لاءِ بي سود آهن تہ پوءِ ڪين اکين جو مشاهدو ڪا مدد ڪري نٿو سگهي. ڇا هنن کي عالمِ ناسوت ۾ واقعات ۽ انقلابات جا نتيجا نظر نہ آيا آهن. ڇا هو زمين تي گهميا ڦريا نہ آهن، ڇا هنن جا ڪن ٻوڙا ٿي ويا آهن، جو ڪين بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي ۽ عقل ماريو ويو آهي، جو هو سمجهہ سوچ کان ڪم نٿا وٺن. هنن سمورن سوالن جو جواب آهي: ”فَإِنَّهَا لَا تَعْمَى الْأَبْصَارُ وَلَٰكِن تَعْمَى الْقُلُوبُ الَّتِي فِي الصُّدُورِ“ يعني جڏهن ڪنهن تي انڌائپ يا انڌي هجڻ جو وقت ايندو آهي تہ اکين جي بصارت نہ ويندي آهي، پر دل جي بصيرت هلي ويندي آهي. ان ڪري هنن جون اکيون ڪليل ڏسي، انهن کي حقيقت بينا نہ سمجهي پڇو تہ اکين اندر بصيرت جي روشني دل جي دروازي کان ايندي آهي. هت نهايت اهم حقيقت طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ انساني قلب جي بصيرت ۽ سماعت ٿئي آهي، جنهن کي اصل حقيقت پروڙڻ جي صلاحيت آهي، انسان پنهنجي حيواني وجود سان گڏ روحاني وجود بہ رکي ٿو ۽ انسان ۾ هڪ وقت ٻئي وجود موجود ۽ ڪارفرما آهن. روح جي پنهنجي پنهنجي فهم فراست، عقل جي قوتِ بصارت ۽ سماعت الڳ آهي تہ حيواني وجود جو پنهنجو الڳ عقل اکيون

۽ ڪن آهن. ”اِنَّ السَّمۡعَ وَالۡبَصَرَ وَالۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓـئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا“ (بني اسرائيل: 36/17) ۾ به ٻئي طرف روحاني وجود ڏسي به ٿو ٻڌي به ٿو ۽ سمجهي به ٿو، جنهن کي هت دل جي سماعت ۽ دل جي بصارت سان تعبير ڪيو ويو آهي. هنن حق نما هدايت ۽ عبرت پذير علائقن جي موجود هجڻ باوجود هو عقل و بصيرت کان ڪم وٺڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. گويا ابوجهل جهڙن ڪافرن جون اکيون انڌيون ۽ ڪن ٻوڙا ڪونہ هئا، پر هنن جي روح جي سماعت ۽ بصيرت ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان محروم هئي. ”خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَعَلٰى سَمۡعِهِمۡ ‌ؕ وَعَلٰٓى اَبۡصَارِهِمۡ غِشَاوَةٌ وَّلَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ۝“ (البقره: 7/2) ۽ ٻيون ڪيتريون آيتون ان جون گواهہ آهن.

هن آيت ۾ ”قَلۡبُ“ جو لفظ چيو ويو آهي، جنهن جو تعلق عقل، سمجهہ ۽ شعور سان آهي. هي انسان جي روحاني وجود جي غمازي ڪري ٿو، جنهن جو ذڪر گهڻو اڳ عالمِ ارواح وقت ڪيو ويو آهي، جنهن جو ذڪر سورة الانعام: 94/6 ۾ آهي: ”كَمَا خَلَقۡنٰكُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍ“ پر انساني جسماني وجود جي پيدائش پنهنجي پنهنجي وقت تي ٿئي ٿي. هنن ٻنهي جون پنهنجون صلاحيتون ۽ پنهنجا پنهنجا علم جا ذريعا آهن. روح کي پنهنجو عقل، پنهنجي بصارت ۽ پنهنجي سماعت آهي، پر حيواني زندگيءَ کي پنهنجو عقل، پنهنجون اکيون ۽ پنهنجا ڪَنَ آهن، جنهن جو ذڪر سوره بني اسرائيل: 77/17 ۾ آيو آهي، پر هن آيت ۾ روحاني وجود جي ذريعن واري علم جي ڳالهہ ٿي رهي آهي. يعني روح ٻڌي بہ ٿو، ڏسي بہ ٿو ۽ سمجهي بہ ٿو. هن آيت ۾ چيو ويو آهي تہ هنن ۾ اهڙي دل نہ هوندي آهي، جنهن سان هو حقيقت کي سمجهي سگهن ۽ اهڙا ڪَنَ نہ هوندا اٿن، جو حقيقت کي ٻڌي سگهن. دراصل هنن جون اکيون انڌيون نہ آهن، پر انهن جي سيني ۾ رکيل دليون انڌيون آهن، انڪري انهن ماڻهن (ڪافرن) جو ڏسڻ، ٻڌڻ حيوانن وارو آهي.

اي پيغمبر حق خَاتَمَ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ! هي ماڻهو توکان ان عذاب جي جلد اچڻ جي بار بار گهر ڪري رهيا آهن، جيڪو سندن بداعماليءَ جي نتيجي ۾ مڪافات عمل طور ضرور ظاهر ٿيڻ وارو آهي. تون هنن کي ٻڌاءِ تہ الله جي طرفان ڪيل هر وعدو ضرور پورو ٿيندو ۽ ان جي خلاف ورزي ڪڏهن بہ نہ ٿيندي. ”وَيَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالۡعَذَابِ وَلَنۡ يُّخۡلِفَ اللّٰهُ وَعۡدَهٗ“ هي عذاب ڪڏهن ايندو ۽ ڪهڙي شڪل ۾ ايندو، ان بابت رڳو الله ڄاڻي ٿو. پاڻ ڪريمن خَاتَمَ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ کان اهو چورايو ويو آهي تہ ”اِنۡ اَدۡرِىۡۤ اَقَرِيۡبٌ مَّا تُوۡعَدُوۡنَ“ (الانبياء: 109/21) مون

كي خبر ناهي تہ جنهن عذاب جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي، اهو قريب آهي يا بعيد آهي، پر اها هڪ حقيقت آهي تہ "وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ" يعني اوهان جا هزار ڏينهن گذرن ٿا، تڏهن الله جو هڪ ڏينهن پورو ٿو ٿئي. اهڙي طرح سورة السجده ۾ آهي: "يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ" الله وٽ معاملن جي تدبير ۾ هن جو هڪ ڏينهن اوهان جي هزار ڏينهن برابر آهي. سورة المعارج ۾ آهي: "فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ" الله وٽ معاملن جي تدبير ۾ هن جو هڪ ڏينهن اوهان جي پنجاهہ هزار سالن جي برابر آهي. ان ڪري انساني عقل جي عذاب جي جلد اچڻ بابت سوچ ۽ سوال بي سود آهي، ليڪن تاريخ گواهہ آهي تہ ڪيترين ئي آباديون هيون، جيڪي پنهنجي پنهنجي دور ۾ خوشحال، طاقتور ۽ مضبوط نظر اچي رهيون هيون، مگر پنهنجي بداعماليءَ سبب حد ڪان گذري چڪيون هيون، انهن تي جلد عذاب جو حڪم صادر نہ ٿيو هيو، پر ڪين ڪجهہ عرصو مهلت ڏني وئي تہ هو ان ۾ سڌارو آڻين، پر حجت پوري ٿيڻ بعد انهن جي تباهيءَ جا احڪام جاري ٿيا ۽ هن ظالم قوم کي اسان هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو، جن جو اڄ تائين نالو نشان بہ نظر نٿو اچي. هي هينئر پلي مستيون ڪن، آخرڪار حساب ڪتاب لاءِ هنن کي منهنجي حضور هڪ مجرم جي حيثيت ۾ ضرور پيش ٿيڻو آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَآ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۚ﴿۴۹﴾ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۵۰﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْٓ اٰيٰتِنَا
مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۵۱﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ
وَّلَا نَبِيٍّ اِلَّآ اِذَا تَمَنّٰٓى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ فِيْٓ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا
يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۙ﴿۵۲﴾ لِّيَجْعَلَ
مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْقَاسِيَةِ

قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۭ بَعِيْدٍۙ ﴿۵۳﴾ وَّ لِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ
لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۴﴾ وَ لَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ
مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً اَوْ تَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ
عَقِيْمٍ ﴿۵۵﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۵۶﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ
لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۵۷﴾ ع ۷ ۹ ۱۴

اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ! تون هنن کي چؤ تہ اي بني آدم! مان اوهان لاءِ صاف صاف خبردار ڪرڻ وارو آهيان. (49) پوءِ توهان مان جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن لاءِ مغفرت بہ آهي ۽ باعزت روزي بہ آهي.(50) ۽ اهي ماڻهو جيڪي اسان جي آيتن کي مغلوب ڪرڻ يعني مخالفت ڪري ڪين ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي ئي دوزخي ماڻهو آهن. (51) اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ! تو کان اڳ جيترا بہ رسول ۽ نبي موڪليا، انهن سان هي معاملو پيش آيو تہ جڏهن بہ هنن ماڻهن جي اصلاح ۽ سعادت جي آروز ۽ تمنا ڪئي (تبليغ ڪئي) تہ شيطان صفت ماڻهن هنن جي هن پروگرام ۾ ملاوٽ جو فتنو ڪيو (يعني اصل تبليغ ۾ هير ڦار ڪئي) ان کان پوءِ الله شيطان ماڻهن جي وسوسہ اندازي جون سموريون تبديليون ختم ڪري، وري دين کي مضبوط ڪري ڇڏي يا ان پنيان بيو رسول موڪلي تو جيڪو سابقہ وحي ۾ تيل تحريف پاڪ صاف ڪري، وحي جي اصل پيغام کي وري محڪم ۽ مضبوط

ڪري ٿو. هن پوري روئداد جو الله کي علم آهي ۽ ان جا سمورا ڪم حڪمت تي مبني آهن. (52) هن ۾ (هڪ وڏي) مصلحت اها آهي تہ شيطان جي هنن وسوسن واري مهم ان ماڻهن جي آزمائش جو ذريعو آهي، جن جون دليون روڳي آهن ۽ سچائي قبولڻ کان سخت آهن. بلاشڪ هي ظالم ماڻهو وڏي گهري مخالفت ڪري رهيا آهن. (53) هنن ۾ اها مصلحت بہ آهي تہ علم و بصيرت وارا انسان ڄاڻن تہ اهو معاملو دراصل تنهنجي پروردگار طرفان ئي آهي. اهڙي طرح هو ان تي ايمان آڻي ۽ هنن جي دلين ۾ عجزو نياز پيدا ٿئي. يقينًا الله انسانن کي سڌي (سعادت ۽ ڪامراني واري ) رستي تي هلائڻ وارو آهي.(54) هو ڪافر ان بابت برابر شڪ شبها ڪندا رهندا، جيستائين جو هنن مٿان اچانڪ فيصلي جي گهڙي اچي وڃي يا هنن تي ڪنهن منحوس ڏينهن جو عذاب اچي پهچي. (55) ان ڏينهن بادشاهي صرف الله جي هوندي، هو هنن سمورن جي درميان فيصلو ڪندو، جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن جي راحت ۽ سرور لاءِ جنت جون نعمتون آهن.(56) پر جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪوٺيو، انهن لاءِ ذليل و خوار ڪرڻ وارو عذاب آهي.(57)

---

اي نبي محترم ﷺ! هي ڪافر ماڻهو چون ٿا تہ تون اسان کي بار بار هڪ عذاب جو خوف ٿو ڏيارين تہ توکي اجازت آهي، اهو عذاب اسان تي نازل ڪر، ڪا دير نہ ڪر، رڳو اسان کي ڊيڄاريندو نہ رهہ. جنهن تي ارشاد رباني ٿيو تہ تون هنن ڪافرن کي ٻڌاءِ تہ مان اوهان کي اوهان جي بداعماليءَ جي نتيجن کان آگاهہ ڪندڙ "نذير مبين" آهيان، اوهان تي واضح ڪرڻ ٿو گهران تہ بداعمالي جا نتيجا بہ بد نڪرندا، ان ڪري نتيجن واري عذاب کان پاڻ بچايو. حضور ﷺ لاءِ هر هنڌ "نذير بشير" جا الفاظ گڏ آيا آهن. هت رڳو "نذير" ان ڪري آهي، جو اهو ڪافرن جي سوال ۽ گهر جو جواب آهي. ان ڪري هت سندس هڪ اعلیٰ صفت بيان ڪئي وئي. جيڪڏهن ڪافرن لاءِ عذاب ۽

مؤمنن لاءِ ثواب جو ذڪر ٿئي ها تہ ممڪن آهي ڪافر اجان وڌيڪ طيش ۾ اچي وڃن ها يا تبشير تي تنذير مقدم آهي. پوءِ جيڪو بہ هن ”تنذير“ يعني مڪافات عمل جي ياد ڏهاني ۽ خواب غفلت مان بيدار ڪرڻ وارو منهنجي هن مخلصانا ڪوشش ۽ همدردانا نصيحت ۽ آگاهي تي ڪو بہ ماڻهو عمل ڪندو ۽ ايمان آڻيندو ۽ عمل صالح ڪندو تہ انهن لاءِ سندن اڳين پوين گناهن جي نتيجن کان بچڻ لاءِ مغفرت ۽ حفاظت جي نويد بہ آهي تہ عزت واري رزق جو يقين بہ آهي.

نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ جو فرمان آهي تہ اسلام انهن گناهن کي ڌوئي صاف ڪري ٿو، جيڪي هن اڳ ۾ ڪيا هئا، پر جيڪي ماڻهو اسان جي هن ياد ڏهاني warning ۽ خبردار ۽ آگاهہ ڪرڻ واري ڪوششن ۽ ڪاوشن کي حيلا هلائي غير مؤثر ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا تہ اهڙا نادان ماڻهو دوزخي هوندا. انهن لاءِ دوزخ جي باهہ انتظار ۾ هوندي. هت مؤمنن کي متنبه (خبردار) ڪيو ٿو وڃي تہ حق ۽ سچائي تي ايندڙ رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن کان غافل نہ رهن. نتيجن جو اچڻ ۽ هوبهو ظهور پذير ٿيڻ يقيني آهي، پر ان سان گڏوگڏ ڪشمڪش جو جاري رهڻ بہ ضروري آهي. سنت الاهي بہ هميشہ اها رهي آهي. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي تہ باطل کي هٽائڻ لاءِ حق جي تحريڪ جاري ڪجي ۽ ان جو مقابلو نہ ٿئي. باطل ۽ حق جو معرڪو شروع کان آهي ۽ آخر تائين هلندو رهندو. چنانچہ هن حقيقت جي مدنظر دنيا ۾ ڪو بہ اهڙو رسول يا نبي مبعوث نہ ٿيو آهي، جو هن آرزوئن خواهشن ۽ اصلاح طلب پروگرامن، هدايت ۽ رهنمائي جي ڪم ۾ شيطان صفت ماڻهن روڙا نہ اٽڪايا هجن ۽ مشڪلاتون نہ پيدا ڪيون هجن. دنيا تان گمراهيءَ جي غلاظت کي صاف ڪرڻ کان روڪيو نہ هجي. اهڙيون منفي قوتون هميشہ پوريءَ طرح حق جو مقابلو ڪرڻ ۽ ان جي وڌندڙ اثر و رسوخ کي روڪڻ لاءِ برسر پيڪار رهيون آهن. پنهنجي خيال ۾ يا تہ هو اسان کي هارائڻ گهرن ٿيون ۽ گمان ڪن ٿيون تہ قيامت هوندي ۽ وري جنت دوزخ هوندا، يا سمجهن ٿا تہ هو اسان جي قبضي کان نڪري ويندي ۽ اسان ان تي قادر ٿي نہ سگهنداسون، يا هو اسان سان مقابلو ڪري، اسان تي غالب اچڻ جو سوچين ٿا ۽ اسان جي گرفت کان ٻاهر نڪري ويندا يا اهي اسان جي رسول مقبول خاتم النبيين ﷺ کي عاجز بڻائڻ گهرن ٿا. پوءِ هن ٻه طرفا زور آزمائي جي پرکڻ جو معيار اهو ناهي تہ اهي

شيطاني ڪوششون ۽ وسوسا خلل انداز ٿيندا آهن يا نہ. پر اهو ڏسڻو آهي تہ آخرڪار ڪامياب ٿئي ٿي يا نہ ٿي ٿئي ۽ وحي جون رباني قوتون ان کي مليا ميٽ ڪن ٿيون يا نٿيون ڪن. شيطاني قوتون دنيا مان بلڪل ختم ۽ غائب ٿي وڃڻ جو امڪان نہ آهي، جيستائين انسان باقي آهي، شيطان ۽ ان جا وسوسا بہ موجود رهندا. پر هميشہ ائين ٿيو آهي تہ جڏهن جڏهن بہ شيطاني قوتن ۽ وسوسن جو حصو ٿيو آهي تہ کين هميشہ شڪست ملي آهي ۽ فتح مندي يا ڪامراني نصيب نہ ٿي آهي. ”فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ“ يعني شيطان صفت جيترا بہ فتنا پيدا ڪن ۽ ماڻهن کي ورغلائن ۽ حق جي راهہ تان ٿيڙڻ جي ڪوشش ڪن تہ الله انهن جي اثرات کي محو ڪري ڇڏي ٿو. شيطاني قوت جيترو طاقتور ٿيڻ لاءِ زور لڳائي ٿي تہ الله پاران آيتون ۽ نشانين جو نقش ۽ تاثير وڌيڪ نکري اچي ٿو، جنهن لاءِ نبين ۽ رسولن جي وحي جو سلسلو جاري رکيو ويو. جيڪو انهن شيطاني رڪاوٽن، ملاوٽن ۽ تحريف ڪيل سازشن کي متائڻ لاءِ ان نبيءَ معرفت يا ايندڙ نبيءَ جي وسيلي سان حق جو هميشہ بول بالا رهي ٿو. ابولهبي قوتون ازل کان سر اتاريندڙ رهيون آهن تہ وحي جي پر خلوص ڪوششن سان ختم ٿينديون رهيون آهن. ”وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا“ (بني اسرائيل: 17 /81) هن ڪشمڪش ۾ اها مصلحت ۽ حڪمت عيان آهي تہ هن ۾ سچي مؤمن ۽ ڏوکيباز ڪافر جي سڃاڻپ ۾ فرق محسوس ٿئي ۽ انهن ماڻهن جي پرک ٿي وڃي، جن جون دل روڳي ۽ سچائيءَ ڏانهن اچڻ لاءِ آماده نہ آهن. يقين ڪريو هي حق جا منڪر ظالم ماڻهو هڪ وڏي گهري مصيبت جا شڪار ٿيا آهن. ۽ ان ۾ هڪ ٻئي مصلحت اها بہ ڪارفرما آهي تہ جن ماڻهن کي علم جي دولت نصيب ٿي آهي، انهن کي معلوم ٿي وڃي تہ هي سارو نظام ۽ معاملو دراصل ان پروردگار جي پاران آهي، جنهن جي پاران مؤمنن لاءِ ترغيب آهي تہ هو ايمان و عمل جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙي رکن ۽ سندن دل ۾ عجز و نياز جي صلاحيت پيدا ٿئي. يقينًا ايمان وارن کي الله تعالىٰ سڌي رستي تي هلائڻ وارو آهي. هن مان مراد آهي تہ شيطان جي ساٿين ڪافرن ۽ مشرڪن جي بيمار دل کي فتنو بڻائي ڇڏي ۽ اهل علم جي دل ۾ ايمان جي پختگي پيدا ڪري. باقي ياد رهي تہ شيطان ڪڏهن بہ نبيڙ جي ذات پاڪ کي ورغلائڻ، راهہ حق تان هٽائڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ جي جرئت

نٿو رکي. هو رڳو نبيڙ جي تبليغ ٽيل ماڻهن جي دل ۾ خدشا ۽ وسوسا وجهي ٿو ۽ انهن کي وحي جي تعليم ۾ هير ڦير ڪري، گمراهه ڪري ٿو. جنهن ۾ هو مؤمنن تي هلان ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو، پر ڪمزور عقيدن وارن ماڻهن کي پنهنجو همنوا بنائي ڇڏي ٿو. وحي جو اهو سلسلو قرآن حڪيم جي صورت ۾ پنهنجي اختتام تي پهچي ويو آهي، جهن ۾ گذشته انبيا ڪرام جي وحيءَ جو نچوڙ ۽ ماحاصل هن قرآن ۾ مذڪور آهي. (المائده: 48/5) ۽ قرآن انهن سڀني ڪتابن، صحيفن ۽ وحيءَ جي پيغامن جو محافظ آهي. هن قرآن ۾ ڪا به آميزش ملاوٽ يا تحريف ٿي نٿي سگهي. ڇو ته هن جي حفاظت خود خدا جي حوالي آهي. ”اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ“ (الحجر: 9/15) اسان ئي هن قرآن کي نازل ڪرڻ فرمايو آهي ۽ اسان ئي ان جا محافظ آهيون.

جيڪي ماڻهو غورو فڪر ۽ علم ودانش کان ڪم وٺن ٿا، انهن کي يقين آهي ته هن قرآن ۾جو ڪجهه بيان آهي، اهو الله طرفان سراپا حق آهي. ان ڪري ماڻهن کي گهرجي ته اهي قرآن جي صداقتن تي ايمان آڻين ۽ ان جي حڪمن تي عمل پيرا ٿي جهڪي وڃن. جيڪي ماڻهو به ان قرآن ڏانهن هدايت لاءِ صدق دل سان رجوع ٿين ٿا ته اسان انهن جي رهنمائي سڌي ۽ متوازن راهه ڏانهن ڪري ڇڏيون ٿا، جنهن جي ڪري اها صورت حال ٿي ٿئي ته جن جون دل روڳي آهن، اهي وڏيڪ ضد ۽ عناد ۾ وڌي ويندا يون آهن، پر جيڪي علم و بصيرت کان ڪم وٺن ٿا، انهن جو ايمان اڃان زياده پختو ٿي وڃي ٿو. جيڪي ماڻهو غوروفڪر کان ڪم نٿا وٺن ۽ نه وري علم و بصيرت رکن ٿا ته اهي ماڻهو هن حقيقت کان بلڪل شڪ ۾ رهندا ۽ ان جي سچاين مان ڪو لاڀ حاصل ڪري نه سگهندا. اهي پنهنجن وهمن ۽ گمان ۾ ڀٽڪندا رهن، ڪين حق ۽ سچائي جو نور نظر نه ايندو. هو هن گمراهيءَ جي انڌيرن ۾ ڀٽڪي رهيا هوندا ته اها گهڙي جنهن جي واقع ٿيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي، اچانڪ انهن جي سر تي حمله آور ٿيندي، يا انهن تي اهو منحوس عذاب اچي ويندو، جو اهو هن سمورين اميدن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندو ۽ ان بعد هو ڪڏهن به اڀَٽي اسري نه سگهندا. دين ۾ اها بصيرت پيدا ڪرڻ لاءِ الله تعالى هن دنيا ۾ حق جي مخالفن کي به مشيت ايزدي موجب اهڙا موقعا مهيا ڪيا آهن، جو هو حق

جي خلاف جيترو زهر ڪڍڻ گھرن، اهو ڪڏي سگھن ۽ جو ڪجھ ورغلائڻ جا حيلا هلائي سگھن ٿا، اهي بروءِ ڪار آٽي سگھن ته جيئن جيڪي ماڻهو حق جو پيغام قبول ڪرڻ گھرن ٿا، محض تقليدي طور تي بغير سمجھڻ سوچڻ جي اختيار نه ڪن، پر پوري معرفت جي نور سان منور ٿين ۽ عمل ڪن. ”وَالَّذِيۡنَ اِذَا ذُكِّرُوۡا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ لَمۡ يَخِرُّوۡا عَلَيۡهَا صُمًّا وَّ عُمۡيَانًا“ (الفرقان: 73/25) مؤمن جي اڳيان قرآن جون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون ته اهي انهن تي ٻوڙا ۽ انڌا ٿي، ڪري نه ٿا پون.

ڪائنات جو حقيقي حاڪم ته الله تعالىٰ ئي آهي، جنهن جو هر وقت هر هنڌ حڪم هلي ٿو. هو مڪمل طور بااختيار آهي، ڪنهن جي مدد يا تعاون کان پاڪ ۽ منزه آهي. هن جهان جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ وقتي ۽ عارضي حڪمران ۽ صاحب اقتدار به نظر اچن ٿا، جيڪي ڪجھ وقت لاءِ آيا ۽ ويا جي قانون موجب نظر اچن ٿا، پر قيامت واري ڏينهن بادشاهي صرف الله جي هوندي ۽ ان جو حڪم هلندو، ڪو به ننڍو وڏو حاڪم ڪو نه هوندو. ”يَوۡمَ هُمۡ بٰرِزُوۡنَ لَا يَخۡفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنۡهُمۡ شَىۡءٌ ؕ لِمَنِ الۡمُلۡكُ الۡيَوۡمَ ؕ لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ“ (المؤمن: 16/40) هو هڪ الله هوندو، جيڪو هنن سيني اختلاف رکندڙ گروهن، حق ۽ ناحق تي هجڻ جو به فيصلو ڪندو ۽ هو انسان کان انفرادي طور حساب به وٺندو. ”لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ“ ان ڏينهن بادشاهي ۽ حڪم هڪ الله جو هلندو، جيڪو ملڪ جو مالڪ، صرف هڪ الله قهار آهي. پوءِ ان فيصلي جي نتيجي ۾ به گروهه نڪري نروار ٿيندا. هڪڙا اهي، جن ماڻهن ايمان اختيار ڪيو ۽ ان مطابق نيڪ اعمال ڪيا، انهن لاءِ سڪون ۽ سرور وارا سدا بهار شاداب باغ هوندا، جن ۾ هو خوش خرم ۽ شادمان رهندا، پر ٻيو گروهه اهڙو به هوندو، جن حق ۽ سچائي جو رستو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هوندو ۽ اسان جي آيتن ۽ هدايتن کي ڪوڙو ڪوني، انهن کي قبول نه ڪيو هوندو ۽ پنهنجي زندگي فسق و فجور ۽ عيش و عشرت ۾ گذاري هوندي، حقوق الله ۽ حقوق العباد جي صريح خلاف ورزي ڪئي هوندي. انهن لاءِ دوزخ جو سخت دردناڪ عذاب سندن مهماني طور موجود هوندو، جنهن ۾ هو سڙندا جلندا، رڙيون ڪندا رهندا پر ڪو به سندن مدد ڪرڻ وارو نه هوندو.

وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزْقًا
حَسَنًا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۵۸﴾ لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ؕ
وَ اِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿۵۹﴾ ذٰلِكَ ۚ وَ مَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ
ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿۶۰﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ
يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ يُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ
بَصِيْرٌ ﴿۶۱﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ
الْبَاطِلُ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿۶۲﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ
مَآءً ؗ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿ۚ۶۳﴾ لَهٗ مَا فِي
السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿ع۶۴﴾ ع ٨ ١٥

۽ جن ماڻهن الله جي راهه ۾ هجرت ڪئي، پوءِ لڙائيءَ ۾ قتل ٿيا يا پنهنجي موت مري ويا ته (ٻنهي صورتن ۾) بهتر رزق (بدلو) ڏئي ۽ يقيناً الله ئي آهي جو بهتر رزق بخشڻ وارو آهي.(58) هو انهن کي ضرور اهڙي جڳهه پهچائيندو، جتي هو خوش خرم هوندا. بيشڪ هو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو (عليم) ۽ وڏو بردبار (حليم) آهي. (59) هيءَ هڪ حقيقت آهي، جيڪا الله وٽ ٿي چڪي آهي. مزيد هي حڪم آهي ته جيڪڏهن مظلوم پاڻ سان ٿيل ظلم يا زيادتي برابر بدلو وٺي ۽ پوءِ ظالم وٽان مٿس وري زيادتي ڪئي وڃي ته ضروري آهي ته الله اهڙي مظلوم جي مدد ڪرڻ فرمائي. الله يقينًا معاف ڪرڻ

وارو ۽ بخش ڪرڻ وارو آهي. (60) هي ان ڪري آهي، جو اهو الله ئي آهي، جيڪو رات کي ڏينهن مان نمايان ڪري ٿو ۽ وري ڏينهن کي رات مان ظاهر ڪري ٿو (يعني هٽ ادلي جو بدلو موجود آهي) ان ڪري جو الله هر آواز ٻڌندڙ آهي ۽ هر فعل ڏسندڙ آهي. (61) اهو ان ڪري به آهي ته حق الله جي ذات آهي ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين جي عبادت ڪن ٿا يا ٻاڏائين ٿا، اهو عمل سراسر باطل آهي. اهو ان ڪري به آهي جو الله جي هستي (ذات) نهايت بلند بالا ۽ وڏي قدرت جي مالڪ آهي.(62) ڇا تو هي منظر نه ڏٺو آهي ته الله مٿان آسمان طرفان مينهن وسائي ٿو ۽ غير آباد خشڪ زمين سرسبز ۽ گل و گلزار ٿي وڃي ٿي، يقين ڪريو ته الله نهايت باريڪ بين آهي ۽ هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي.(63) جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو سڀ ڪجهه ان الله جو ئي آهي، حقيقت اها آهي ته اهو ئي آهي، جيڪو بلڪل بي نياز آهي ۽ هر طرف جي حمد و ثنا جي لائق آهي.(64)

جيڪي ماڻهو مخالفن جي ظلم ۽ زيادتين کان تنگ ٿي، پنهنجو گهر، عزيز، رشتيدار ۽ مفادات کي قربان ڪري، الله جي راهه ۾ يعني الله جي دين جي احڪام جي تعميل ۽ تبليغ کان روڪيا وڃن ٿا ۽ هو پنهنجي هن فريضي کي ادا ڪرڻ خاطر ۽ الله جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هجرت اختيار ڪن ٿا ته هجرت دوران يا هجرت بعد هو دشمنن هٿان يا جهاد ۾ حصو وٺڻ بعد قتل ڪيا ٿا وڃن، يا هو پنهنجي فطري موت مري وڃن ٿا ته ٻنهي صورتن ۾ ضروري آهي ته الله تعالیٰ کين آخرت ۾ انهن جي اجوري ۾ بي حساب انعامات جي عنايت ڪري. اهو ساڳيو مضمون سورة البقره ۾ به آيو آهي ۽ سوره آل عمران: 69/3 ۾ نهايت صراحت ۽ وضاحت سان بيان ٿيل آهي ته جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ زندگيءَ جو نذرانو پيش ڪن ٿا ۽ پنهنجي جان قربان ڪري، سرخرو ٿين ٿا، انهن کي مرده نه سمجهيو وڃي ته بس هو مري ويا، جهڙيءَ طرح ٻيا موت مرندا آهن ۽ معاملو ختم ٿيو، پر هنن مجاهدن جو معاملو ئي الڳ آهي، هو هن رحلت بعد الله وٽ زنده هوندا

آهن ۽ الله جي وسيع نعمتن واري دسترخوان مان روزي ۽ بي پايا رحمت وارين عنايتن ۽ بخشش مان محظوظ ٿيندا رهن ٿا. (البقره: 154/2) پر جيڪڏهن في سبيل الله هجرت ڪرڻ بعد الله جي دين جي تبليغ ۽ تعليم ۾ رڌل رهن ٿا ۽ مٿن طبعي موت به اچي ٿو ته انهن کي به اهي سڀ نعمتون ۽ بخششون نصيب ٿينديون، جيڪي الله جي راهه ۾ قتل ٿي ويلن کي ٿينديون، ڇو ته هنن پنهي حالت ۾ الله جي رضا حاصل ڪرڻ آهي ۽ الله سڀ کان وڏيڪ بهتر رزاق آهي ۽ رزق مهيا ڪندڙ آهي. الله رحمان رحيم نهايت قدردان آهي، جيڪي انسان ان جي رضا خاطر دين اسلام جي سربلندي ۽ سرفرازي لاءِ پنهنجو ڌن، من ۽ جان عزيز نذراني طور پيش ڪن ٿا ته سندن اها پرخلوص قرباني الله وٽ قدر جي نگاهه سان ڏٺي وڃي ٿي ۽ الله ضرور اهڙن نيڪ جان نثار ماڻهن کي اهڙي خوشگوار هنڌ تي رکندو، جتي هو خوشنود ۽ خوش خرم رهندا. يقينًا الله هر شيءِ کان پوري طرح باخبر آهي. هو نيتن ۽ ارادن کان به واقف آهي ۽ نهايت حليم ۽ بردبار آهر. هو راهه حق ۾ جدوجهد ڪندڙن ۾ ڪا خامي ڪمي بيشڪ ڏسي ٿو ته ڍڪ ڍڪيو ڇڏي.

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا ڏوراپو ڏيئي،
سڄڻ سيوئي ڍڪيون ڍول ڍلائيون

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

بهر ڪيف جنگ ۽ صلح دوران توهان کي اها اجازت آهي ته جنهن قوم يا فرد خود زيادتي نه ڪئي آهي، بلڪ جيتري سختي هن سان ڪئي وئي هئي، اوتري ئي سختي هو بدلي ۾ ڪرڻ گهري ٿو ته نيڪ آهي. (النحل: 126/16، الحج: 39/22) پر جيڪڏهن دشمن وڌيڪ زيادتي تي لهي اچي ٿو ته الله ان مظلوم جي ضرور مدد ڪري ٿو. هت به انساني اعلىٰ اقدار جو درس ڏنو ٿو وڃي ته ڪير ڪنهن سان زيادتي نه ڪري، پر ڪنهن شخص ٻئي شخص سان يا هڪ قبيلي ۽ قوم ڪنهن سان زيادتي ڪئي آهي ته جنهن به ڌر يا شخص سان زيادتي ٿي آهي، بدلي ۾ اوتري زيادتي يا سختي ڪرڻ جي اجازت آهي. ايئن نه ٿئي ته زيادتي جي بدلي ٻئي کي وڌيڪ زيادتيءَ جو نشانو بڻايو وڃي، انهيءَ خيال سان ته مخالف کي وري زيادتي ڪرڻ کان هميشه ختم ڪري ڇڏي. اهڙي سوچ ۽ عمل کان

روڪيو ويو آهي تہ ڪو انصاف جون حدون پار نہ ڪري، ڇو تہ دشمن جيڪڏهن وري زيادتي ڪندو تہ الله مظلوم جي مدد جا وسيلا پيدا ڪري ڇڏيندو، ان ڪري بدلي وٺڻ ۾ بہ برابري هجي، ڪنهن بہ قسم جي زيادتي نہ ٿئي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو بدلي وٺڻ بدران معاف ڪري ڇڏي ٿو تہ ان جا مثبت نتيجا نڪرندا. ”وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ“ (الشوریٰ: 43/42) پر بدلي وٺڻ بدران ڪنهن صبر ڪيو ۽ معاف ڪيو تہ اهو بلاشڪ اعلىٰ حوصلي ۽ بلند اخلاق جي نشاني آهي.

ياد رهي تہ آيت نمبر60، 61 ۽ 62 ۾ ”ذٰلِكَ“ آيو آهي. ”ذٰلِكَ وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ“ يعني هاڻي صورتحال اها آهي، جيڪا بيان ٿي چڪي آهي. اهڙي حالت ۾ ضروري آهي تہ مظلومن کي ظلم ۽ زيادتي جي دفاع جو موقعو ميسر ڪيو وڃي، پر ان ۾ اهو احتياط ضرور رکڻو آهي، پنهنجي حقِ دفاع کان وڌيڪ سختي نہ ڪري. هن کي رڳو اوتري سختي ڪرڻ جي اجازت آهي، جيتري مٿس زيادتي ٿي آهي، بعد ۾ آهي: ”اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ“ يعني دفاع جو حق تہ ڏنو آهي، پر دفاع ۾ اهڙي سختي ڪرڻي آهي ۽ سختي يا قتل و خونريزي بذاتِ تہ سني ناهي، پر مجبورًا اجازت آهي. ان ڪري الله غفور رحيم آهي، پرده پوشي ڪندو، ڇو تہ جيڪڏهن ظلم جو جواب نہ ڏبو تہ معاشرو بدامنيءَ جو شڪار ٿي ويندو. ”ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ“ ۾ قانون الاهي جي تقاضا آهي تہ تبديلي ٿيندي رهي. هو رات مان ڏينهن ۽ ڏينهن مان رات ڪري، تبديليءَ جو طريقو اختيار ڪري ٿو تہ پوءِ ٻانهن جي حالت ۾ بہ تبديلي ايندي رهي ۽ انقلاب جاري رهي. الله سميع ۽ بصير آهي، يعني ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهي. يعني الله جي حڪمراني انڌي ٻوڙي قانون تي ٻڌل نہ آهي، پر ظالمن جو ظلم بہ ڏسي ٿو ۽ مظلومن جي آهہ بہ ٻڌي ٿو ۽ ان جو تدارڪ ڪري ٿو. ”ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ“ ڀلا الله جو ڏسي ۽ ٻڌي ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو اهو نتيجو نڪري، ان ڪري جو حق صرف الله جي هستي آهي. هي رسالت جا انڪاري جن باطل ديوتائن کي پڪارين ٿا، اهو سراپا باطل آهي.

معلوم ٿئي ٿو تہ سميع بصير صرف الله آهي. ڇو تہ هو ”اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ“ تہ جيئن الله جي حق واري ڪلمي جي رفعت ۽ بزرگي آشڪار رهي. الله رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ تبديل ڪري ٿو. دراصل هن حقيقت جي شاهدي آهي تہ ظلم ۽ باطل

جو هميشہ راڄ نہ رهي ۽ ڪائنات جو نظام خلل ۽ نقصان کان بچندو رهي، ورنہ ”جو ڏاڍو سو گابو“ وانگر ظالم ۽ جابر ڪي لغام ڏيڻ لاءِ الله جو هي پرحڪمت ۽ مصلحت ۽ تدبير تي ٻڌل نظام دائم قائم رهي ۽ اهو ثابت ٿئي تہ حق صرف الله جي ذات آهي. هن کان اڳ آيت40 ۾ الله تعالىٰ جي دنيا واري نظام هلائڻ جو ذڪر ٿيل آهي، باقي باطل جي سرڪوبي ڪرڻ ضروري آهي تہ باطل، باطل آهي ۽ حق، حق آهي. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ پوءِ اهو ڪيئن معلوم ٿي سگهي تہ ڪافر جنهن جعلي معبود ڪي پوڄي ٿو ۽ ان تي پنهنجن آرزوئن جو انحصار ڪري ٿو، اهو باطل آهي، اهو ڪو بہ نفعو نقصان ڏئي نٿو سگهي. هو پاڻ ٻئي جي مدد جو محتاج آهي تہ پوءِ هنن ڪافرن جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو. هي سمورو اختيار ۽ اقتدار ان الله جي حوالي آهي، جنهن جي ذات گرامي هر نقص، عيب يا خاميءَ کان منزه پاڪ آهي ۽ هو نهايت بلند بالا ۽ وڏي قوت جو مالڪ آهي. جنهن جو نہ ڪو مد مقابل آهي ۽ نہ ڪو شريڪ ڪار آهي. هو حيّ ۽ قَيُّوم پنهنجو پاڻ هميشہ رهڻ وارو پاڻ پرو آهي. هو ٻين کي زندگي بہ ڏئي ٿو ۽ قائم بہ رکي ٿو.

ڇا تو خدا جي هن حڪومت ۽ مصلحت واري انقلابي نظام تي غور ڪيو آهي تہ ان جا مظاهر ڪهڙي طرح سندس ڪارفرمائيءَ جي شهادت ڏئي رهيا آهن. رات مان ڏينهن ۽ ڏينهن مان رات جو انقلابي عمل بہ توهان ڏٺو آهي، هاڻي الله جي هن انقلابي پروگرام کي ڏسو تہ هو آسمان طرفان بادل برسائي ٿو، جيڪا زمين خشڪ ۽ غير آباد پئي هئي، هر طرف ويراني ئي ويراني نظر ٿي آئي، ان ۾ اوچتو انقلاب آيو ۽ اها سرسبز ۽ شاد آباد ٿي وئي، جنهن تي گل، ٻوٽا ۽ ميوا ۽ کيت گهڻي مقدار ۾ ميسر ٿي ويا، اهڙي طرح انساني سعادت واري زمين تي بہ خشڪ سالي ۽ ڏڪار جا آثا عيان ٿي ويندا آهن، پر پوءِ رحمت خداوندي جي بارش سان ساري روئداد بدلي ڇڏي ٿو. ياد رهي تہ هن اجڙيل بگڙيل زندگي ۾ انقلاب اچڻ شروع ٿي ويو آهي. ڪفر ۽ باطل جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي. ان جڳهہ تي دين اسلام جو امن ۽ سڪون فلاح ۽ بهبود وارو انقلاب دستڪ ڏئي رهيو آهي. الله جل شانه پنهنجي حڪمت ڀري تدبير کي اهڙي طرح عملي جامو پهرائي ٿو، جو ان جو ڪنهن کي وهم و گمان نہ ٿو هجي، پر الله جي تدبير جو اثر ديرپا ٿئي ٿو، بلاشڪ هو هر خبر کان باخبر آهي. ان جي وسيع ۽ بي پايان علم کان ڪا بہ شيءِ ٻاهر نہ آهي. هو

لطيف ۽ خبير آهي يعني هر نفيس ۽ نازڪ معاملن ڪي ڄاڻيندڙ ۽ هر شيءِ جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي. آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي، اهو سڀ هن جي مقرر ڪيل نظام جي تڪميل لاءِ سرگرم عمل آهي. هن کي پنهنجي پروگرام ۽ قانون کي نتيجا خيز بنائڻ ۽ منزل مقصود تي پهچائڻ لاءِ ڪنهن سهاري يا مدد جي ضرورت ناهي ۽ هن جي احڪامن جا نتيجا گواهي ڏئي رهيا آهن ته هو غني، بي پرواهه ۽ حميد قابل ستائش ۽ حمد و ثنا هستي آهي. هن جي بي نيازي سندس ذات گرامي جي صفت آهي. پر اهڙو لائق حمد ثنا آهي ۽ رحم و ڪرم وارو آهي، جو هن جا ٻانها ڪڏهن به هن کان مايوس ۽ نااميد نٿا ٿين، بيشڪ هو بي پرواهه ۽ وڏي قوت ۽ قدرت جو مالڪ آهي. پر ساڳي وقت مؤمنن جو نگران ۽ ساٿي آهي.

---

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ وَ الْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ
بِاَمْرِهٖ ؕ وَ يُمْسِكُ السَّمَآءَ اَنْ تَقَعَ عَلَى الْاَرْضِ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٥﴾ وَ هُوَ الَّذِيْۤ اَحْيَاكُمْ ۫ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ
يُحْيِيْكُمْ ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ
نَاسِكُوْهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْاَمْرِ وَ ادْعُ اِلٰى رَبِّكَ ؕ اِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى
مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٦٧﴾ وَ اِنْ جٰدَلُوْكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٨﴾ اَللّٰهُ يَحْكُمُ
بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ
يَعْلَمُ مَا فِي السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ فِيْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ
يَسِيْرٌ ﴿٧٠﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّ مَا لَيْسَ

لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِیْنَ مِنْ نَّصِیْرٍ ﴿۷۱﴾ وَ اِذَا تُتْلٰی عَلَیْهِمْ اٰیٰتُنَا
بَیِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِیْ وُجُوْهِ الَّذِیْنَ كَفَرُوا الْمُنْكَرَ ؕ یَكَادُوْنَ یَسْطُوْنَ
بِالَّذِیْنَ یَتْلُوْنَ عَلَیْهِمْ اٰیٰتِنَا ؕ قُلْ اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ
اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿۷۲﴾ ع ٩/٨ ١٦

چا توهان هن ڳالهہ تي غورنہ ڪيو آهي، تہ الله زمين جون سموريون شيون توهان جي زير فرمان ڪيون آهن، ڪشتي، جهاز ڪي ڏسو تہ سمنڊ ۾ هن جي حڪم سان ڪهڙي طرح ترندا رهن ٿا ۽ هو آسمان کي جهليو بيٺو آهي تہ اهو هن جي حڪم ڪانسواءِ زمين تي ڪري نہ پوي. بيشڪ الله انسان لاءِ وڏي شفقت ڪرڻ وارو ۽ سدائين رحمت ڪرڻ وارو آهي. (65) هي اهوئي الله آهي، جنهن توهان کي زندگي بخشي آهي، پوءِ موت آڻي ٿو ۽ وري (ٻيهر) زندهہ ڪندو، دراصل انسان ئي ناشڪرو آهي.(66) اي پيغمبر خاتم النبيين صلی الله علیه وسلم ! اسان هر امت جي لاءِ قرباني (عبادت) جا طور طريقا مقرر ڪيا آهن، جنهن جي هو پيروي ڪن ٿا. هنن کي هن معاملي (اسلامي طور طريقن) ۾ توهان سان جهڳڙو ڪرڻ نہ گهرجي، تون ماڻهن کي پنهنجي پروردگار طرف دعوت ڏيندو رهہ تہ (اصل دين دين اسلام آهي) تون سڌي رستي تي گامزن آهين. (67) ان جي باوجود جيڪڏهن هي ماڻهو تو سان جهڳڙو ڪن ٿا تہ تون ڪين چئو تہ الله توهان جي ڪمن کان چڱي طرح واقف آهي. (68) توهان جن معاملن ۾ هڪ ٻئي سان اختلاف ڪري رهيا آهيو، قيامت جي ڏينهن هو توهان درميان فيصلو ڪري، حقيقت حال آشڪار ڪندو. (69) ڇا توهان کي معلوم ناهي تہ جو ڪجهہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي اهو الله جي علم ۾ آهي، يعني هي سڀ ڪجهہ

هڪ ڪتاب ۾ درج آهي ۽ ائين ڪرڻ ۾ الله لاءِ ڪا بہ مشڪل نہ آهي. (70) ۽ هو الله ڪانسواءِ اهڙين شين جي بندگي ڪن ٿا، جن لاءِ هن نہ ڪا سَندَ موڪلي آهي ۽ هنن جو ڪو علم بہ ناهي ۽ اهڙن ظالمن جو ڪوئي مددگار نہ هوندو. (71) ۽ جڏهن هنن کي اسان جون روشن آيتون پڙهي ٻڌايون ٿيون وڃن تہ تون انهن ڪافرن جي چهرن تي ناگواريءَ جا آثار سجاڻي وٺندين، ائين معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي هنن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائن ٿا، ان تي حملا آور ٿين، تون کين چئو تہ ڇا مان توهان کي هن کان بهتر جي خبر ڏيان. اِها اُها باهہ آهي، جنهن جو الله ڪافرن سان وعدو ڪيو آهي ۽ دوزخ نهايت برو نڪاڻو آهي.(72)

ذرا زمين جي وسعت ڏانهن نگاهہ ڪريو، اوهان کي طرح طرح جا جانور، پکي، حجر شجر، درياهہ، سمنڊ، پهاڙ، آبشار، کيت باغات وغيره نظر ايندا. اهي تمام شيون الله تعاليٰ اوهان جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اپايون آهن ۽ انهن سڀني شين تي توهان جو حڪم هلي ٿو. سمنڊ جي گهراين، ڇولين ۽ موجن ڏي ڏسو تہ هن عميق بحر جو ڪهڙي طرح ٻيڙيون ۽ جهاز سينو چيري، سلامتي سان تري رهيا آهن ۽ توهان انهن جهازن ۽ ٻيڙين کي پنهنجي سير سفر، آمد و رفت، تجارت ۽ مال برداري لاءِ استعمال ڪري رهيا آهيو، جهڙي طرح خشڪيءَ جي جانورن کان اهي فائدا بہ حاصل ڪري رهيا آهيو. زمين جي نظام کان عبرت حاصل ڪرڻ بعد آسمان ڏانهن نگاهہ ڪري ڏسو ڪهڙي طرح بنا ٿنڀ ٽوٽي جي مضبوط ۽ مستحڪم بڻنو آهي. هن کي ڪنهن جهلي رکيو آهي. يا ان جا اجرام فلڪي زمين تي ڪرڻ کان انهن کي روڪي رکيو آهي. ها جڏهن گهري تہ انهن کي زمين تي ڪيرائي سگهي ٿو. هي سمورو امن و سلامتي وارو سودمند نظام ان الله جي قدرت ۽ حڪمت جو اظهار آهي، جيڪو الله انسانن تي تمام شفقت ڪرڻ ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. الله جي جنهن قانون مطابق زمين ۽ آسمان جو نظام ڪارفرما آهي. انهيءَ قانون موجب هن اوهان کي زندگي عطا ڪئي آهي. عدم کان وجود ۾ آندو آهي ۽

انهيءَ قانون جي روشني، طبعي زندگي تي موت وارد ٿي ويندو ۽ وري ٻيهر اوهان کي زندگي عطا ڪندو. خدا جو اهو قانون قومن جي عروج و زوال، موت ۽ حيات جو فيصلو ڪري ٿو. هي سارو اهتمام ۽ انتظام انسانن جي سهولت ۽ ضرورت لاءِ جوڙيو ويو آهي. مگر انسان جي اها حالت آهي، جو هو پنهنجي زندگي الله جي قانونن جي ابتڙ غير الله جي حڪمن جي تابعداريءَ ۾ ڪري رهيو آهي. انسان ڪيترو نہ ناشڪرو آهي، جو الله جي لطف ۽ ڪرم جي موٽ ۾ نافرماني ۽ انحرافي ڪري رهيو آهي، حالانڪہ الله جي هن عنايت ۽ نوازش مان هن جي معرفت حاصل ڪرڻ، سندس شڪر ادا ڪرڻ ۽ مليل مهلت مان فائدو حاصل ڪرڻ بدران انسان نافرماني، ناشڪري ۽ ناقدري ڪري ٿو. حيات موت جو اهڙو ذڪر سورة المؤمن، سورة الغافر: 11/40 ۽ 68، البقره: 28/2 ۾ پڻ آيو آهي. ”اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَكَفُوۡرٌ“ پر انسان نهايت بي شڪرو آهي. الله جون نعمتون سامهون نظر اچي رهيون آهن، پوءِ بہ انهن جو انڪار ڪري ٿو. انسان جي پهرين زندگي، وري موت ۽ وري دوباره زندگي بہ نعمتن کان گهٽ نہ آهي. موت بہ ان معنيٰ ۾ نعمت آهي تہ انسان هن جهان جي خسارن کان آزاد ٿي، ايندڙ حيات ڏانهن سفر ڪري رهيو، جنهن حيات ۾ الله جو رضامندو، جنت جا باغ ۽ بيشمار نعمتون موجود آهن.

حاصل مطلب تہ الله جو وجود، وحدانيت، ربوبيت، رحمت ۽ ڪمال قدرت جا دليل موجود آهن، پوءِ بہ ڪافر ۽ مشرڪ پنهنجي مهربان رب جي وحدانيت کي نٿا مڃن. هي اسان جون قانون آهي، جيڪو انسان جي رهنمائي لاءِ شروع کان هلندو اچي. مختلف ادوار ۾ ان وقت جي تقاضائن ۽ ضرورتن مطابق جدا جدا قومن لاءِ سندن رسم و رواج ۽ طرز معاشرت الڳ آهن تہ ان ۾ لڙڻ جهڳڙن جي ضرورت ناهي. (البقره: 162/2) اصل ۾ دين هڪ آهي، مناسڪ ۾ يعني عبادت جي طور طريقي ۾ اختلاف ٿيو. ان ڪري ماڻهن کي توسان جهڳڙي ڪرڻ جو حق ناهي. اصل ۾ دعوت هڪ دين جي ”وَادۡعُ اِلٰى رَبِّكَ ؕ اِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى مُّسۡتَقِيۡمٍ“ جيڪڏهن هن هوندي بہ مخالف نٿا مڃين تہ معاملو الله تي ڇڏي ڏي. قيامت جي ڏينهن هو انهن درميان فيصلو صادر ڪندو تہ هنن جي مختلف مسلڪن ۽ مذهبن مان ڪهڙو درست ۽ ڪهڙو غلط آهي. (البقره: 21/2، الحج: 17/22، 34، 57-56) هن وقت ان ۾ جهڳڙو ڪرڻ فساد کي جنم ڏيندو ۽ ڌرتيءَ جو امن وسڪون فتني ۽ فساد جي

نذر ٿي ويندو، ان ڪري خاموشي اختيار ڪرڻ ئي بهترين جواب آهي. جيڪڏهن الله جي رسول مقبول ﷺ لاءِ به خاموش رهڻ جي راهه جو انتخاب ڪيو ويو آهي ته پوءِ بين ڪي اهو ڪنهن حق ڏنو آهي ته بي سود تنازع پيدا ڪري، حالات خراب ڪجن، جيڪڏهن اسان جا عالم ۽ مشائخ آيت جي هن حڪم تي عمل درآمد ڪن، ته مذهبي نزاع ۽ جهڳڙا ختم ٿي ويندا. ڇا توهان کي معلوم ناهي ته آسمانن ۽ زمين تي الله جي حڪمراني اختيار ۽ اقتدار آهي ۽ اهو ئي پوري علم ۽ ڄاڻ سان ان جو ڪامياب نظام هلائي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪو نقص يا عيب نظر نٿو اچي. سالن ۽ صدين ڪان پنهنجي مقرر ڪيل دائري ۾ هر شيءِ عمل پذير آهي ۽ هر شيءِ جو عمل روزانا جي بنياد تي الله جي ڪتاب ۾ اکر به اکر محفوظ آهي، يعني هزارين، لکين بلڪل ڪروڙين اربين انسان جو هر قول و فعل موجود آهي. هن رڪارڊ جو جيڪو نظام ناممڪن نظر اچي ٿو، اهو ڪرڻ الله لاءِ آسان آهي، ان ڪري خبردار ٿي وڃو هي رڪارڊ هڪ ڏينهن اهڙي طرح اکين آڏو ايندو، جو هر ماڻهو دانهون ڪندي چوندو ته هي ڪهڙو دفتر آهي، جنهن ۾ ننڍي وڏي شيءِ پنهنجي پوري جذبات سان محفوظ آهي. هي خطاب بظاهر نبي اڪرم ﷺ کي ڪيو ويو آهي، پر دراصل هن جي هر حرف جو ڪتاب انهن مخالفن ۽ حق جي منڪرن ڏانهن آهي ۽ اهو حساب رکڻ الله لاءِ نهايت آسان آهي. هنن جي اختلاف جو هڪ سبب هي به آهي ته هو هڪ دين هڪ الله جي اطاعت کي ڇڏي، انهن قوتن جي محڪوميت، تابعداري ۽ اطاعت ڪن ٿا، جنهن جي حقيقي هجڻ جو نه هنن وٽ ڪو ثبوت آهي ۽ نه وري انهن لاءِ ڪا سَنَدَ نازل ڪئي آهي. هي ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد جا پوئلگ آهن. (يونس: 39/10) هنن جي اکين تي ڪوپا، ڪنن ۾ ڪپاهه ۽ دلين تي مهر لڳل آهي، هو حق ۽ سچ ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ان تي سوچڻ واري صلاحيت ڪان محروم ٿي چڪا آهن.

معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪي ماڻهو خدا جي قانون سان سرڪشي ڪن ٿا ۽ ان جي مخالفت ۾ پورو زور لڳائين ٿا، ان جي نتيجي ۾ آيل عذاب ڪان هنن کي ڪير به مدد ڪري ۽ بچائي نٿو سگهي، جنهن باهه جو ٻارڻ ان ۾ سندن نڪاٽو آهي. هنن نياڳن ماڻهن جي اها حالت زار اها آهي، جو جڏهن هنن اڳيان اسان جا روشن دليل، چٽا احڪام ۽ صاف سٿرا قانون پيش ڪيا وڃن ٿا ته هنن جي اندر ۾ نفرت ۽ سرڪشي جا جذبات اهڙي شدت

سان اثرانداز ٿين ٿا، جو هو بي حد مشتعل ٿي وڃن ٿا ۽ ان جا آثار سندن چهرن تي نمايان نظر اچن ٿا، جنهن کي ڏسي اوهان سڃاڻي وڃو ٿا ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو آپي کان ٻاهر نڪري ويا آهن ۽ ان ماڻهن تي حملو ڪري ڏيندا، جيڪي هنن جي سامهون اسان جون آيتون پيش ڪن ٿا. هي ڪيڏي نه بدنصيبي ۽ بدبختي آهي، جو هو پنهنجي فائدي ۽ نجات واري راهه ڇڏي، نقصانن ۽ گرفت (پڪڙ) جو رستو اختيار ڪن ٿا. اهو ان ڪري آهي، جو هنن گمراهه ماڻهن ۽ مشرڪن آڏو جڏهن توحيد جا روشن دليل پيش ٿين ٿا ته هو پنهنجي مصنوعي معبودن جي باطل هجڻ جو ٻڌي مشتعل ٿي وڃن ٿا. هنن جي هن حالت زار کي ڏسي ڪين چئو ته مان اوهان کي هن کان گهڻو بدتر ۽ ناگوار ٿي ٻڌايان، اها دوزخ جي باهه آهي، جيڪا خدائي وعدي مطابق هنن جي رهائش گاهه آهي، ڇو ته هي الله جي وحدانيت جا منڪر آهن ۽ الله ۽ الله جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ۽ مسلمانن جا ڪٽر دشمن آهن. هنن جي حق ۾ الله تعالىٰ جي طرفان اهو وعدو هر حال ۾ پورو ٿيندو، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ ٽاري نٿو سگهجي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ
اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّ لَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَ اِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ
شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَ الْمَطْلُوْبُ ﴿٧٣﴾ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ
حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٧٤﴾ اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّ
مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ۚ ﴿٧٥﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا
خَلْفَهُمْ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٧٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَ
اسْجُدُوْا وَ اعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَ افْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۩ السجدة ﴿٧٧﴾ وَ جَاهِدُوْا
فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ

حَرَجٍ ۭ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ۭ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ڏ مِنْ قَبْلُ وَ فِيْ
هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَاۗءَ عَلَي النَّاسِ ښ
فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ۭ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى
وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿۷۸﴾ ع

ع ١٠ ١٧

اي انسانؤ! هڪ مثال بيان ڪجي ٿو پوءِ ذرا توجه سان ان ڪي ٻڌو ته يقيناً توهان جن ٻتن ڪي الله ڪانسواءِ پڪاريو ٿا، هڪ مک به تخليق (پيدا) ڪري نٿا سگهن، توڙي هو سمورا ان واسطي ڪٺا ٿي وڃن ۽ جيڪڏهن مک به ڪڏهن هنن جي ڪا شيءِ ڪسي وٺي ته اهي ان کان اها شيءِ به ڇڏائي نٿا سگهن. پوڄاري به بي بس آهن ته سندن معبود به عاجز آهن. (73) هنن الله جو اهو قدر ڪو نه ڪيو، جيڪو هن جي قدر جو حق هيو، بيشڪ الله تمام وڏي طاقت وارو ۽ سڀ تي غالب رهڻ وارو آهي.(74) الله ڪجهه فرشتن مان ۽ ڪجهه انسانن مان پيغام رسان لاءِ (برگزيده) منتخب ڪري ٿو. بيشڪ الله سيمع ٻڌندڙ ۽ بصير ڏسندڙ آهي.(75) جو ڪجهه هنن جي سامهون آهي يا پويان آهي، اهو ڄاڻي ٿو ۽ سمورا معاملا الله طرف ئي رجوع ٿين ٿا.(76) اي ايمان جا دعويدارؤ! رڪوع ڪريو (جهڪي وڃو) سجدا ڪريو ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪريو ۽ نيڪ ڪم ڪريو ۽ جو ڪجهه ڪريو، نيڪيءَ جو عمل ڪريو، ته جيئن اوهان فلاح ۽ بهبود حاصل ڪري سگهو.(77) ۽ الله جي راهه ۾ (جهاد ڪيو) سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ جو، جيڪو حق آهي، اهو پوري طرح ادا ڪيو. ان ڪري هن توهان جو انتخاب ڪيو آهي. توهان لاءِ دين ۾ ڪا به تنگي نه رکي آهي، توهان جي جد امجد حضرت ابراهيم ؑ جي ملت توهان لاءِ

**پسند ڪرڻ فرمائي، هن توهان جو نالو مسلمان رکيو، پوين وقتن ۾ به ۽ هن قرآن ۾ به (توهان جو نالو مسلم آهي) ان ڪري منتخب ڪيو آهي ته جيئن رسول ﷺ توهان بابت شاهدي ڏئي ۽ دنيا جي تمام انسان لاءِ توهان شاهدي ڏيڻ وارا هجو، سو توهان نماز جي قيام ۽ اهتمام جو انتظام ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪندا رهو. الله جي هدايت کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو، اهو ئي توهان جو مولىٰ آهي ۽ ڪيڏو بهترين مددگار آهي.(78)**

هن سورت جي هن آخري رڪوع کي مضمونن جي اعتبار سان اهم حيثيت آهي، جنهن جو ذڪر قرآن مجيد جي ڪيترين ئي سورتن ۾ آيو آهي. باطل معبودن کي پنهنجو ڪارساز سمجهڻ وارؤ! اوهان جيڪڏهن هنن مصنوعي معبودن جي حقيقت معلوم ڪرڻ گهرو ٿا ته اهو هڪ مثال ذريعي بيان ڪيو وڃي ٿو، ان کي غور سان ٻڌو. حقيقت اها آهي ته جن کي توهان خدا ڪانسواءِ پنهنجو معبود سمجهو ٿا، انهن کي هڪ مک پيدا ڪرڻ جي سگهه ناهي، توڙي هي سڀ پاڻ ۾ ملي پوري ڪوشش ڪن. معبود هجڻ جو حق صرف ان هستيءَ کي آهي، جنهن هي سارو جهان جوڙيو آهي. زمين، آسمان ۽ ان جي درميان موجود هر شيءِ ان جي تخليق آهي، ان جي برعڪس اوهان جا بت ايترو ته بي بس ۽ بي اختيار بوتا آهن، جيڪڏهن مک جهڙي ڪمزور ترين مخلوق هنن کان ڪا شيءِ کسي وٺي ۽ هضم به ڪري ڇڏي ته هنن ويچارن ۾ ايتري به قدرت ۽ قوت ناهي، جو اهي انهن کان پنهنجي کسيل شيءِ واپس وٺي سگهن. معبود ته ان کي ڪجي، جيڪو انسانن جي ڪمزوري ۽ ناتوانائي جو مداوا ڪري سگهي. هي ماڻهو اهڙا ته نادان آهن، جو جن کي پنهنجو معبود بڻايو اٿن، اهو هنن کان به زياده بي بس ۽ عاجز آهي. يعني پرستار به عاجز آهن ۽ انهن جا معبود به عاجز، پوءِ ”خفته را خفته کند بيدار“ يعني ستل کي ستل ڪيئن سجاڳ ڪندو، يا هڪ عاجز ٻئي عاجز جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو. هر ماڻهوءَ جو معبود ۽ محبوب هڪ مثالي شخصيت هوندو آهي. جڏهن ماڻهوءَ جو آئيڊيل مثالي شخص هڪ بي بس بت آهي ته پوءِ هنن بت پرستن جو ڇا حال هوندو؟

هن خطاب جا مخاطب ان وقت مڪي جا بت پرست ڪافر هئا، جيڪي بتن کي

پنهنجو حاجت روا ۽ مددگار سمجهندا هئا. خود ڪعبة الله ۾ 360 بت رکيل هئا، جن جي هو صبح و شام پوڄا ڪندا هئا، انهن کي شعور ڏيڻ لاءِ قرآن اهڙا مثال پيش ڪري رهيو آهي. هي اهو بت شڪنيءَ جو انداز ۽ پيام آهي، جيڪو حضرت ابراهيم ﷺ بتن کي پورا پورا ڪري ڇڏيو هو. (الصّٰفّٰت: 91/37 کان 94) حقيقت اها آهي تہ الله ذوالجلال جو جيڪو شان آهي، ان مطابق سندس عزت جو اظهار هئڻ گهرجي، مگر هي نامراد الله کي اهو مقام ڏيڻ ۾ ناڪام نظر آيا. الله جي ماهيت ۽ حقيقت ڄاڻڻ انسانن جي وس ۾ نہ آهي. هنن ڪافرن وانگر ڪيترا ماڻهو گمراهہ ٿي ويا.

درين ورطه گم گشت کشتی هزار
کہ پیدا نہ شد تخت اش بر کنار

هن ڪن ۾ ڪيتريون ئي (عقل جون) ٻيڙيون غرق ٿي ويون جن جو اڄ تائين ڪو پتو پار نہ آهي.

هن سورت جي پهرين ڇئن آيتن ۾ ”يَاَيُّهَا النَّاسُ“ ۾ سمورن انسانن کي خطاب آهي، پر آخري ٻن آيتن ۾ ”يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا“ ۾ رڳو ايمان وارن کي خطاب آهي. هنن الله بابت صحيح اندازا لڳايا ئي ناهن ۽ لڳائي بہ نٿا سگهن. ذات باري تعالیٰ جي حقيقت ڄاڻڻ حواسن، عقل ۽ فهم و فراست کان گهڻو مٿي ۽ ناممڪن آهي. الله نهايت بي پايان قوتن جو مالڪ آهي ۽ هو ڪائنات جي هر شيءِ تي غالب آهي. ياد رکو جنهن کي پنهنجو الله يا ڪارساز ۽ حاجت روا بڻائجي، اهو هي الله آهي، يا اوهان جا بي حس ۽ بي بس بت آهن. هو اهو چون ٿا تہ الله آهي، پر ان جي عظمت ۽ قدرت جو شعور نٿا رکن ۽ انهن جو انڪار ڪري، اهڙا مضحڪ خيز (کلڻ جهڙا) عقيدا گهڙن ٿا. هن طرح جا عقيدا يعني عاجز ۽ بي بتن کي پنهنجو موليٰ سڏڻ دراصل خدا جي اصل مقام ڄاڻڻ کان محروميءَ جو سبب آهي. (الانعام: 93/6، الزمر: 67/39)

بتن، ديوين ۽ ديوتائن جي حيثيت ۽ حقيقت ڄاڻڻ بعد تہ اهي عاجز بي بس ڪمزور آهن، نہ پنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري پنهنجن پوڄا ڪندڙن جي ڪنهن ڪم اچي سگهن، باقي رهيا فرشتا ۽ انبياء، جن کي هو پنهنجو معبود بڻائين ٿا ۽ فرشتن کي الله جون نياڻيون ۽ نبين کي خدا جو پٽ يا خدا جو شريڪ ۽ مقابل معبود سمجهن ٿا.

هن معاملي ۾ ڪين معلوم هئڻ گھرجي تہ الله فرشتن مان ڪجھ کي پيغام رسائي لاءِ منتخب ڪندو آهي، جھڙي طرح جبرئيل ﷷ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ ڏانهن وحي آڻيندا هئا ۽ اهڙي طرح انسانن مان ڪجھ کي رسول بڻايو ويندو آهي، جيڪي وحيءَ جي ملڻ بعد ان کي ٻين انسانن تائين پهچائي سگھن. هي هستيون بہ معبود هجڻ جو مرتبو مقام نٿيون رکن. ان ڪري انهن کي معبود بڻائڻ بہ جهالت ۽ گمراهيءَ ڪانسواءِ ڪجھ ناهي. بيشڪ الله سڀ ڪجھ ٻڌڻ وارو آهي ۽ ڏسڻ وارو آهي. هو هنن جي گستاخ جملن کان بہ آگاهہ آهي تہ سندن باطل عقيدن کان بہ باخبر آهي. خدا کان هنن جو ڪو راز يا فعل ڳجھو ناهي. الله تبارڪ و تعالیٰ جو علم ايترو تہ وسيع ۽ بي پايان آهي، جو ان جو اندازو لڳائڻ بہ ممڪن ناهي. هو تمام نوع انسان جي ماضي، حال ۽ مستقبل کان باخبر آهي. هن کي سڀن جي تقدير ۽ نتائج جو يقين ۽ غير متزلزل علم آهي. هن ڪائنات جا سمورا معاملات ان جي مرڪزي اقتدار ۽ اختيار سان پايه تڪميل تي پهچن ٿا. ڪا بہ شيءِ هن جي اقتدار جي احاطي کان ٻاهر نہ آهي. تمام قوتن ۽ اختيارن جو هڪ واحد مالڪ آهي، ڪا بہ شيءِ هن جي علم ۽ قدرت کان پري ناهي، ان ڪري اي ايمان آڻيندڙ مسلمانؤ! ان جي عبوديت ۽ محڪوميت اختيار ڪريو. هن جي حڪمن ۽ قانون آڏو جھڪو ۽ پوري پوري اطاعت ڪريو ۽ اهڙا ڪم ڪيو، جنهن ۾ الله جو راضپو ۽ خلق خدا جو ڀلو هجي، جنهن سان اوهان جي ذات ۾ وسعتون پيدا ٿين تہ جيئن اوهان فلاح ۽ بهبود حاصل ڪري سگھو. اهوئي زندگيءَ جو اصل مقصد ۽ مراد آهي. نظام خداوندي جي قيام ۽ بقا لاءِ بلا ناغي لڳاتار جدوجهد ۾ اهڙي طرح لڳاتار هجو، جيترو ان جو حق آهي يعني جان قربان ڪرڻ جو جيڪو حق آهي اهو حق ضرور ادا ڪيو. بني اسرائيل جي باري ۾ چيو ويو آهي: "تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ" سورة البقره: 11/2 ۾ بہ ساڳي تمنا ڪيل آهي. "ذِلَّةُ" شاهدي ڏيڻ جي سزا ۽ دنيا ۾ ذلت ۽ خواريءَ جو ذڪر سورة البقره:61/2 ۾ بہ آيو آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی،
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا

هن اوهان کي هن اعلیٰ مقام واري مرتبه جليله لاءِ منتخب ڪيو آهي. هي وڏي عزت ۽ مان شان وارو مرتبو آهي. هي ڪو بيگار جي ڪم جو بار اوهان تي نہ وڌو ويو

آهي. اوهان لاءِ دين ۾ ڪا تنگي نہ رکي آهي، ان ڪري دين جي آسانين ۽ عنايتن تي نظر رکو، جيڪو اوهان جي فائدي ۾ آهي. (البقره: 288/2) اوهان جي پڙڏاڏي حضرت ابراهيم عليه السلام سورة البقره: 128/2 ۾ اوهان جي لاءِ مسلمان هجڻ جي دعا گهري آهي، ان لاءِ تہ جيئن رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ اوهان تي شاهدي ڏئي. سورة البقره: 143/2 ۾ آيو آهي تہ اي مسلمانؤ! اسان توهان کي امتِ وسط بنايو آهي تہ جيئن توهان ماڻهن تي گواهي ڏيو ۽ رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ اوهان تي گواهہ هجي. اهڙيءَ طرح سورة الحج: 78/22، سورة النساءِ: 135/4 ۽ سورة المائده: 8/5 ۾ بہ انهيءَ گواهيءَ جو بيان آهي، جنهن لاءِ سورة الاعراف: 6/7 ۾ بہ چٽو حڪم آيو آهي. اقوام عالم جي امامت جو تاج اوهان جي سر تي رکيو ويندو. (البقره: 143/2) هي نظام ڪو نئون نظام ناهي، هي اهو ئي دين آهي، جيڪو توهان جي وارث اعلىٰ حضرت ابراهيم عليه السلام جي هٿن سان قيام پذير ٿيو. اوهان جي جماعت جو نالو نشان ”مسلمان“ آهي. هن ڪان علاه ڪوبہ نالو ناهي. خداوند ڪريم پنهنجي اهڙي جماعت جو نالو ” مسلمان“ رکيو آهي، هنن جي اڳ بہ شناخت ”مسلمان“ هجڻ سان هئي ۽ هينئر بہ ”مسلمان“ سڏائڻ سان آهي. خدا جي هن نظام جي خدا جو رسول ﷺ اوهان جي نگراني ۽ رهبري ڪندو ۽ بعد ۾ اها ذميداري اوهان جي ڪلهن تي آهي تہ توهان نوع انسان جي لاءِ زندگيءَ جو نمونو ۽ مثال بڻجو ۽ خلقِ خدا جي ترقي ۽ تعمير ۾ هٿ ونڊايو ۽ خدا جي نازل ڪيل ضابطہ حيات (قرآن حڪيم) کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو ۽ ان جي عملي تصوير ٿي وڃو. ياد رکو الله ئي اوهان جو ڪار ساز ۽ نگران آهي. نماز کي قائم ڪريو، زڪوات جي پوري ادائگي ڪريو. ان الله سان تعلق قائم رکو، جيڪو اوهان جو مولىٰ بہ آهي تہ مدگار بہ آهي.

سورت جي اختتام واريون پويون بہ آيتون آيت 77 ۽ 78 ۾ جن اهم نڪتن تي بحث ڪيو ويو آهي، ان جو مختصر بيان هن طرح آهي: (1) الله جي بندگي ۽ نيازمنديءَ ۾ سرگرم رهو، توهان جا سمورا ڪم خير صلاح جا هجن. جيڪڏهن حسن عمل جو اهو روح پيدا ٿي ويو تہ پوءِ اوهان لاءِ فلاح ئي فلاح آهي. (2) جدوجهد زندگي جو شعار هجي، جنهن جو مطلب آهي ڪمال درجي جي ڪوشش ڪرڻ ۽ الله لاءِ اهڙي ڪوشش سچي نيت، زبان، مال ۽ عمل سان ڪرڻ آهي. (3) الله اوهان کي ”خيرامت“ ڪري منتخب ڪيو

آهي. (4) هن توهان کي دين جي بهتر کان بهتر راهه ڏيکاري آهي، جنهن ۾ ڪا تنگي نه آهي، سڀ کان زياده آسان واضح فکر و عمل جي وسعت واري آهي. انسان ۾ فکر و عمل جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل اها تنگي هئي، جنهن کان اوهان کي نجات ملي آهي. (5) اهي تنگيون اصل دين ۾ نه هيون، بعد ۾ پيدا ڪيون ويون آهن. اصل دين ابراهيم عليه السلام جو دين آهي. (6) الله اوهان کي "مسلم" جو نالو ۽ شناخت ڏني آهي، اسلام اصل کان دين رهيو آهي. (7) الله جو رسول ﷺ اوهان تي گواهه هوندو ۽ اوهان تمام انسانن لاءِ گواهه هوندا. توهان پنهنجو چراغ ان نور مان روشن ڪريو ته پوءِ اوهان جي چراغ سان باقي دنيا جا چراغ روشن ٿي ويندا.

یک چراغسیت درین خانہ کہ از پرتو آن
ہر کجا می بینی انجمنے ساختہ اند

هن ڪارخانهءِ حيات ۾ هڪ چراغ آهي، جنهن جي پرتوي ۽ عڪس مان انجمنون آباد آهن.

هتان به نقطا نکري نور وار ٿيا: (1) هڪ ته دين جي وڏي ڪسوٽي اها آهي ته دين ۾ تنگي نه هجي. (2) ٻيو اوهان جي شناخت ۽ نام نمود "مسلمان" هئڻ گهرجي، جيڪو نالو اوهان کي الله طرفان عطا ٿيو آهي ۽ پاڻ کي مختلف مذهبي فرقن، ٽولن، مسلڪن ۽ عقيدن ۾ اچي الله جي رکيل نالي کي ڇڏي، خود ساخته نانءُ اختيار نه ڪيو. انساني وحدت گهرو ٿا ته پاڻ مسلمان سڏايو. تفرقا ۽ اختلاف گهرو ٿا ته پوءِ جدا جدا شناخت ڪريو. اڄ اسان جي ديني دعويدار طبقي جي حالت زار اسلام جي اتحادي خيال جي نفي آهي.

---

الحمد لله جو اڄ تاريخ 12 شوال 1444هجري بمطابق 2 مئي 2023ع ساڍي 10 وڳي رات سورة الحج جو ترجمو ۽ تشريح اختتام پذير ٿي. الله تعالىٰ منهنجي پرخلوص ڪوشش کي پايهءِ تڪميل تي پهچائي ۽ ان کي منهنجي لاءِ نجات جو ذريعو ۽ قرآن فهميءَ جي شائقين کي رحماني راهه ڏيکاري.

بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني و اياکم بالآيات والذکر الحکيم

(گلاسڪو - برطانيه)